
وطن، پرين ۽ موت
(مضمون)
رسول ميمڻ

وطن، پرين ۽ موت

(مضمون)

ليکڪ:

رسول ميمڻ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: وطن، پرين ۽ موت!
موضوع : مضمون
ليکڪ : رسول ميمڻ
پهريون ڇاپو : 2019ع
ڪمپوزنگ : خادم حسين جروار
ڇپائيندڙ : ڊجيٽل پبلشنگ هائوس
تنڊوالهيار

Watan, Piren aen Moot

Writen by : Rasool Memon
1st Edition : 2019
Composed by : Khadim Hussain jarwar
Published by: Digital Publishing House
Tando Allahyar

فهرست

- ارپنا 5
- سنڌ سلامت پاران 6

- گاڏجين 7
- منٽو جا سوَ سال 10
- پڪي ٻير 12
- حياتيءَ جا ڪجھ ڪٺا 18
- لفظن جي چيرڦاڙ 21
- آٽتا 26
- من شڪتي 30
- ڪهاڻي ڏرتيءَ مان ڦُٽي تي 34
- جديد سنڌي ناول جو معيار 37
- سرگوشيون 39
- وجوديت ۽ اشتراڪيت 42
- ادل سومرو: هر صنف جو شاعر 45
- شيخ اياز جون ڪهاڻيون 52
- ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي 55
- هڪ شاگرد، هڪ فقير 59
- وطن، پرين ۽ موت 61
- ڪاڏي جي ٽيبل تي رکيل ڪتاب 66
- ڪراچي يا ڪلاچي 71
- پيار جي هڪ ٻي صدي 76
- پارٽيون 79
- آتم نر آستي 83
- نالوئي رفيق هيو 87

ارپنا

رزاق مهر

ڪيهر شوڪت

۽

واجد

جن کي وسارڻ پاڻ وسارڻ آهي .

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”وطن پرين ۽ موت“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. مختلف قسم جي مضمونن جي هن مجموعي جو ليکڪ ناميارو ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ناول نگار **رسول ميمڻ** آهي.

هن ڪتاب ۾ رسول ميمڻ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ لکيل ڪالمن ۽ مضمونن سان گڏ مختلف شخصيتن جي فن ۽ فڪر تي لکيل بهترين لکڻيون موجود آهن. رسول ميمڻ هن وقت جي افساني ۽ ناول جو وڏو نالو آهي. سندس ڪيترائي پڙهندڙ موجود آهن، تنهنڪري سندس مضمونن جي به وڏي اهميت آهي.

هي ڪتاب اڳ ڪٿي به ڇپيو ناهي پر رسول ميمڻ صاحب قرب ڪري ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪليو آهي. سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي اسان ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي ادب ۽ سنڌي لکڻين کي هر هنڌ پهچايون. هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ خادم حسين جروار ڪئي آهي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

گاڊ جين
(Godgene)

فرانس ۽ سئزر لينڊ جي سرحدن وٽ سرن (Cern) طرفان ڪائناتي وجود جي کوجنا ۾ مادي جي ائٽم کي ان حد تائين ٽوڙيو ويو آهي جو ان اندر هڪ اهڙو ذرو هٿ آيو آهي. جيڪو مادي کي جنم ڏئي ٿو. ان ذري جا پيا به نالا آهن. پر مجموعي طور ان کي گاڊ پارٽيڪل جو نالو ڏنو ويو آهي.

اڄ کان ڪجهه سال اڳ طبعات جي ماهر هيگس (Higgs) جيڪو نظريو پيش ڪيو هيو ته ڪائنات جي ظهور ۽ وجود پويان جنهن طاقت جو هٿ آهي، اها خارجي نه پر داخلي آهي. اها خود مادي اندر موجود آهي ۽ مادي کي جنم ڏئي ٿي. هيگس (Higgs) جي ان نظريي تحت سائنسدانن جزي اندر ان هستيءَ کي ڳولهي لڌو آهي. اها هستي يا گاڊ پارٽيڪل جيڪو جزي اندر ذري جيان موجود آهي. اهو جزن کي پيدا ڪري مادي جي تخليق ڪري ٿو. ائين هر مادي اندر، هر جزي اندر هڪ ذرو آهي ۽ ذري اندر هستيءَ جو وجود موجود آهي. مادي جو هر جزو هستيءَ جو مرڪز آهي. هستي ٻاهر نه اندر آهي، ائين روحاني دنيا ۾ مادو جيڪو ڌڪار لائق آهي ۽ هر مادي اندر جيڪو فنا جو فلسفو آهي، اهو بدلجي پوي ٿو. چو جو مادو هاڻي جٽادار صورت ۾ سامهون آيو آهي، جنهن اندر تخليق ۽ پيدا ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي، اهو وڏي طاقت وارو آهي، ائٽم نهي ٿو ته ڪائنات کي ٺاهي ٿو ۽ ڊهي ٿو ته ڪائنات کي ڊاهي ٿو جيئن هيرو شيما ۽ ناگاساڪيءَ ۾ ٿيو.

انساني وجود جي صورتحال به مادي کان مختلف نه آهي، انساني وجود اندر ٺوس مادي جيان ائٽم جا جزا ۽ جزن جا ذرا ته نه آهن، پر انهن جا متبادل موجود آهن.

جاندار جيوگهرڙن (Cells) جو ٺهيل آهي، وجود اندر هر جيو گهرڙو پنهنجي الڳ حيثيت رکي ٿو. هر جيو گهرڙو انڪري منفرد آهي چو جو اهو پاڻ هڪ فرد جي حيثيت رکي ٿو دنيا ۾ اهڙا وجود به آهن، جيڪي صرف هڪ جيوگهرڙي تائين محدود آهن ۽ اهو هڪ جيوگهرڙو اهي سڀ خصلتون رکي ٿو جيڪي جيئڻ لاءِ ضروري آهن. جيئن Emoeba جيڪو خودبين ۾ نظر ايندو آهي، انساني وجود جيڪو گهڻ جيو گهرڙن (Multicells) جو ٺهيل آهي، ان اندر هر جيو گهرڙو انساني وجود کي جيئارڻ جي انفرادي ڪوشش ڪري ٿو انساني وجود جو هر جيو گهرڙو جيئڻ جي جدوجهد ۾ مشغول آهي، اهو حالتن پٽاندڙ موسمن، ماحولياتي تبديلين، جراثيمي تابڪاري اثرن، ڏکن سورن، غربت، ويڇوڙن، خوشين ۽ ٿڪن جي زير اثر پاڻ کي بدلائي انساني وجود کي سهارو ڏئي، تخمن (Genes) ۾ تبديليون (Multations) ڪري. جنهن تي اثرانداز ٿي هڪ ڊگهي عرصي کانپوءِ نسلن جي هاٿي ڪاٺي ۽ بدني بناوتون ان حد تائين تبديل ڪري وجهي ٿو جو اهي ماحول کي قبول ڪري پنهنجو ڪري وجهن ٿيون ۽ ائين انساني وجود دنيا ۾ برقرار رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اسان جا ايندڙ نسل

ماحولياتي ناپاڪين کي قبول (Adapt) ڪندي، ائين تبديل ٿي ويندا جو اهي ناپاڪيون پنهنجو اثر وڃائي ويهنديون. صدين کان پوءِ تابڪاري، سگريٽ يا ٻيون هاڃيڪار شيون ڪينسر جو سبب بڻجي نه سگهنديون. ڪينسر انساني جسم جو حصو بڻجي ان کي جيئرو رهڻ ۾ مدد ڏيندي، انسان تابڪاري، تماڪ ۽ ٻين هاڃيڪار شين سان ايڊوُرلي ملي ويندو جو انهن کانسواءِ ڪنهن به جسماني بيماريءَ ۾ وڪوڙجي ويندو.

ساهوارو ڪجهه نه آهي ڇڙو مغز (Brain) آهي ۽ جسم جا سڀ سرشتا (Systems) مغز کي جيئرو رکڻ جي جاکوڙ ڪن ٿا، انسان جو موت دراصل مغز جو موت آهي. جيئن مادي انهن گاڏ پارٽيڪل کي ڳولهي لڌو ويو آهي، ائين ساهواري جي جيو گهرڙي اندر گاڏجين ضرور موجود آهي، جيڪا انسان کي وجود برقرار رکڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اهو منهنجو ذاتي خيال آهي ۽ اهڙو ڪو به حوالو ڪنهن سائنسي ڪتاب ۾ ڏنل نه آهي. نه ئي ڪنهن اهڙو نظريو پيش ڪيو آهي. جنهن تحت کوجنا جو نئون در کولي سگهجي. ساهواري جي جيوگهرڙي اندر ڊي.اين.اي (DNA) جي ڪروموسوم (Chromosome) ۾ خدا ضرور ڪٿي لڪيل آهي، خدا انسان جي اندر آهي.

بيسڪ ميڊيڪل سائنسز جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ مون ٻه سال ڳلي جي گدود (Thyroid) تي کوجنا ڪئي، انهن جي ڊي اين اي تي جسم جي مختلف رتوپتن (Hormones) جي اثرن جو تجزيو ڪيو. منهنجي خيال ۾ ڪينسر ڪا بيماري نه آهي، اها جسم جو رد عمل آهي، جيڪو ماحولياتي تذليل ڪري سامهون اچي ٿو جيو گهرڙن جا گروهه عجلت ۾ پيدا ٿي جسم کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ بگڙجي ڪينسر جي صورت اختيار ڪن ٿا.

خدا جو ڪم انسان کي مارڻ نه جيئارڻ ۽ جنم ڏيڻ آهي. انسان پاڻ کي پاڻ ماري ٿو اهو پنهنجي وجود تي پاڻ وار ڪري ٿو جسم کي تباهه ۽ برباد ڪري ٿو جسم هڪ ڏينهن بيزار ٿي هن کان هٿ ٻڌي معافي وٺي موڪلائي وڃي ٿو.

اڄ کان پنجويهه سال کن پهريون جڏهن مان سول اسپتال سکر ۾ پيٿالاجسٽ هيس ته هڪ آمريڪي پروفيسر ڊيوڊسن سکر جي ڀرپاسي هڪ ڳوٺ ۾ جتي ننڍي قد وارا (Dwarf) پيدا ٿي رهيا هيا، انهن تي کوجنا ڪرڻ آيو. سندس کوجنا کان پوءِ ان جيڪو مقالو لکيو ان جو موضوع هيو.

Dwarfism in sindh

مون کي ان سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هو ان ڳوٺ ۾ ويو ۽ ڊينڊڙن ڄامڙن (Dwarfs) جي ويگن ڀري وٺي آيو هن انهن کي وڏيون خرچيون ڏنيون ۽ فل سوٽ سبرائي ڏنا. ويهه کن ڊينڊڙن لاءِ اسپتال جو هڪ پورو وارڊ خالي ڪرائي انهن کي رهائي سٺي مهمان نوازي ڪئي وئي، جنهن جو سڄو خرچ پروفيسر پاڻ برداشت ڪيو.

مون اسپتال جي ليبارٽريءَ ۾ ان کي سڀ سهولتون مهيا ڪري ڏنيون، جنهن ۾ سينٽري فيوج مشينون، انڪيوبيٽر ۽ خوردبين شامل هيا. مون اتي پهريون دفعو پروفيسر کي ڊينڊرن جي رت مان ڊي اين اي کي الڳ ڪندي ڏٺو. ان جا لفظ مون کي ياد آهن، سندس چوڻ هو.

DNA is controlling authority of surviv or survivor

ڊينڊرن جي ان ڳوٺ ۾ ڊينڊرائپ جو سبب ويجهن رشتيدارن ۾ شاديون هيون، جنهن ڪري اها Gene انهن جي خاندان ۾ رهندي پئي آئي. جڏهن ته ڌارين ڪٽنبن ۾ شاديون ڪري Gene Purification ٿي سگهي ٿي. دراصل انسان جي پنهنجي حڪمت عملي آهي جنهن کي خدا قبول ڪري ٿو. خدا انسان جي خواهشن جو احترام ڪري ٿو.

اهو سچ آهي ته سڀ انسان جي اندر موجود آهي. نيڪيءَ کان بديءَ تائين ۽ سونهن کان نفرت تائين. مادو حقيقت آهي ۽ مادي دنيا حقيقت جو گهر. حياتي ۽ زندگيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. اعمالن جي جنت ۽ دوزخ هتي ئي آهي. اهو ظلم آهي ته ڪنهن جي زندگيءَ کي لاحاصل لالچ ۾ زهر بنايو وڃي. خوابن جي آسري سجاڳين کي لٽيو وڃي. اهڙي سوچ ڪانپوءِ قانون ۽ انصاف جي اهميت وڌي وڃي ٿي. ڇو اسين ستر اُجورن جي آسري هڪ گناهه کي معاف ڪري بدامنيءَ جي حوصلا افزائي ڪري زندگيءَ جي حاصل ٿيل املهه گهڙين کي وڃائي ويهون ٿا.

خدا برحق آهي. اهو بندي جي هر جيوگهرڙي ۾ حڪم هلائي ٿو. جيو گهرڙو جيو گهرڙي کي جنم ڏئي ٿو جيئن گاڊ پارٽيڪل آهي. ائين گاڊ جين ضرور هوندي. جيڪا مادي جيان جزن کي جنم ڏيڻ بجاءِ ساهوارن جي جيو گهرڙي کي جنم ڏئي انهن جي حفاظت جا رستا هموار ڪندي هوندي.

مان فزسٽ يا بائلاجسٽ نه آهيان ۽ نه ئي ان نظريي جو دعويدار آهيان. ايترو ضرور آهي ته جيئن گاڊ پارٽيڪل کي ڳولهي لڌو ويو آهي ائين هڪ ڏينهن گاڊ جين کي به ضرور ڳولهي لڌو ويندو.

شايد صوفين سچ چيو آهي ته رب بندي جي من ۾ موجود آهي. خبر نه آهي. منصور "اناالحق" چئي ايڏي وڏي ڳالهه ڪيئن ڪئي؟ "اناالحق" جنهن جي لغوي معنا آهي "مان خدا آهيان" جڏهن منصور جي اهڙي دعويداريءَ تي سوچيان ٿو. "مون کان اڳ اهڙيون سڀ ڳالهيون ته منصور ڪري ويو هيو. مان ڪير ٿيندو آهيان حام هڻڻ وارو؟"

○

منٽو جا سوَ سال

ڪو وقت هيو ڪرشن چندر ۽ منٽو اردو ادب جا سڀ کان وڌيڪ پڙهيا ويندڙ اديب هيا. هاڻي ڪرشن چندر گهٽ نظر اچي ٿو پر منٽوءَ جو نانءُ گهڻن جي زبان تي آهي. ان حد تائين جو هڪ فوجي حڪمران ڪيس روشن خياليءَ جي علامت چئي طالبان خلاف سياسي استعمال ڪيو. ڪڏهن روشن خيالي فيشن تي پوندي آهي، ماڻهو روشن خياليءَ ڪي تمغن جيان سجائيندا آهن. تي سگهي ٿو انهن ائين سمجهيو هجي تہ روشن خيالي تڏهن وجود ۾ ايندي آهي جڏهن ڪو “اوندهہ خيالي” ۾ ميڻ بتي ٻاري لڪندو آهي.

منٽو جي شايد ڪا اهڙي ڪهاڻي هجي، جيڪا سنڌيءَ ۾ ترجمو نہ ٿي هجي، منٽو مڪمل سنڌي ٿي چڪو آهي. تخليقڪار ۽ پڙهندڙ وچ ۾ ڪو بہ ترجمو ائين هوندو آهي، جيئن سڪر ڪان لاڙڪاڻي ويندڙ روڊ، جيڪو سال ۾ بہ دفعا ٺهندو آهي ۽ چار دفعا ڊهندو آهي.

مون پال ورلن ڪي فرانسيسيءَ ۾ پڙهيو سمجهہ ۾ نہ آيو پر محسوس ڪيم جڻ چپن ۾ چنگ وڄندو هجي، سامهون ڪتاب جي ٻئي صفحي تي انگريزي ترجمو هيو پڙهيم سمجهہ ۾ تہ آيو پر اها رواني ۽ ردم نہ هيو ٻين زبانن جي پيٽ ۾ اردو اسان جي در سامهون ڪڙي ڪلڻ جي انتظار ۾ آهي ۽ در جي وٿين مان ڏسجي رهي آهي.

دنيا جا سمنڊ مليل آهن پر انهن جا نالا الڳ آهن. ڪناري تي ماڻهن جا سمنڊ آهن. ڪي بحرالڪاحل آهن، ڪي بحرالجاهل آهن. قومون خطن سان سڃاتيون وينديون آهن. مذهبن ۽ زبانن سان نہ.

ٻڙ جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ ڪتل آهن پر ان جون ڪجهہ پاڙون هوا ۾ لڙڪي ڌرتي ڳولهين ٿيون. ڌرتيءَ جي اهميت ان ڪري آهي جو اها پير رکڻ ڏئي ٿي. هوا ۾ لڙڪڻ خودڪشي آهي، وڻ پاڙن سان ڳنڍيل هوندا آهن ۽ انسان ڌرتيءَ ۾ پوريل آور سان.

سنڌ جي سرزمين تي سرجندڙ نئون اردو ادب بہ واٽي تي بيٺل آهي. پاڪستان ۾ ڪامياب اردو ادب پنجاب جي خطي ۾ لکيو ويو آهي. جنهن جو پس منظر پنجاب جي ڌرتي آهي. پنجابي اديب پنهنجي زبان کي پوئتي رکي جيڪا اردو ادب جي خدمت ڪئي آهي ان عيوض ڪيس پاڪستان پڻ نوازيو آهي.

منٽو جو تعلق بہ پنجاب سان آهي ۽ ان اردو زبان ۾ پنجابي ڪهاڻيون لکيون آهن. منٽو جي سڀ کان سٺي ڪهاڻي “ٽوبا ٽيڪ سنگهہ” آهي، ڇو جو اهو “سنگهہ” ئي آهي جيڪو هن جي اڪثر ڪهاڻين ۾ موجود نظر اچي ٿو ٽوبا ٽيڪ سنگهہ اها ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ جنس Sex جو عنصر نظر

نہ اچي ٿو سواءِ سک پاران ٻن چئن گارين جي، باقي هن جون اڪثر ڪهاڻيون جنسي پس منظر ۾ لکيل آهن. بلڪل ائين جيئن موپاسان جي ڪهاڻي نيڪلس جيڪا جنسي تذڪري کان سواءِ لکيل آهي، نہ تہ موپاسان منٽوءَ جو جنسي استاد آهي.

گڏيل پنجاب جي پس منظر ۾ اردو ادب جا پير پختا آهن. راجندر سنگهہ بيدي، احمد نديم قاسمي، اشفاق احمد، امرتا پريتم، بلونت سنگهہ ۽ ٻيا، ان صورت ۾ ڪامياب اردو ادب لکي سگهيا جو انهن وٽ پنجاب جي ڌرتي هئي.

اردو مختصر ڪهاڻيءَ جي ابي پريم چند پنهنجي چوڌاري رهندڙ مظلوم انسانن جي ڏکن ۽ سورن کي پيش ڪيو آهي. ان جا ڪردار اتي سرجن ٿا جتي ان جنم ورتو. پريم چند ترقي پسند اردو ادب جو بڻ بنياد هندستان جي سرزمين کي بنايو ان وقت جڏهن هندستان بدترين اقتصادي دور مان گذري رهيو هيو.

برصغير ۾ اردو ادب جو پس منظر آزاديءَ جي تحريڪ، اشتراڪيت جا نعرا ۽ ننڍي ڪنڊ جو ورهاڱو آهن. ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي برصغير جي ادب کي ايڏو تہ متاثر ڪيو جو اهو تاريخ جو روپ ڌاري چڪو آهي، ڪرشن چندر جو "غدار" ان دور جو اهڙو ناول آهي جيڪو ان سانحي جي جذباتي انداز ۾ تبليغ ڪري ٿو، منٽو مذهبي جنون جي زير اثر جنسي تشدد کي چرڪائيندڙ انداز ۾ پيش ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين جا نفسياتي اثر حيرت انگيز حدن کي ڇهن ٿا. جنهن جا مثال هن جون ڪهاڻيون "ٺنڍا گوشت" ۽ "کول دو" آهن.

بشير منگيءَ جو ترجمو ساراهہ جوڳو آهي، ڇو جو هو شاعر آهي ۽ شاعر وٽ لفظن جي کوٽ نہ هوندي آهي، سنڌي زبان ۾ هيءَ ڪتاب ان ڪري اهم آهي تہ ٻين زبانن جا اديب منٽو کي ياد ڪن يا نہ، پر سنڌي اديب ان جي سوَ سال پورا ٿيڻ تي ڪيس هڪ ڪتاب ارپي ان جي مهورت جي صورت ۾ خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن.

اسين مسلسل لکي رهيا آهيون. پوءِ اهو تخليقي ادب هجي، تحقيقي يا ترجما. سنڌي زبان کي فخر حاصل آهي تہ ان جو پرنٽ ميڊيا پاڪستان جي سڀني ٻولين کان وڌيڪ آهي.

باقي ايترو چوندس تہ سنڌ ۾ معياري اردو ادب سرجي نہ سگهيو آهي، اهو ختم ٿي رهيو آهي، انهن کي هن ڌرتيءَ جي ڳالهہ ڪرڻي پوندي، مونکي اميد آهي تہ ڪا اهڙي قرت العين حيدر ضرور پيدا ٿيندي جنهن جي اردو ناول جون پاڙون سنڌ ۾ کتل هونديون ۽ سندس موضوع هن ڌرتي جا ڏک سور ۽ پوڳنائون هوندا. پوءِ ان ناول جو نالو "آگ ڪا دريا" نہ صحيح "دريا ڪي آگ" ئي ڇو نہ هجي.

٥

پکي ٻير

زهر قاتل جو جام پري پيئاريو يارو،
چوٽڪارو ڏاهپ کان مونکي ڏياريو يارو.

واقعي ئي ڏاهپ انسان کي مونجهارو عطا ڪيو آهي، ڏاهپ جي وصف مڪمل نہ آهي، ڏاهپ معنا بدلائي ٿي، ڪڏهن سچ ڏاهپ جي اڳواٽي ڪري ٿو ڪڏهن ڪوڙ ڏاهپ جو علمبردار آهي، سچ ۽ ڪوڙ جاڙا ڀائر آهن، جيڪي همشڪل آهن، هڪ کي ڳولهيو ٻيو ملي ٿو ٻئي کي ڳولهيو پهريون ملي ٿو. چوراهي تي بيٺل انسان ڏاڍو منجهيل آهي، رستن جي رهنمائي ڪندڙ تير جي نشان جا نٽ ڍلا ٿي چڪا آهن، اهو هوا تي رخ بدلائي ٿو.

تاج بلوچ جي شاعري حقيقت جي ڳولها ۾ هيت بدلائي ٿي، جستجوءَ جي جاکوڙ ۾ ان کي چار مغز آهن، اٺ اکيون سورنهن ڄنگهون ۽ ٻارنهن ٻانهون، تاج جي شاعريءَ پويان لاتعداد فانوس ٻرن ٿا جنهن ڪري ڌرتيءَ تي ان جا ارڙهن عڪس نهن ٿا، هن جي شاعري علامتن جو روپ ڌاري سچ ۽ ڪوڙ کان مٿي هڪ نئون روپ اختيار ڪري چڪي آهي، جنهن کي نئون لفظ ڏيڻو پوندو، جنهن لاءِ نئون اچار تخليق ڪرڻو پوندو.

آئينا چور ٿيا، ڪوئي چهرو،
پنهنجو نہ پرائو ٿو لڳي.

يا

هر عڪس ۾ ملندوسانءِ،
ڪنهن شخص ۾ ملندوسانءِ
يا رقص ۾ ملندوسانءِ.

تحرير انفرادي سوچ ۽ سمجهہ جي حد اندر پنهنجو ڏيکاءُ ڏئي ٿي، هر سوچ جي سگهہ ساڳي نہ آهي، ساڳي تحرير هر الڳ ذهن ۾ منفرد عڪس اڀاري ٿي، تجريد گهڻ رخو ڏيک آهي، جيئن خدا ۽ ان جا الڳ روپ.

تجريد پوءِ بہ سچ نہ آهي، اسين مونجهارن کي سهل بنائڻ لاءِ علامتون ايجاد ڪيون ٿا، جيئن ڪو صوفي مذهب جي ڍهندڙ عمارت کي ٽوڙيون ڏئي ٿو دراصل اسين جيئري رهڻ لاءِ صورتحال يا

وايو منڊل جي تبديلين جي زير اثر حيت بدلايون ٿا. جيڪا وس کان ٻاهر خودبخود نازل ٿيندڙ فطرتي عمل آهي. حالتون انسان کي بدلائي وجهن ٿيون ۽ انسان جيئرو رهي ٿو.

خدا انسان جي تخم (Gene) ۾ موجود آهي. اسين تخم (Gene) جا غلام آهيون. جيڪڏهن سچي دل سان خدا جا انڪاري ٿيون ته پوءِ هزارين سال انتظار ڪرڻو پوندو جيسين انڪاري نسلن جي تخم (Gene) مان خدا صاف نه ٿي وڃي. خدا جو انڪاري ٻارهين منزل تان پاڻ کي اڇلائي ٿو. موت جي خوف کان رڙيون ڪندو خدا کي ٻاڏائيندو پٽ تي ڪري ٿو ٻي ڏياني ۾ رب جو نانءُ زبان تي چڙهي ٿو ڇا ڪيون مجبور آهيون.

ساقي تنهنجي اک لڳي هوندي،
ميڪشن جا رنگ ساڳيا آهن.
ڪنهن ساقيءَ کان پڇيو:
"ڪڏهن پاڻ به پيتو ٿي يا ٻين کي پيئاريندو ٿو وتين؟"
ساقيءَ خماريل نيڻ کڻي چيو:
"اسين پيتي بنا پرٻاش آهيون"

مون کي ننڊي هوندي پاڙي مان لنگهيندڙ جينمل پنساريءَ جي ڪپڙن مان هريڙن جي بوءِ ايندي هئي ۽ جمعي جي نماز کانپوءِ موتي مجسد ٻاهران نياز ورهائيندڙ ويڻشيا جي چانورن مان شرم گاهه جي بوءِ. ساڳي طرح ساقيءَ جا ڪپڙا مڌ پنل آهن ۽ شهيد جا رت رنگيل. ميڪشن جا رنگ ساڳيا آهن. باقي اک لڳيءَ جا مطلب گهڻا آهن. جيڪڏهن ساقي سمهيو ته سرمستيءَ جا ڪم لٿا ۽ ڪنهن جي اک لڳي ته ان جهڙو خوشقسمت ڪير؟

مڌ ۾ ٻوٽل اکيون،
جڻ وڙهي پرتل اکيون.

اهڙا شعر پڙهڻ سان خمار طاري ٿئي ٿو لفظن جا چپ چمڻ تي دل چوي ٿي.

آئينا چور ٿيا،
ڪوئي چهرو پرائو نه پنهنجو لڳي ٿو.

دنيا شيشي جي ٺهيل آهي ۽ اسين پاچا آهيون. اسان جي چهرن جا عڪس شيشن ۾ نهن ٿا. آئيني جو ٽٽجڻ شناخت جو منتجڻ آهي. وجود پاڇي ۾ بدلجي وڃي ٿو پاڇو ننهڻ اس ۾ بيٺل آهي. ان جي چهري کي ڪا تشبيهه نه آهي. وجود پاڇن جي ڇانوَ ۾ لڪيل آهن.

نند ۾ هلندي تاج نيڻ ڦٽيا

عشق ارتقا جو عروج آهي، جڏهن ماڻهو مڪمل ٿيندو تہ عاشق سڏائيو ننڊ ۾ هلڻ جي جاڪوڙ ڪنهن کي ڏسڻ جي جستجو آهي، اهڙي حسرت تصور ۾ محبوب جو چهرو تخليق ڪري ٿي ۽ چهري ڏسڻ جي آرزوءَ ۾ اکيون جنم وٺن ٿيون، نيڻ ڦٿن ٿا، جستجو جيئرو رکي ٿي، وڇوڙي جي خوف کان دل جي ڌڙڪن جاري آهي، توڏانهن پهچڻ جي ارادي تي رت جي گردش روان آهي، مان جيئرو آهيان، تون مون ۾ جيئرو آهين.

جام نہ آهي سر ٽڪرايو،
ڪنهن نموني دل وندرايو.

فرار حرارت بخشي ٿو، پڇي نڪتل قيدي جي نرڙ تي پگهر جون بوندون چمڪن ٿيون، فرار نئون رستو ڏيکاري ٿو، جام نہ هوندي سر ٽڪرائڻ ۽ دل وندرائڻ زندگيءَ جو پيغام آهي، مدهوشيءَ جي سرور ۾ سڀ ڏک خودڪشي ڪن ٿا، دنيا ۾ مست جي دل سڀ کان وڏيڪ خوشي ماڻي ٿي، سرمستي نجات آهي.

تنهنجي زلفن سان جن جو ڪم آهي،
تن جي دنيا ۾ پيچ وخم آهي.

اسان جي عقل جون آڱريون زماني جا زلف سلجهائي نہ سگهيون آهن، اسين واٽون وڃائي ويٺل شخص آهيون، ترين تي سچ رکيل آهن، تيز روشنيءَ ۾ انڌا ٿي چڪا آهيون، انا ۽ ڏاهپ جا سچ، دعويداري ۽ Perfection جا سچ، چاتين سان چنبڙيل، ٻار جيڪي زلفن سان کيڏن ٿا ۽ محبوبا جنهن جي چميءَ جو ذائقو ڪتي کير جهڙو آهي.

رت جي درياهہ ۾ ٻڏي ويا رنگ

ڏاڍو ڏکيو آهي سٽ کي سمجهڻ ۽ وضاحت ڪرڻ، سمجهہ احساس آهي، جيڪو شعور جي پهچ جو حاصل آهي، احساس ساڳيا نہ آهن، سمجهہ جي وصف ناممڪن آهي، هرڪو پنهنجي رنگ ۾ محسوس ڪري ٿو جيترو محسوس ڪري سگهي، پر ايترو ضرور آهي تہ رت جي درياهہ جو منظر ٻاهہ جي ٻوڏ کان گهٽ نہ آهي.

حرف حرف جي بيهڪ بگڙي،
جذبي جو اتساهہ مئو
لفظ لفظ جي معنا بدلي،
لهجي جو ويساهہ مئو.

ڪجهه به حتمي نه آهي، هر شيءِ مڪمل ٿيڻ جي آرزوءَ ۾ بگڙجي تبديليءَ جا مرحلا طئي ڪري ٿي، ايتري پڪ آهي ته ڪائنات جي بقا تائين ڪا به شيءِ مڪمل ٿي نه سگهندي، مون هڪ دفعي ڪهاڻي لکي مڪمل ڪئي، ڏاڍو خوش ٿيس.

ان ۾ سڌارو ڪرڻ لاءِ جڏهن پين کڻي پڙهڻ شروع ڪيم ته جملن تي لڪيرون پائيندو ان حد تائين هليو ويس جو پوري ڪهاڻي ڪٽي ڦٽي ڪيم. سوچيم ان ڪهاڻيءَ جو سڀ کان سٺو عنوان آهي "اڇا پنا، ڪارا پنا"

سوچن جا وار به سفيد ٿين ٿا، اتساهه ۽ ويساهه مرڻ کان اڳ پوڙها ٿين ٿا، لفظ جيڪي ليکڪ جا غلام آهن، بگڙجي بغاوت ڪن ٿا، تفسيرون رت وهائين ٿيون.

دل جي اجلي چادر تي ڪا،
البيلي پائي ويئي ليڪا.

چون ٿا دنيا جي وڏي ۾ وڏي ايجاد ڦيٿو آهي، پر مان چوان ٿو ته وڏي ۾ وڏي ايجاد ليڪ آهي، ڪائنات جي هر شيءَ ليڪ جو بگاڙ آهي، جڏهن پيغمبرن الله کي ڳولهڻ جي دعوا ڪئي ته ليڪ پاتي، جڏهن سائنسدان ليڪ کي ڦيرايو ته ڦيٿو ايجاد ٿيو انسان جي جسم تي پنج سوڀارنهن ليڪون آهن، قسمت جون ليڪون هٿ تي نه آهن ڪنهن ٻئي هنڌ آهن، پر دل جي چادر اجري آهي، جنهن تي ليڪ جو اختيار محبوب کانسواءِ ڪنهن وٽ نه آهي.

نت نئون زخم نئون درد مليو،
هٿ هٿ سان جو مليو سرد مليو.

سردخاني تي موسم جو اثر نه هوندو آهي، جسم بي حس ۽ چرپر کان عاري هوندا آهن، روين جي لحاظ کان دنيا تي هڪ موسم طاري آهي، هٿ سرد تي چڪا آهن، جذبا سيءَ ۾ سڙي چڪا آهن، اسين اڪيلا آهيون.

جيڪي ٽانڊاٽا سيه رات ۾ سوپارا ٿيا ها جانان،
محض اهڃاڻ جيان هاڻ ڳڻجن ٿا ستارا جانان.

ٽانڊاٽا سيه رات ۾ سوپارا ٿي ستارن جا اهڃاڻ ٿي وڃن ٿا، بودليئر چيو "دنيا علامتن جو جهنگ آهي" ڪائنات جي هر شيءِ علامت کانسواءِ ڪجهه نه آهي، چوڪنڊا، مستطيل، گول ۽ ٽڪنڊا هر هنڌ وکريا پيا آهن، ڪائنات فطرت جي هٿ سان لکيل مورتي الفاظ آهن، Cubism مدي خارج ٿتل علامتن جو ڍير آهي، تجريد جي ديو کي لاتعداد منديون آهن، ڪائنات ۾ موضوعن جيان شبيهن جي

ڪا ڪوٺ نہ آهن. پير هينئان پيل ڪک ڪائنات جي نمائندگي ڪري ٿو ڳوڙهي ۾ سمنڊ جو ذائقو آهي.

ايڏو جلد ڪراڙو ڪيئن ٿيو؟
سنڌ عورت وانگيان
سمنڊ هاڻي سمنڊ بدران
سنڌ عورت لڳي ٿو

سمنڊ جي سطح تي پيدا ٿيندڙ لهرون ڇهري جا گهنج آهن. سمنڊ مرگهيءَ جو مريض آهي، جنهن جي وات مان گج نڪري ٿي، حياتي ڏيندڙ سمنڊ جون ٻچيدانيون خالي ٿي چڪيون آهن. ڪير ختم ٿي چڪو آهي، تمر جا وڻ ڪٽجي چڪا آهن. فطرت سمنڊ مان جنم ورتو سمنڊ جيو گهرڙن جو جهان آهي، اسين ايمفوبيا جو بدليل وجود آهيون. اسان جي رڳن ۾ سمنڊ جو پاڻي آهي ۽ ڳوڙهن ۾ نمڪيات. سمنڊ جو سنڌ ٿيڻ ان دروازي جو بند ٿيڻ آهي، جتان زندگي داخل ٿئي ٿي.

جسم تي روح جي ڪنهن جاءِ تي
ڪا جاءِ بچي نہ آهي
عشق آڪيرو ڪٿي جوڙيندو

گلن جا ٽوڪرا توهان ڪڻو عيسيٰ جي ڪلهن تي صليب آهي، زخم ڏيڻ لاءِ جاءِ ڳولهيو ڇو جو وجود وڍيل آهي، روح جسم ۾ ائين سمايل هوندو آهي جيئن حرف ۾ مس. روح ڦاٽل ڪتابن جا ورق آهن. پڪي جي وات ۾ ڪک آهي، ڪک جيتري جاءِ ڪٿي نہ آهي.

هو مسيحا ڪٿي موٽي نہ وڃي،
زخم دل جا جي ڇٽي ويا آهن،
تن ڪي سوچيان ٿو اديڙي ڇڏيان.

تندرست ڪي بہ مسيحا جو ساٿ گهرجي، مسيحا آهي تہ آٿت آهي، بيماري تہ بهانو آهي، عيادت ڪي اهميت آهي، منهنجو زخم سيني تي رکيل تنهنجي ترڻيءَ هينئان تازو نہ آهي پر سپ سور ڍڪيل آهن. اي ڏٺي زخم ڪي گهرو ڪر جيئن پرينءَ جو ساٿ سلامت رهي.

هٿ سڙي ويا آهن،
خط بچي ويا آهن،
چپ سڙي ويا آهن،
ڳل بچي ويا آهن.

توڪي چمندي چپ سڙي ويا پر تنهنجا ٻَل ائين بچي ويا، جيئن هٿ ساڙيندي خط بچي ويا، يقين ڪيو عاشق مٽيءَ مان ۽ محبوب باهه مان ٺهيل هوندا آهن. اسين خاڪ تي محبوب کي ڳولهي لهندا آهيون.

يا تہ ڪوئي ٻوهہ هو يا اکين جو ڏوهہ هيو،
واٽ ۾ جيڪا ملي سرسبز آبادي ملي.

واٽ ۾ سرسبز آباديءَ جو ملڻ ٻوهہ آهي، اکين جو ڏوهہ آهي، پر انهن اکين کي شاباس جن واٽ تي سرسبز آبادي ڏٺي، نظارا ناياب ٿي ويا آهن. ساوڪ سڙي چڪي آهي، منظر ويران آهن. اکين تي اعتبار نہ آهي، ندين جو پاڻي اجايل آهي، پوکن ۾ نيڻ ڦٽن ٿا، ڀرندڙ جبل تي برف چمڪي ٿي، خبر نہ آهي ڪڏهن يقين ڪرڻو پوندو تہ ايرندڙ دونهون جنگ جي ميدان مان نہ پر ڳوٺ جي رنڌڻن مان اڀري رهيو آهي.

ڪيڏانهن اڏائي خوشبو،
اجڙيل گهر گل ۽ گلدان،
ڀت تي ماڻهوءَ جي تصوير،
گهر ۾ رهي ٿو پر حيوان.

تاج جو ڪتاب Grief in Tetters جيڪو پڻ ساڳي ئي شاعريءَ جو انگريزي ترجمو آهي، تنهن باري ۾ ان ڪان وڌيڪ چا ٿو چئي سگهجي تہ سنڌ کي لطيف نوناريءَ جهڙن ترجمي نگارن جي سخت ضرورت آهي.

٥

حياتيءَ جا ڪجھ ڪٽا!

سنو نثر نويس اهو آهي جيڪو بنيادي طرح شاعر آهي، ڇو جو شاعر وٽ لفظن جا انبار آهن، لفظن جي استعمال جو ڏانءُ آهي، طارق عالم بہ بنيادي طرح شاعر آهي، سندس پهرين تحرير هڪ نظم هيو جيڪو 1975ع ۾ ماروئڙا رسالي ۾ شايع ٿيو.

ڇو نہ بادل جيان برسين ٿو پلا منهنجي مٿان،
ڇو ٽپهريءَ جيان هي وڻ ٿو جلائين اي دوست.

ٽپهريءَ جيان وڻ جو جلڻ ائين آهي جيئن سج هيٺ لهڻ کان اڳ سموري تپش مان آجو ٿيڻ چاهيندو هجي، جيئن طارق عالم جي حياتي، جيڪو تاڪ منجهند گذاري، ٽپهريءَ جو موڪلائي ويو، چوونجاهہ سال ڪا وڏي عمر نہ آهي، ترقي ملڪن جي ماڻهن تي جواني پنجاهہ سالن کان پوءِ ايندي آهي، اسين تاڪ منجهند جهڙا ماڻهو ننڍي عمر ۾ گذاري هليا وڃون ٿا.
طارق عالم نہ رهيو پر ڌرتيءَ تي سندس پيرن جا نشان، پٿين تي آڱرين جا نشان ۽ ورقن تي قلم جا نشان موجود آهن، اديب کي انڪري امرتا حاصل آهي تہ لفظ ان جو روح آهن، هو جملن ۾ سمائجي وڃي ٿو، ڪهاڻين ۾ جيئرو رهي ٿو ان جو فڪر سندس لفظن ۾ محفوظ رهي ٿو ۽ آزاد نظمن مان خارج ٿئي ٿو.
طارق عالم جو "رهجي ويل منظر" اسان جي اکين ۾ نقش آهي، هڪ سانتيڪو ڏيک جنهن ۾ عاشق موت کان محفوظ آهي ڇو جو اهو محبوبا جي هنج ۾ سمهيل آهي.

نگاهہ عڪس کي موتئي جي ماڪ ڏنڊلايو
سمورا ڏيک اجهاٽا پري پري تائين.

تخليل ساڳيو نہ آهي، تخليق هر فرد جو انفرادي مظاهرو آهي، دماغ آڪيرو آهي ۽ رهندڙ پکيءَ جي اڏام الڳ آهي، آکيري جا ڪي پکي هينائينءَ تي اڏامن ٿا، ڪي اوچائين تي، ڪي تمام مٿي هجڻ ڪري نظر نہ ٿا اچن، وري ڪي اهڙا آهن جيڪي اپ ٽپي وڃن ٿا، سڀ کان سگهاري اڏام شاعر جي آهي، ان جا منظر، عڪس، تشبيهون مختلف آهن، جنهن ڪري ان کي تخليقڪار چئون ٿا. ڇو جو هو خلقي ٿو وسيع سوچ جو مظاهرو ڪجي تہ هر انسان ۾ خلقڻهار موجود آهي، خلقڻهار پاڻ کي خلقي ٿو ڪو هن جهڙو سندس لاشعور ۾ ضرور آهي، جيڪو ڪيس بدلائي ٿو بچائي ٿو جيئاري ٿو ۽ ماري ٿو اسين نِسرتائي گهوڙا آهيون.

We are the evolutionary horses

اسين ماضيءَ جي لڏ ۾ ليٽي مستقبل ڏي ڊوڙون ٿا. ڊوڙندي پل ڇنگهون زراف جيڏيون ٿي وڃن پر وجود مان لڏ جي بوءِ ختم نہ ٿيندي. بقول طارق عالم جي تہ:

منهنجي ڪروڙين سال قديم
نيٽن جي واديءَ ۾
وڇوڙن جي ڏنڌ
اڻ ڇتو ڏسڻ جو
عادي بنائي ڇڏيو آهي

سندس ان نثري نظم تي غور ڪيو هن ڪروڙين سالن جي قدامت کي لحظي ۾ قيد ڪيو آهي، انساني سمائي سگهڻ جي سگهہ (Adaptive Capability) سمجهہ کان ٻاهر آهي، اسين غلاميءَ کي اڻ سڌي طرح آزادي محسوس ڪيون ٿا، ظلم کي ائين برداشت ڪيون ٿا، جيئن ظلم ڪو احسان هجي، اسين ذلت کي Justify ڪري عزت لائق بنايون ٿا، ان لاءِ تہ هر حال ۾ جيئڻ و رهڻو آهي، انسان عادي Habitual آهي، هو هر شيءِ جو عادي ٿي پوي ٿو عشق، آوارا گي، سگريٽ، شراب، علت المشائخ و مشائخ العت.

هڪ ڪروڙ سالن تائين ڪائنات ڏنڌ ۾ وڪوڙيل هجي تہ اسين مري ڪين ويندا سين، پر بدلجي (Modify) ويندا سين، ٻاهر ٻانها آهيون، اندر ڪو آهي، جنهن جي تابع اڻ ڇتي ڏسڻ جا عادي ٿي ويندا سين، تڏهن تہ چوندا آهن "سنڌوءَ ۾ انڌي ٻلهڻ رهي ٿي، جيڪا دنيا جي منفرد ٻلهڻ آهي" مون کي ياد آهي سکر ۾ نگڙي شاهہ راج گهاٽ وٽ ڪنڌي وجهي وينل هوندو هيو، سندس ڪنڌيءَ ۾ ڪل ڪگا ڦاسندا هيا، هن ٻڌايو "ڪنڌيءَ ۾ ڪل اکين وارا ڦاسن ٿا، ڪا انڌي ڦاسي ئي ڪونہ ٿي."

ڏسڻ لاءِ اکيون ضروري آهن پر جيڪڏهن ڪنهن نسل کي صدين تائين اونده ۾ رکيو وڃي تہ ان جون اکيون ختم ٿي وينديون ۽ ڏسڻ جي حِس ڪنهن ٻي احساس ۾ جاڳي پوندي ۽ اها حِس اکين کان ڏهوڻي حساس هوندي.

دردن کي ائين ورايان جيئن،
ڏڻ پويان هوڪر ڏنار ڪري.

ڏنو وڃي تہ سنڌ ۾ گهڻن ليکڪن لکڻ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي آهي، جيڪي نثرنگار شاعريءَ کان وانجهيل آهن، اهي ائين آهن جيئن رندي بنا ٻڪڻ، پر عظيم ٻڪڻ اهي آهن، جن جي گهر ۾ ڏوئي آهي.

چون ٿا جڏهن ٻڪڻ ڪوڪا هٽي صليب تيار ڪيو هيو تہ رومين هن کي چيو: "چار ڪليون عيسيٰ کي بہ هلڻ"

ڏکڻ وراڻيو هيو: ”اهو ڪيئن ممڪن آهي ته لوهر جو ڪم ڏکڻ ڪري“ سنڌ ۾ لوهر به جام آهن ۽ تنقيد نگاريءَ جو ڪم انهن حوالي آهي.

تصور ۾ تنهنجو ڳڙي روپ ائين،
لڳي ٿو هوا ۾ ڪنول پيو تري.

طارق جي لکڻين جو محور رومانس آهي، هن جي لکڻين جو هيرو سرد شام ۾ ململ جي قميض پائي ڪنڌ ۾ مفلر ويڙهي بيٺل آهي، خبر نه آهي هن کي ڪنهن جي نظر لڳي، ڪارن ڏاڍن ۾ ترقي پسندن جو ايمان نه آهي، مٿي ڏنل سِٽن ۾ روپ جو ڳڙڻ عجيب منظر آهي، برف جا روپ رجندا آهن، نه شايد ڳڙندا آهن، مائيڪل اينجيلو بي روزگاريءَ ۾ پٿر جا بت ٺاهيا، اٽليءَ جي بادشاهه ڪيس روزگار ڏئي برف جا بت ٺهرايا، هو بادشاهه جي حڪم تي صبح جو سوير برف مان بت تراشيندو هيو، بادشاهه سلامت مصروفيتن مان وقت ڪڍي ايندو هيو ته برف جا بت ٽيپو ٽيپو ٿي ڳڙندا هيا، هڪ دفعي بادشاهه مائيڪل اينجيلو کي چيو: ”جيڏي تنهنجي تعريف ٻڌي هئي تون ايڏو آهين ته نه؟“

جواب ۾ مائيڪل اينجيلو جون اکيون ڳڙڻ لڳيون.

”رات سانت ۽ سوچون“ ”سجاڳ جي ڳولا ۾“ طارق جي ڪهاڻين جا ڪردار زندگيءَ کي ويجها آهن، پر افسوس هو موت کي ويجهو ٿي ويو شايد ڪلا جي مزار ٻاهران هن حياتيءَ جا ڪجهه ڪٽا پاند ۾ وجهي، زائرين کي ورهائي ڏنا، هن جو پاند خالي ٿي ويو اسين جيئرا آهيون شايد ان ڪري جو ورهائڻ ۾ ڪنجوس آهيون.

سمورا سوال رهجي ويا هوا ۾،
فقط احوال رهجي ويا هوا ۾.

o

(طارق عالم ابڙو جي ٻي ورسيءَ تي ڪيل صدارتي تقرير)

لفظن جي چير ڦاڙ

جديديت (Modernism) جو ڪو وجود نہ آهي، انڪري تہ جديديت تبديلن جو تسلسل آهي، ضروري نہ آهي تہ تبديليون حدن کي اجاگر ڪن، هر شيءِ پراڻيءَ ۾ تبديل ٿئي ٿي ۽ وري نئينءَ ۾ تبديل ٿئي ٿي ۽ وري نئينءَ ۾ تبديل ٿي سامهون اچي سگهي ٿي، ائين جدت پنهنجي اهميت وڃائي ويهي ٿي، جديد عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنا نئون يا تازو وارد ٿيل آهي، ڏٺو وڃي تہ لفظ جديد ڪائنات جي ڪنهن بہ شيءِ تي لاڳو نہ ٿو ٿئي، پوءِ اها شيءِ مادي هجي، روحاني يا تخليقي.

عربي لفظ جديدت انگريزي لفظ Modernism جي صحيح ترجماني نہ ٿو ڪري، ماڊرنزم جي لغوي معنا "نواڻ" نہ آهي، پر "تازي آيل تبديلي" آهي. جيڪا لفظ Modo مان نڪتل آهي، جڏهن تہ لفظ جديديت تبديليءَ جي وضاحت بنا صرف نواڻ کي اجاگر ڪري ٿو جيڪا ماڊرنزم جي صحيح وصف نہ آهي، انگريزي طاقتور زبان آهي. ان جي هر لفظ ۾ وصف سمايل هوندي آهي. ماڊرنزم کي جديديت نہ پر جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ لفظ "نويلدتا" چئجي تہ پوءِ بحث ڪري سگهجي ٿو ستارن جو ستارن مان ڦٽي نڪرڻ ۽ انسان مان انسان جو نروار ٿيڻ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي، انسان جڏهن ڌرتيءَ تي ڪٽڪ جو ٻوٽو پوکيو تہ پاڻ کي ترقي يافيا ۽ مهذب سمجهيو.

دراصل نويدلتا (Modernism) کي سچو ثابت بہ ڪجي تہ پوءِ اها ارتقائي Evolutionary لقائن جو نتيجو آهي.

مون کي لفظ ارتقا لکندي وري مونجهارو محسوس ٿئي ٿو. انگريزي لفظ Evolution لاءِ ارتقا جو لفظ غلط بيانيءَ ڏانهن ڏڪي ٿو. ڇو جو ڪٿي بہ فطري طرح ترقيءَ جو عمل جاري نہ آهي، پر اهو گهرج مطابق تبديليءَ جو عمل آهي، جيڪو ضرورتن جي آڌار ساهواري يا فطرت جي سرشتي کي برقرار رکڻ ۾ سهولت فراهم ڪري ٿو.

سنڌي زبان ۾ Evolution لاءِ ڪهڙو لفظ استعمال ٿي سگهي ٿو؟ اسين مضمونن ۾ اهي لفظ استعمال ڪريون ٿا جن جون معنائون انگريزي جي استعمال ٿيندڙ لفظن جي مفهومن تي ٺهڪي نہ ٿيون اچن. اردو ۽ فارسيءَ جا ڪئي اهڙا لفظ آهن، جن ۾ انگريزيءَ جي اصل لفظن جي معنا ۽ مفهوم جي وضاحت سمايل نہ آهي، اسين سنڌي جيڪي دنيا جي قديم زبان جا دعويدار آهيون، پنهنجا سائنسي ۽ ادبي لفظ جوڙڻ بجاءِ ڌارين ٻولين جا ٺهڪي نہ ايندڙ لفظ ڪتب آڻيون ٿا، جيڪي عالمي معيار جا نہ آهن، شايد سوچن کي تڪليف ڏيڻ جي عادت اسان مان نڪري چڪي آهي.

دارون جي نظريي ۾ ارتقائي Progressive مفهوم سمايل نہ آهي، پر اهو Evolving آهي، معنا هڪ شيءِ ٻيءَ شيءِ مان ظهور پذير ٿئي ٿي. اسين ان کي ارتقائي ان صورت ۾ چئون ها، جڏهن اهو ترقيءَ جون منزلون طي ڪندو اڳتي وڌي ها پر اها ترقي نہ، ضرورت آهر هڪ تبديليءَ مان ٻئي تبديلي آهي.

منهنجي خيال ۾ لفظ Evolution کي سنڌيءَ ۾ "نسرتا" چئي سگهجي ٿو جيڪو حتمي نہ آهي، وس وارن کي هڪ اهڙي ڪميشن جوڙڻ گهرجي، جنهن ۾ سائنسي لفظن جون آسان ۽ ٺهڪندڙ معنائون چونڊيون وڃن، جيڪي اسان جي زبان جي ترتيب ۾ موجود آهن.

نسرتائي Evolutionary لقاءُ ترقي نہ پر اهڙي تبديلي آهي، جيڪا جاندار جي فطري ڦير ڦار ڪري ٿي، هڪ اهڙي ڦير ڦار جيڪا هن کي حالتن سان مقابلي جي طاقت عطا ڪري ٿي. ساهوارا جن ۾ انسان، پکي جانور، وڻ ٻوٽا، جيت جڻا، جراثيم ۽ وائرس شامل آهن، انهن ۾ وايو منڊل جي اثرن تحت (اثر جيڪي فطري تبديلين جو سبب ٿين ٿا) اندروني ۽ ٻاهرين ڦير ڦار حيرت انگيز آهي، اها ڦير ڦار ترقي نہ آهي، پر سڌارو آهي، جيڪو وقتي طرح جاندار کي بقا ۾ مدد ڏئي ٿو. اهڙو سڌارو عارضي بہ ٿي سگهي ٿو ۽ حالتن جي آڌار تي بدلجي سگهي ٿو هر تبديليءَ مان ٻي تبديلي نسرجي سامهون اچن ٿي.

اهو ساڳيو نظريو آهي جيڪو نوبدل Modernism تي لاڳو ٿئي ٿو. جدت روپ بدلائي ٿي، انسان اڄ کان ڪروڙين سال پهريون بہ جديد هيو ۽ هاڻي بہ جديد آهي، انکري جدت نواڻ نہ آهي.

جيڪڏهن ڏهہ هزار سال پهريون واري انسان کي جيئرو ڪري هلندڙ دور ۾ آندو وڃي تہ اهو نسرتائي نظريي تحت پنهنجي گذاريل دور سان مطابقت رکندو هوندو، هن ڪچو گوشت کاڌو هوندو تہ کيس پڪل مان ذائقو نہ ايندو، اهو اوائلي انسان هلندڙ وقت ۾ گهٽو جئي نہ سگهندو، ڇو جو وقت سان ٿيل ماحولياتي تبديليون هن جي غير مدافعتي سرشتن تي جلد اثرانداز ٿينديون، اهو بيمارين ۾ ونجي ويندو سندس ساهہ کڻڻ مشڪل ٿي پوندو.

اهڙي ريت جيڪڏهن هلندڙ وقت جو ساهوارو ڏهہ هزار سال پراڻي ماحول ۾ موڪليو وڃي تہ اهڙو ساهوار پڻ ماحول سان مطابقت نہ رکڻ ڪري ٻي سڪون ٿي پوندو نہ سمهي سگهندو نہ کائي سگهندو.

اڄڪلهہ استعمال ٿيندڙ لفظ جديديت پڄاڻان Postmodernism منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي. سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ جديديت پڄاڻان Postmodernism جي صحيح معنا نہ آهي، جديديت پڄاڻان End of Modernism آهي، جڏهن تہ Post modernism هڪ اهڙو تسلسل آهي، جيڪو جاري آهي، نوبدلتا (جديديت) پڄاڻيءَ کي نہ پهتي آهي، پر هاڻي نوبدلتا (جديديت) جي پوءِ وارو دور آهي، جيڪو خود نوبدلتا جو تسلسل آهي، نوبدلتا ڪڏهن پڄاڻيءَ کي نہ پهچندي پر ادوارن کي مختلف نالن سان ترتيب ڏني ويندي، جيڪڏهن مان فڪري رعايت پيدا

ڪري چوان ته جديد وقت يا دور نه هوندو آهي، پر ساهوارو هوندو آهي، ساهوارو عمر سان گڏ جيڪي تبديليون ڏسي ٿو ان کي نواڻ چئي ٿو.

دنيا ڪميونزم جهڙا انقلاب عيسيٰ کان اڳ ڏسي چڪي هئي، اسان جي عمر واري ڪميونزم جي ناڪام انقلابن جي پيٽ ۾ اهي نظام ۽ سوشلسٽ سماج ڪامياييون ماڻي چڪا هيا. سپارٽا جي سوشلسٽ حڪومت ان جو مثال آهي، عيسيٰ کان ٻه سوَ سال اڳ پيغمبر مانيءَ صوفيزم جو پرچار ڪيو. ماني صوفين جو پهريون پيغمبر آهي، شاهه عنايت شهيد مارڪس جي جنم کان پهريون هارين جي حقن جي ويڙهه وڙهي شهيد ٿيو. دنيا جو هر دور فڪر ۽ انقلابن سان ڀرپور آهي. هر دور ۾ انسان پاڻ کي ترقي يافتا سمجهيو آهي. ڪو به ملڪ ترقي پذير يا ترقي يافتا نه هوندو آهي، پر سڌريل ۽ اڻ سڌريل هوندو آهي.

جيڪڏهن Postmodernism کي نظر ۾ رکجي ته ڇا دنيا ٽن دورن تائين محدود ٿي ويندي.

نوبدلتا اڳ Premodernism

نوبدلتا Modernism

نوبلدتا پوءِ Postmodernism

دنيا جاري ۽ ساري آهي. نظريا، انقلاب، ادب، شاعري، سائنس، کوجنائون، ايجادون، تسلط، ظلم ۽ محڪوميون روان آهن، اجا دنيا جو انت نه ٿيو آهي، خبر نه آهي ايندڙ وقت کي ڪهڙو نانءُ ڏنو ويندو؟

نوبدلتا پوءِ Postmodernism جو مفروضي فلسفو سرمائيداراڻي سوچ جو عڪاس آهي. ان نظريي تحت دنيا جي هر شيءِ کي مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ پيش ڪرڻو آهي، جن ۾ عام واهپي جي شين کان سواءِ مذهب، ادب، فلسفو، تعليم ۽ خود انسان جيسين مارڪيٽ جي گهرج مطابق پاڻ کي ٺاهي سنواري خوبصورت ليبل سان سامهون نه ٿو اچي اهو بيڪار آهي، ان کي وقت قبول نه ڪندو ۽ ان جي ڪا به قيمت نه هوندي.

ادب کي اهڙي ريت نوبدلتا پوءِ Postmodernism جي دائري ۾ آندو ويو آهي، جنهن مطابق گلوبل لٽريچر تيار ڪرڻو آهي، جيڪو گهڻن ماڻهن جي گهرج مطابق هجي، پڙهندڙن جي ضرورت مطابق لکڻو آهي، جيئن مارڪيٽ ۾ ادب جي کپت ٿي سگهي Death of Author جو تصور ڏئي لکندڙن کي بي وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. نوبدلتا پوءِ Postmodernism هڪ منجهائيندڙ مسئلو آهي، جنهن کي جيئن وڻي ٿو ان کي استعمال ڪري ٿو. ڪن جو چوڻ آهي ته سحرانگيز حقيقت نگاري Magical Realism نوبدلتا پوءِ جو وڏو مثال آهي، ان جي ترتيب ڪجهه هيٺين طريقي بيهندي.

حقيقت Premodernism

حقيقت نگاري Modernism

سحر انگيز حقيقت نگاري Postmodernism

منهنجو سوال آهي تہ ڇا سحرانگيز حقيقت نگاري (Magical Realism) کي عروج بخشيندڙ گارشيا مارکيز مارڪيٽ کي نظر ۾ رکي ناول نگاري ڪئي؟ ڇا هن تفريحي ادب ڏنو آهي؟ مارڪيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ وڪامجندڙ ڪتاب تفريحي آهن. جيڪي ادب جو حصو نہ آهن.

اولهہ ۾ خالص ادب بہ پسند ڪيو وڃي ٿو اتي ناول جي ڪاميابيءَ جو سبب نوبدلتا پوءِ کي ڄاڻايو ويو آهي. ڇو جو سندن چوڻ مطابق ناول جي صنف نوبدلتا پوءِ جي گهرجن مطابق آهي. منهنجي خيال ۾ ائين نہ آهي. ادب طبقاتي ٿي چڪو آهي. ان ۾ معاشي عمل دخل آهي. ادب انهن جو مسئلو آهي. جن وٽ پئسو وقت ۽ سکيا آهي. ڪن معاشرن ۾ ادب فيشن آهي. سنڌي معاشري ۾ Postmodernism جو تصور ڪهڙي حيثيت رکي ٿو؟ Death of Author جي المياتي فڪر تي غور ڪيون تہ پوءِ اديب جو موت ادب جو موت آهي.

اديب ڪي بہ احڪام يا اشارا ذهن ۾ رکي نہ لکندو آهي. جيستائين ان جون سوچون آزاد نہ آهن. اهو تخليق کان قاصر آهي. تنقيدنگار صلاحون ڏئي سگهي ٿو حڪم صادر نہ ٿو ڪري سگهي. قابل قبول تجويزون پاڻ مرادو قبول پون ٿيون. ليکڪ کي راهہ ناهي ڏيڻ ان کي انڌو ڪرڻ آهي. تنقيد نگار راهہ ۾ پيل ڪنڊا هٽائي سگهي ٿو پٿر وڇائي نہ ٿو سگهي.

ادب براءِ ادب يا ادب براءِ زندگي نِلها نعرا آهن. ادب جون سڀ راهون زندگيءَ تي منزل پذير ٿين ٿيون. سحر انگيز حقيقت نگاري ايڏي اوائلي آهي. جيڏي انساني تاريخ. انسان جو سفر سحر مان نڪري حقيقت ڏانهن روان آهي. پر حقيقت اها آهي تہ حقيقت ڪا بہ نہ آهي. حقيقت جي ڄاڻ سحر کي ٽوڙي وجهندي. ڪائنات سحر جي سمنڊ ۾ ٻڏل آهي. نہ سمنڊ سڪندو نہ ڪائنات جو ظهور ٿيندو سحر جي حقيقت مذاق ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهي. لفظن جي جادوگري لکڻيءَ کي پراسرار بنائي ٿي ۽ پڙهندڙ پراسراريت کي ان ڪري قبول ڪري ٿو جو اها سندس اندر جي خوف کي تسڪين بخشي ٿي.

مان گارشيا مارڪيز جو مداح آهيان. سندس لکڻيون ان حد تائين مروج ٿينديون پيون وڃن جو اهي وقت سان اثر وڃائي ويهنديون. پڙهندڙ جي نفسيات ڪا نئين شيءِ ڳولهڻ تي مجبور ٿي پوندي. دنيا ۾ علم جا هٽ نوڪيا پارکو Classificational computers جو ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي ايندڙ ڪجهہ صدين جي ادب کي نوبدلتا پوءِ واري دور جي پڇاڙيءَ تي ڪهڙي سانچي ۾ فٽ ڪندا؟

انساني تاريخ جو هر دور ترقي يافتا آهي. جديديت ان لاءِ بي معنا آهي تہ اها قديميت جي ماءُ آهي. اها قديميت ئي آهي. جنهن جديديت مان جنم ورتو اڄ جي جديديت سڀان جي قديميت آهي. نسر تائي Evolutionary سياءُ ارتقائي يا ترقيءَ ڏانهن سفر پذير نہ آهي. پر اهو جاندار کي قابل قبول Adaptive تبديلين ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ساڳيو نظريو وقت. فڪر. ادب. شاعري. فلسفي. استحصال.

نظرين، ڪلچر، مذهبن، ٻولين، وطن پرستين، تعليم ۽ جهالت تي پڻ لاڳو ٿئي ٿو. نسرتائي Evolutionary لقائن Phenomenon ۾ سچ ڪوڙ تي ٻوي ٿو ۽ ڪوڙ سچ. جهالت نڪرجي علم جي روشني تي ٻوي ٿي ۽ علم اوندهہ. انقلاب ڪوڙا ٿي پون ٿا، گناهگار شهيد سڏائين ٿا ۽ شهيد وقت جا شيطان. فلسفو مذاح ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ مزاح وقت جو سنجيدا مسئلو. فطري ڦير ڦار انسان کي فنا ٿيڻ کان بچائي ٿي، انسان ڪڏهن فنا نہ ٿيندو، پر ان جي شڪل انسان جهڙي نہ هجي.

منهنجو اندازو آهي، زندگيءَ جي گاڏي کي گهليندي نفسانفسيءَ جي عالم ۾ هڪ ڏينهن انسان گڏهہ ۾ تبديل ٿي ويندو، پوءِ ان دور کي ڇا چيو ويندو.

شايد نويدلتا پوءِ جي چيرڦاڙ

Postmortum of postmodernism جو نالو ڏنو ويندو.

٥

آٿتا

Placebo

پرينءَ جي پيرن جا ڪک، عاشق جي اکين جو علاج آهن، ڪائنات آٿتا جي ٿنڀن تي بيٺل اهڙو ٿيٽر آهي، جنهن ۾ ڪردار عيوض ۾ ملندڙ ڪنهن داد جا منتظر آهن، آسرو زندگيءَ جي بقا جو سڀ ڪان وڏو سهارو آهي، دل مطمئن آهي ته ڪيل گناهه معاف آهن. ثوابن ۽ گناهن ۾ سمجهه جو فرق آهي.

آٿتا اهڙو عقيدو آهي جو قاتل جي روپ ۾ ويٺل محبوب جي هٿن جو زهر آب حيات بنجي پوي ٿو آٿتا تسڪين ڏئي ٿي ته محبوب ماري نه ٿو سگهي، پل اهو محبوب جو نه قاتل جو چهرو ئي صحيح، پر اکيون ان ۾ محبوب ڏسن ٿيون ۽ ائين آٿت جي آسري زهر امرتا ٿي پوي ٿو. اسين ازل کان دوکي جي ديوارن ۾ قيد رهيا آهيون ۽ دوکو حقيقت جو گمان بنجي سچائيءَ سان سامهون آيو آهي، آٿتا اهڙو عقيدو آهي، جنهن ۾ شڪ ڪرڻ جي تِر جيتري گنجائش به موجود نه آهي، جنهن ۾ وار جيتري وِٿي ماليخوليا ۾ مبتلا ڪري وجهي ٿي.

بيشڪ سچي فقير جو چهرو زرد هوندو آهي، فقرائن کي فڪر کان متاهون ٿي اهڙي اوچائيءَ تي اچڻ گهرجي جتي فڪر کان آزادي آهي. فڪر نند ڦٽائي ٿو ميلنڪلي Melancoley منهن انهن جا هوندا آهن، جن اوجاڳا ڪري علاج ڳولهيو اڻ ڏٺل کي ڳولهيو ماڻهن جي آجپي جو فڪر هيو، در در وڃي پيغام پهچايا، سڀ ڪوڙ فقرائن فڪر ۾ اوجاڳا ڪري اکيون ڳاڙهيون ڳل پيلا ڪيا، ڪهڙو ضرور هيو؟ ڇا رب کي ياد ڪري، رب حاصل ڪري سگهجي ٿو؟ ياد ان کي ڪبو آهي جيڪو هڪ رات توهان جي مهمان خاني ۾ بسر ڪري هليو ويو ياد ان کي ڪبو آهي جيڪو وسري ويو ياد ان کي ڪبو آهي جيڪو مري ويو رب آٿتا آهي، اهو مئو نه آهي. وسريو نه آهي، هڪ رات مهمان خاني ۾ رهڻ بجاءِ مهمان خاني جو مالڪ آهي، انسان آزاد آهي، جيڪڏهن ڪيس خودلذتيءَ مان تسڪين ملي ٿي ته ان عمل کان جهل واجب نه آهي، جهل اتي آهي جتي انسان جي عمل کان ٻئي انسان کي تڪليف پهچي ٿي، ڪو انسان پنهنجو ماس وڍي کائڻ جو عادي آهي ته ڪيس ڪو به روڪي نه ٿو سگهي.

جڏهن ميهار جي ڪنڊيءَ ۾ ڪا مڇي نه ڦاٿي ته هن ران جو ماس ڪٽي باهه تي سيڪي سهڻيءَ کي کارايو. سهڻي اهو مڇيءَ جو ٻيرو سمجهي کائي وئي، محبوب جي گوشت مان مڇيءَ جو سواد آيو ڇو جو اهو محبوب "مڇيءَ جو گوشت" ڇئي هٿن سان کارايو.

محبوب ڏرتيءَ کي آسمان چوي ته مٺو پوندو. آسمان کي ڏرتي چوي ته ستارا وڻ تي پوندا ۽ چنڊ ٻه ٿي هو پاڻ.

آٽتا (Placebo) ڪي هر مرض جو علاج سمجهي قبول ڪرڻو پوندو، مان جڏهن ننڍو هيس ته ڪن ۾ سور پيو، ان سور جي شدت اها هئي جو پنجاهه سالن کانپوءِ ياد آهي. رڙيون ڪري روئي رهيو هيس. بابو هڪ بزرگ وٽ وٺي ويو، ان ڪجهه پڙهي ڦوڪ ڏني ۽ ڪن جو سور لهي ويو، ان بزرگ لاءِ مشهور هيو ته اهو راتين جو پنهنجي بستري تان گم ٿي ويندو آهي. ڪنهن ان جي تصديق ڪئي "بزرگ گم ٿي خدا جي محفل ۾ وڃي ويهندو آهي. جتي وڏا وڏا ويڙل هوندا آهن."

مون مٿان ان بزرگ جو رعب هيو، عقيدو هيو ته ان جي ڦوڪ فرق ڪندي، ان بزرگ وٽ بيمارن جا ديرا لڳل هوندا هيا. حقيقت ۾ مون ڪي ان بزرگ شفا نه ڏني پر عقيدي ڏني.

اڄڪلهه سوچن ۾ وڇڙيل آهيان، وائڙن جيان ڪا به راهه نه ٿي سجهي. ڀٽڪيل آهيان. پڪ اٿم ته سڌو رستو ملي نه سگهندو، ڇو جو سئون رستو آهي ئي ڪونه. دراصل رستا اسان جي سوچن ۾ آهن. حقيقت ۾ انهن جو ڪو وجود نه آهي. ڪي به رستا راهون نه آهن. اسين جتي آهيون، اها ئي منزل آهي، اتي ئي حقيقت ۽ مقصد جي رواني آهي. آٽتا جادو آهي، سحر آهي، اهڙو مڪالمو آهي، تحرير آهي، جملو يا لفظ آهي، جيڪو چپن ۾ پڙهي ڪنهن تي شوڪارجي ته ان جون اکيون کلي وڃن. اکيون بند ٿي وڃن. اهو روئي پوي، کلي پوي، اهو گناهه گار ٿي پوي، ثواب سان ڪيڏي، اهو جنتي هجي، دوزخي هجي، ٿوهر کائي، شراب المطهورا چکي، ماڪيءَ جي لار سان دل وندرائي، حورن سان راتيون بسر ڪري.

اڪثرين جي جوئا ۾ دل هارائڻ دنيا کٽڻ آهي، روحن جي راند کيڏڻ سڀ جي وس جي ڳالهه نه آهي. سڀ اڇلي هٿ مٿي ڪرڻا آهن. پيش پوڻ، پيش قدمي ۽ فتحيابيءَ جي نشاني آهي. جيڪي عقيدي جي ادا ڪيل لفظن تي وڪامي ويا اهي املهه آهن. اي منا منهنجي مٿي ۾ درد آهي، پيشانيءَ تي آڱر رک نانگ جو ڏنگيل آهيان. محبت جي مٺي رک، وقت جو ڪاڏل آهيان وارن ۾ ويڙهه. تنهنجي چانٺ جي مٽي "خاڪِ شفا" جو ناڻ آهي، تنهنجن چپن جي مُرڪ، جام جي سُرڪ آهي. مونکي معاف ڪجانءِ مان عقيدت مند نه رهيو آهيان. مان پاڻيءَ کي پاڻي سمجهي پيتو. هوا کي هوا سمجهي کنيو. مان جيڪو ليبارٽريءَ ۾ هر شيءِ جي تشخيص ڪيان ٿو جيڪو پنهنجي سڃاڻ وڃائي وينو آهيان. مان جيڪو تنهنجي ڪبي هٿ جي وڇين آڱر جي ننهن ۾ پيل جهڙو به نه آهيان. مان جيڪو پاڻ ڳولهي وينو آهيان.

وڻ جي چوٽيءَ تي سڀ ڪان ننڍا پن هوندا آهن. سمنڊ جي ڇولين ۾ پاڻي گهٽ هوا وڌيڪ هوندي آهي. ٻرندڙ جبل ڌرتيءَ جو اهڙو ناسور آهن جن مان روگ لاوي جيان وهندو آهي. مان اجنين جي دنيا ۾ داخل ٿي گمنام ٿي چڪو آهيان. اي آٽتا منهنجي سيني تي هٿ رک. تسلي ڏي. مونجهاري کي يقين ڏي، مان ورهايل آهيان. ڀڳيا ڀڳيا. پنهنجي وجود جا حصا سنڀاليندي مايوس ٿي چڪو آهيان. ڪٿي دل ڪري پوندي ته ڪا خبر نه پوندي. ڪٿي اکيون وڃائجي وينديون ته ڪجهه نظر نه ايندو. اي آٽتا. پرينءَ جي پترالي پکي جا ڳڪ ڏي. ڪائنات به ڪک ئي ته آهي ۽ ڪک وقت جي واءُ ۾

اڏامي ٿو گردش اهڙي رقص آهي جنهن جي وجدان ۾ سج، چنڊ، ڌرتي، ستارا رقاص جي چوغي تي جڙيل آهن.

مون کي اهڙو دوست ياد آهي جيڪو چانهه پي ننڊ ڪندو هيو ۽ اهڙو دوست پڻ جيڪو ننڊ جي دوا "ويلم" کائي سڄي رات جاڳندو هيو موکيءَ هٿان متارا، اهڙي مٽ مان مڏ پي جيئرا رهيا جنهن ۾ مئل نانگ هيا، موتيا، ان احوال تي دهشت مان جان ڏنائون ته "گذريل سال انهن جيڪا مڏ پيتي هئي ان مٽ ۾ مئل نانگ هيا." سپ نه ماري سپ جو سراپ ماري.

منهنجي هڪ ڪهاڻي "لالواڻيءَ جي لئبريريءَ جا ڪوئا" جيڪا ڪهاڻين جي مجموعي "فونو" ۾ ڏنل آهي، ان جو لڪيل موضوع آٿتا (Placebo) آهي. هندستان کان آيل هڪ مهاجر ڪليم ۾ مليل لالواڻيءَ جي جاءِ ۾ لئبريريءَ جا ڪتاب ڪائيندڙ ڪوئن جون ڦولڙيون، جيڪي ڪيس ڏيءَ غربت ڪري آفيم جي جاءِ تي استعمال ڪرائي ٿي، اهو ڪتابن جون ڦولڙيون کائي عالم بڻجي وڃي ٿو.

ميڊيڪل جي دنيا ۾ آٿتا (Placebo) کي غير دوائي (Unmedicated) انداز ۾ ڪنهن دوائي (Medicated) اثر کي آزمائڻ لاءِ مريضن تي استعمال ڪيو ويندو آهي، آٿتا جو مرضن تي پڻ اثر آهي.

هر اها شيءِ جنهن جو ڪوڙو يا سچو هجڻ ضروري نه آهي، پر ضروري اهو آهي ته توهان کي ڪيترو اطمينان بخشي ٿي، واپرائڻ عمل ڪرڻ يا قرباني ڏيڻ ڪانپوءِ اوهان جي دل ڪيترو مطمئن ٿئي ٿي، اها آٿتا (Placebo) آهي.

مان ڪجهه عرصو ٿر ۾ رهيو آهيان، اتي هڪ اوجاڳي (Insomnia) جي ماريل شخص کي لبريڪس جون گوريون ڏيڻيون پيون، اتفاق سان اسپتال ۾ گوريون ختم ٿي ويون، ان شخص جي ڏيءَ ڪنڊيءَ جي سگرين مان ٻج ڪڍي پيءَ کي ڏنا، اهو لبريڪس جون گوريون سمجهي کائي ويو. ڪيس ڪنڊيءَ جي سگرين مان نڪتل ٻجن مان به ايترو ئي سڪون مليو جيترو لبريڪس جي گورين مان.

ڪافر کي ان ڳالهه جو ڏک آهي ته "افسوس دنيا خدا کان خالي آهي، جيڪر هجي ها ته ڪفر جو منهن ڏسڻو نه پوي ها، هڪجهڙائي ۽ امن هجي ها. سيني جي عزت محفوظ هجي ها، ڪنهن جاهل جج جي ضرورت نه پوي ها، ڪنهن ظالم ڊاڪٽر جو منهن ڏسڻو نه پوي ها، بدشڪل سياستدانن کان بچي وڃون ها، ذخيرو ڪندڙ پاڻ بورين ۾ بند گودامن ۾ پيا هجن ها."

خدا غريب جي آٿتا (Placebo) آهي. هن جي دل مطمئن آهي ته خدا آهي ضرور، جيڪو انصاف ڪندو، ظالمن کي سزا ڏيندو، مظلومن کي جزا ڏيندو، جيڪڏهن غريب جو آٿتا مان ايمان کڄي وڃي ته اهو نه هِن دنيا جو رهندو نه هُن دنيا جو، خدا جو آٿت غريب جو آخري سهارو آهي.

هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ جڏهن پنهنجو هٿ مريض جي هٿ ۾ ڏيان ٿو ته اهو پنهنجو هٿ محفوظ سمجهي ٿو، ڪنهن مرندڙ مريض مون کان پڇيو "ڊاڪٽر بچي ويندس؟"

مون "ها" ڪئي، ان جي منهن تي اطمينان اچي ويو.

سڪر وارو گرڏاري مل جيڪو پراپرٽيءَ جو ايجنٽ هيو اهو گهڻا گهر وٺ ڌرمشالي ۾ رهندو هيو ڪراچي اچڻ کان اڳ مونکي جاءِ مسواڙ تي ڏيٺي هئي. ڌرمشالي پهتس ته خبر پئي ته ان تي اڌرنگي جو حملو ٿيو آهي، منهنجو واقفڪار هيو اندر گهرايائين. هو بستر تي ليٽيل هيو سندس مٿن کان شيرانواليءَ جو وڏو فوٽو لڳل هيو جنهن ۾ اها ڳاڙهي جڀ ڪڍي تلوار جهلي شينهن تي ويٺل هئي. گرڏاريءَ جي ڪمري ۾ ٽيپ رڪارڊ تي شيران واليءَ جا ڀڄن هلي رهيا هيا. گرڏاري وجد ۾ بستر تي هڪ هٿ ڪٽي نچي رهيو هيو مون کي ويهاري حال احوال ورتائين. مون پڇيو "ڪهڙي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائي رهيو آهين؟"

هڪدم شيران واليءَ ڏي اشارو ڪندي چيائين "منهنجي شيران والي ويٺي آهي، پاڻ ئي ٺيڪ ڪندي."

ٽن ڏينهن کانپوءِ خبر پئي گرڏاري گذاري ويو. گرڏاري روئندي نه، نچندي هليو ويو. آٿتا (Placebo) دل تي پوندڙ اهڙو چندبو آهي. جهڙو ننڍي هوندي امڙ جو پچايل پت ڪائي پاڙي جا ٻار نلڪي تان هٿ ڌوئي مونکي هٽندا هيا ۽ چوندا هيا. "ڇُٽو ڇُٽو" مان بخار ۾ ٻرندي به چڱو ڀلو محسوس ڪندو هيس.

مذهب، عبادت، دعا، تعويذ، قرباني، توبهه، جادو ٽوڻو خيرات، زڪوات، ڦوڪ، شوڪارو ۽ سهڻي جو ديدار اهي سڀ آٿتا (Placebo) آهن. آٿتا، حوصلو همت ۽ سهارو آهي.

منهنجي هيءَ لکڻي پڻ آٿتا جو هڪ مثال آهي، جيڪڏهن توهان تي اثرانداز ٿئي ٿي ۽ ان جي سحر ۾ اچي چڪا آهيو ته پوءِ قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان.

من شڪتي
(Innergy)

دنيا ۾ اهڙا جاندار به آهن، جيڪڏهن انهن جي جسم جو ڪو عضوو وڍجي پوي ته ٻيهر ڄمندو آهي، جيئن ڄنگهون، پڇ، چنبا وغيره. انسان جا زخم به ڇٽي وڃن ٿا، ڪڏهن نشان رهجي وڃن ٿا، ڪي زخم دل کي نقصان پهچائي ڇٽي وڃن ٿا ۽ ڪي حدون اورانگهي اهڙو تباهه ڪن ٿا جو اهي دل جو حصو بنجي وڃن ٿا.

ڪيئن به هجي پر وجود مدافعت ڪندي زخمن سان مزاحمت ڪن ٿا. زخمن کي فنا ڪن ٿا يا پاڻ فنا ٿين ٿا. وجود جي مزاحمت ۽ مدافعت اندر جي شڪتي آهي. شڪتيءَ جون حدون انفرادي طور گهٽ يا وڌ فرد ۾ فطري طور موجود ٿين ٿيون، ڪو زهر پي زنده رهي ٿو ڪو ماکي چٽي مري وڃي ٿو.

ڪجهه به هجي پر ساهواري جي مدافعت ۽ مزاحمت هڪ فطري عمل آهي. اسين ڊڄون ٿا، ڊڄڻ به مزاحمت جو هڪ مثال آهي، ڊڄڻ اسان جي جيئري هجڻ جي تصديق ڪري ٿو ڊڄڻ سان اسان جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿئي ٿي، ساهه تيز کڄن ٿا، دماغ تيزيءَ سان ڪم ڪري ٿو هر ساهوارو اندر ۾ ڊنل آهي.

پيار جي گهڙين ۾ وچڙجڻ جو الڪو تڙپائي وجهي ٿو جنگ کان پوءِ زخمن تي پٽيون ويڙهي گهمڻ جو نالو امن آهي.

جاندار خوف جي پيداوار آهي، سائنسي طور ڪائنات جو وجود ڌماڪي سان ٿيو آهي، ڌماڪو کهڙي خير جي خبر کڻي ايندو؟ اسين ڌماڪي جي پيداوار آهيون. مذهب ۽ اخلاقيات خوف مان جنم ورتو ۽ خوف جو درس ڏين ٿا. تاريخي طور دنيا جي ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي انسان عبادت نه ڪئي هجي؟ مذهبن، ٻلن، ڪتن ۽ لنگ تائين هر پاڇي عڪس ۽ اوندهه جي عبادت جي تعليم ۽ ترغيب ڏني آهي، ڇو جو انسان آد ڪان ڊنل ۽ منجهيل آهي.

منهنجو ايمان آهي ته ايمان اڃا مڪمل نه ٿيو آهي ۽ اهو به ايمان آهي ته ايمان جي ڪا حيثيت نه آهي ڇو جو اهو ڪڏهن به مڪمل نه ٿيندو جيڪڏهن اهو مڪمل ٿيو ته اهو ئي ڪائنات جي انت جو ڏينهن هوندو ۽ ڪائنات جي انت جو ڏينهن انڪري نه ايندو جو ڪائنات کي ڪو ڳولهي نه سگهندو. فطرت اهڙي وٿشيا آهي جيڪا روز نئون وڳو پائي يار مٽائي ٿي ۽ ان ۾ انسان جو ڪردار هڪ دلال جو آهي، انسان فطرت کي يرغمال بنائي وڌو آهي. فطرت ڪمائي ساهواري جون گهرجون ائين پوريون ڪري ٿي جيئن ڪا بيواهه ماءُ غلط راهه هلي ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪندي آهي.

فطرت ماحول تائين محدود نہ آهي، فطرت هر شيءِ اندر انفرادي صورت ۾ موجود آهي، اسان جي هڪ هٽ جي فطرت ٻئي هٽ کان مختلف آهي، انسان جي من ۾ بہ ڳچها هٽ آهن، اهي هڪ ٻئي سان مقابلو ڪن ٿا، هر انسان جو اندر ڪڏهن فتحيات ٿئي ٿو، ڪڏهن شڪست تسليم ڪري مايوسين سان همڪنار ٿئي ٿو انسان نهي ٿو ٻهي ٿو ۽ ٻهي وري نهي ٿو.

ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ ساهواري کي ارادو (Will) جيئرو رکي ٿو جيئڻ پويان هن جي ارادي جو ڪردار آهي، هو ارادو ڪري ٿو انڪري سندس جسم ۾ رت گردش ڪري ٿو مايوسي ارادي جي دشمن آهي، مايوسي موت آهي.

اهو سچ آهي تہ ڪا اهڙي من شڪتي (Innergy) ضرور آهي، جيڪا انسان کي جيئري رهڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي، هڪ پئٿالاجسٽ جي نظر سان جڏهن مان انسان جي وجود جو مطالعو ڪريان ٿو تہ مونکي ان جو هر ذرو جيئڻ جي حسرت ۾ بي قرار نظر اچي ٿو لاشعوري طرح انسان جو اندر جنگ جو ميدان آهي، جتي هر رضاڪار ڪنهن حملي کان بچاءَ جي مشق ۾ رڌل آهي، انسان جو انگ انگ ائين وريل آهي جيئن ڪنهن عمارت جون ٽوٽيون، هڪ انسان ڪروڙين جاندارن جو مجموعو آهي، اهي جاندار انسان جا جيو گهرڙا (Cells) آهن، هر جيو گهرڙو (Cell) انفرادي طور جيئڻ جي جدوجهد ڪري ٿو اسان جو اندر اهڙو ڪارنامو آهي، جنهن ۾ هٿيارن کانسواءِ پيار جو پرفيوم ۽ نفرت جي بوءِ نهي ٿي، اتي وهم، گمان، ماليخوليا، هسٽريا، شيزو فرينيا ۽ مينيا وجود وٺن ٿا، اتي محبتون، انتقام، ساڙ، ڪروڌ ۽ بغاوتون ڪرَ ڪٽن ٿيون، ڪائنات جو هر ساهوارو انسان سميت نفسياتي مريض آهي، اها ساهواري جي انفرادي سگهہ آهي تہ هو اندر جي انهن موذي مرضن کي ڪيئن ۽ ڪيترو منهن ڏيڻ جي قابل آهي. اهو منفي جبلتن جي گهوڙي کي واڳن کان وٺي کهڙي راهہ اختيار ڪري ٿو اها ان جي من شڪتي (Innergy) آهي، جيڪا کيس فطرت فراهم ڪئي آهي. سنا وجود فطرت کي قبول ڪندي ان سان هم آهنگ ٿي وڃن ٿا. اميد جي اڻ ڏٺل ڇت مذهب جي نظر نہ ايندڙ پاون تي بيٺل آهي، پر ڇت جو احساس ولهہ کان پناهہ ڏيڻ جو حوصلو ڏئي ٿو.

دنيا جون فاتح قومون بکايل قومون آهن، بک، بغاوت ۽ جنگ کي جنم ڏئي ٿي، جيڪو دنيا ۾ آيو آهي ان کي رزق گهرجي، ٻاول اوڳرائي ڏئي فرحت محسوس ڪري ٿو جڏهن تہ ٻين لاءِ اها اوڳرائي بوءِ جو باعث آهي.

بک انسان کي اهڙو ڪتو بنائي ٿي جنهن کي شينهن جي دل آهي. جتي پاڻي نہ هوندو اتي ٿوهر ڄمندا آهن، ٿوهر جي مزاحمت تي غور ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ سندس وجود جا ڪنڊا صرف حملي آورن کان محفوظ نہ رکندا آهن پر اهي ان عمل کان بہ بچائيندا آهن تہ جيئن پاڻيءَ جي اڻ هوند ڪري گهٽو پاڻي ٻاهر نڪري هوا ۾ تحليل Evaporate نہ ٿئي ۽ اهو اندر محفوظ رهي، جيڪڏهن سانڊو رنگ بدلائي ٿو تہ ان ۾ اعتراض جي ڪا ڳالهہ نہ آهي. ان مسڪين کي اهي رنگ فطرت عطا

ڪيا آهن تہ جهڙو رنگ ڏسي ان مطابق ڍلجي جان بچائي سگهي، پوپٽ گلن ۾، ڪوئا گٽرن ۾ خوش آهن.

نئڊي هوندي مون اهڙو پکي پڪڙيو هيو جنهن جا کنڀ ساوا نيرا هيا، پکين جي باري ۾ منهنجي ڄاڻ گهٽ آهي، خبر نہ آهي ڪهڙو پکي هيو. مون جيئن پکيءَ کي پڃري ۾ قيد ڪيو تہ ان مٿو پڃري سان ٽڪرائڻ شروع ڪيو. جڏهن ڏسان تہ وينو ٿو پڃري سان مٿو ٽڪرائي، هٽي پنهنجو مٿو ڦاڙي وڌائين، سڄا کنڀ رت ۾ آلا ٿي ويس، مون بهتري ان ۾ سمجهي تہ کيس آزاد ڪيان نہ تہ اهو پاڻ ماري وجهندو. پکيءَ جي ايڏي مزاحمت آزاديءَ لاءِ هئي جنهن خوف مان جنم ورتو هيو.

ڪن جو چوڻ آهي تہ پيار جيئڻ جو حوصلو ٿو ڏئي، انسان کي جيئري رکڻ ۾ پيار جو وڏو ڪردار آهي، ماڻهو پيار ۾ مبتلا رهي زندگيءَ ۾ مبتلا رهي ٿو. پيار سان زندگي آسان ٿي وڃي ٿي، پر پيار انهن جي ملڪيت آهي جن جي ٻنين ۾ امن جا اڇا گل ڦٽن ٿا. امن چميءَ جي آواز ۾ سمايل آهي ۽ چميون انهن ديوارن پويان اڏامن ٿيون، جن ديوارن کي بارود سان نہ اڏايو ويو آهي.

ڪو عاشق رڻ ڄهاڳي محبوب جي در تي پهتو سندس چپ ڦاٽل ۽ زبان خشڪ آهي، اهو اظهار ڪرڻ کان قاصر آهي، محبوبا کيس پاڻيءَ جو گلاس پيئاري ٿي ۽ عاشق سامت ۾ اچي چوي ٿو "ان لاءِ آيس تہ تنهنجي عشق جي اڃ لڳي هئي"

محبوبا موٽي ٻيو گلاس ڀرڻ وڃي ٿي.

اها مذاق نہ آهي ۽ ان ۾ ڪا مرڪڻ جي گنجائش آهي، پر حقيقت آهي تہ پيٽ اهڙو پيران پير آهي، جنهن جا مريد سڀ ماڻهو آهن. مون ڪڏهن برڪت علي آزاد جي لئبريريءَ ۾ "خيام" جي فارسي رباعين جو هڪ ڪتاب ڏٺو هيو. هر رباعيءَ اڳيان هڪ اسڪيچ ٺهيل هيو. هڪ اسڪيچ ۾ ٻچي ڏاڙهيءَ وارو سنهڙو عاشق پڳ پائي وينل هيو. سندس هنج ۾ سهڻو محبوب مرڪي رهيو هيو. عاشق جي هٿ ۾ مانيءَ ڳيو هيو. اتي جيڪا رباعي لکيل هئي، ان جو مفهوم ڪجهہ ائين هيو تہ دنيا جي وڏي نعمت اها آهي جو محبوب هنج ۾ هجي ۽ مانيءَ ڳيو هٿ ۾.

جيڪڏهن ڪنهن عمارت جا پلستر اکڙي پون تہ گاري يا سيمينٽ جي ضرورت پوي ٿي، ائين انسان جي زخمن ۾ گوشت ڀرڻ لاءِ گوشت يا ان جا متبادل کائڻ ضروري ٿي پون ٿا. انسان جي اندر جا مزدور خالي ٿوڪرين سان بيروزگار ٿي ويندا.

من شڪتي (Innergy) اهڙو پاڻ مرادو سرشتو آهي جنهن ۾ انسان جو ذاتي عمل دخل نہ هجڻ برابر آهي، اها شڪتي ساهواري کي جيئرو رکڻ لاءِ جتن ڪري ٿي. شڪتيءَ جو ڳڙهہ دماغ (Brain) آهي، دراصل ساهوارو انڪري جيئرو آهي جو سندس دماغ جيئرو آهي. داخلي يا خارجي فطرت جي تبديلي دماغ جا رويا تبديل ڪري ٿي. هر سرشتو دماغ کي جيئرو رکڻ جي ڪوشش ۾ مبتلا آهي. دماغ دل کي توانائي فراهم ڪري ٿو ۽ دل پاڻيءَ جي موٽر جيان هلي ان کي رت سان آبيار ڪري ٿي. جسم ۾ اسٽور آهن جن ۾ توانائيون درزيءَ جي دوڪان اندر بند ڪبٽ ۾ نون سبيل جوڙن جيان پيل

آهن. جسم ۾ پنگي آهن، مالهي آهن، جسم اندر لئبريري آهي، هڪ ڪتاب ۾ اسان جي تخم (Gene) جي ڳجهن اکرن ۾ تقرير جا داستان لکيل آهن. شرافت، پڙوت، جنسي رويا، حياتي ۽ موت جا لفظ اڪريل آهن. اتي خدا موجود آهي، هر اها شيءِ موجود آهي، جيڪا موروثي طرح وڏڙن کان عطا ٿيل آهي. مون کي هائوس جاب دوران اهي پيءُ پٽ ياد آهن، جن کي ڇن (Hernia) جي بيماري هئي. پروفيسر انهن ٻنهي کي آفيس ۾ اگهاڙو ڪري سامهون ليڪچر ڏنو هيو پيءُ جي عمر پنجٽيهه ۽ پٽ جي عمر يارهن سال هئي. انهن ٻنهي کي ڇڻ (Hernia) جي بيماري هئي. حيرت جي ڳالهه اها ته ٻنهي جي لنگ (Penis) تي هڪ جهڙو ڪارو تر هيو.

ارادو (Will) خوف (Fear) ڳڻتي (Anxiety) يا پيار (Love) اندر جا اهڙا اڏما آهن، جيڪي رت جي گردش کي روان دوان رکي سگهن ٿا. پر من شڪتي (Innergy) انهن شين جو نانءُ نه آهي. من شڪتي هڪ بي نانءُ قوت آهي، جيڪا انسان جي اندر ڪنهن اونداهي ڪوٺيءَ ۾ لڪيل آهي. ٿي سگهي ٿو ان اونداهي ڪوٺيءَ کي روشن ڪرڻ سان اها شڪتي گم ٿي وڃي. ان کي ڏسڻ لاءِ ضروري آهي ته من جي اوندهه کي پرکڻ لاءِ اسان کي ڪنهن نئين نظر جي ضرورت پوندي ۽ اها نئين نظر اڃان دريافت نه ٿي آهي.

مان گاڊجين (Godgene) جو دعويدار آهيان، مان داخليت جو عبادت گذار آهيان، خارجيت ۾ منهنجو دين ايمان نه آهي، مونکي آسمان ۾ اوندهه ۽ اندر ۾ سج ٻرندي نظر اچي ٿو چانڊوڪي منهنجين اکين ۾ آهي، پيٽ جو دوزخ مون لاءِ توانائيءَ جو سبب آهي ۽ ان توانائيءَ جي زير اثر مان جنت جو متلاشي آهيان.

من شڪتي (Innergy) گاڊجين (Godgene) جا اهي ڪرتا آهن، جن جي زيراثر جسم مدافعت ڪري ٿو مزاحمت جا رستا اختيار ڪري جيئڻ جي جنگ جوڙي ٿو. منهنجي ڪائنات مون سان گڏ جنم ورتو ۽ مون سان گڏ فنا ٿيڻي آهي. مون کان پوءِ منهنجن ٻارن جي ڪائنات آهي ۽ منهنجي جدوجهد ٻارن لاءِ آهي، جڏهن دنيا مان روانو ٿيندس ته اڪيلو نه هوندس، منهنجو خدا مون سان گڏ هوندو، ڇو جو خدا منهنجي جسم جي هر جيوَ گهرڙي (Cell) جي ڪروموسوم (Chromosome) ۾ رهي ٿو.

o

کھاٽي ڌرتيءَ مان ڦُٽي ٿي!

مان کھاڻيون نہ لکندو آهيان، مٽيءَ جا بت ٺاهيندو آهيان، بت هم ڪلام ٿيندا آهن، مٽي جيڪا ڌرتي آهي، ڌرتي جنهن جا ڏک اسان جا ڏک آهن ۽ اسان جا ڏک ڌرتيءَ جا ڏک.

ڌرتي تخليق جو وسيلو آهي. ڌرتي آهي تہ اسان جون تخليقون آهن، ڌرتيءَ کان سواءِ سڀ تخليقون بي مقصد ٿي وڃن ٿيون، مان معاشري جو فرد آهيان ۽ هڪ فرد جي حيثيت سان ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن جا ڏک سور محسوس ڪيان ٿو. هڪ ليکڪ جا اندروني سور بہ انسانن کان الڳ نہ آهن. اسان جون لکڻيون معاشري مان جنم وٺن ٿيون، معاشرو جيڪو ڏکن، سورن، غربت ۽ بيروزگاريءَ سان پيڙيل آهي. معاشرو جنهن کي ڌرتي پناھ ڏئي ٿي. معاشرو جيڪو قوم جو بنياد بڻجي ٿو ۽ قوم جيڪا ڌرتيءَ سان جنم وٺي ٿي.

منهنجون کھاڻيون سنڌ جون کھاڻيون آهن، پوءِ مان اهي کھاڻيون سنڌيءَ ۾ لکان، اردوءَ ۾ لکان يا انگريزيءَ ۾، زبان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي، زبانون اظهار جو ذريعو آهن، اسين جيڪا زبان لکي پڙهي ۽ ڳالهائي سگهون ٿا، اها زبان اسان جي آهي، قوم جو تعلق ڌرتيءَ سان هوندو آهي، زبان سان نہ. آفريڪا جي ڪجھ خطن ۾ پنجويهن ڪلوميٽرن جي دائري ۾ پنجويھ زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. ايشيا جي ڪجھ حصن ۾ بہ ساڳي صورتحال رهي آهي. فرد ويڙهي کي جنم ڏئي ٿو. ويڙهو وڏي قبيلو ٿي پوي ٿو. قبيلن جي وچ ۾ وٿيون آهن، پهاڙ آهن. جبل آهن، ريگستان، درياھ، سمنڊ ۽ حجاب آهن، وچ جون وٿيون زبانن جي فرق جو سبب بڻجن ٿيون، لهجا ڦري پون ٿا، اچار بدلجي پون ٿا. زبانون بگڙجي وڃن ٿيون، پر هاڻي رابطن جي بحاليءَ ۾ تيزي آئي آهي. زبانون هڪ ٻئي ۾ ائين جذب ٿي رهيون آهن جيئن ست سمنڊ. توهان چکي ڏسو ستن ئي سمنڊن جو پاڻي کارو آهي.

نسرتائي عمل (Evolutionary Process) هيٺ دنيا ۾ زبانن جي ڪچڙي پچي رهي آهي، چمڙين جا رنگ بدلجي رهيا آهن. طاقتور تهذيبون ڪمزور تهذيبن کي ڳڙڪائي رهيون آهن. پر فطري طور اهو سڀ انسانن جي ڀلي لاءِ آهي. فطرت (Nature) هر عمل ۾ ساهواري کي ترجيح ڏئي ٿي، قومون، فطرت نہ ٺاهيندي آهي، اسان پنهنجي سڃاڻپ ۽ بچاءُ لاءِ قبيلا ۽ قومون ٺاهيندا آهيون.

اڄ جڏهن مان هندستان لڏي ويل سنڌي اديبن جي نئين نسل جون لکڻيون پڙهان ٿو تہ انهن ۾ استعمال ٿيل ٻولي ڏکئي محسوس ٿئي ٿي. ائين ئي جڏهن اهي سنڌ جي نئين نسل جون لکڻيون پڙهندا هوندا تہ کين ڏکيائي محسوس ٿيندي هوندي، اهو سڀ فطري آهي، اسان کي قبول ڪرڻو پوندو تہ ڌرتيءَ تي رچندڙ ماحول فطري طرح شين کي تبديل ڪري ٿو. برصغير، جنهن جو سرجيڪل آپريشن ڪري جسم ڪٽيو ويو. ٿيڻ تہ ائين گهربو هيو جو سرجيڪل آپريشن کان پوءِ ان جي زخمن ۾ روڳ نہ پيرجڻ گهرجي ها، پر ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو آپريشن ٿيٽر ۾ وڍ ڪٽ جو سامان

جراثيمن کان پاڪ ڪندڙ مشين (Autoclave) پگهل هوندي آهي ۽ اهڙن اوزارن سان ڪيل آپريشن زخمن اندر روڳ جمع ٿي ويڄڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. برصغير جي جسم جا چير، بنگال ۽ پنجاب ۾ ته ڇٽي ويا پر سنڌ اندر روڳ اڃا وهي رهيو آهي. خبر نه آهي سنڌ جا زخم ڪڏهن ڇُٽندا؟ منهنجي پرامن ۽ پاڪدامن سنڌ، جنهن جي جهول ۾ صبر جا ڦل منا نه آهن، ڪڏهن ائين لڳندو آهي، ڄڻ گذريل سٺ سالن اندر سنڌ جي سطح هيٺ ٿي وئي آهي ۽ هيٺائينءَ ڪري ندي نالن جي صورت ۾ وهندڙ ماڻهن جي سيلاب ڪري ٻڏندڙ سنڌ ۾ اسان دربدر ٿي ڪيمپن ۾ پناهه ورتي آهي، جتي سرڪاري ڪاڏي جو انتظار ڪري رهيا آهيون.

جيئن فطرتي (Natural) رويو آهي ائين غير فطري (Antinatural) رويو پڻ آهي. فطرت سان ڇيڙڇاڙ هاڃيڪار آهي. بابل، نينوا، يونان ۽ روم جي ڪن حصن ۾ ڪڏهن عورت جي سڀ کان ويجهي رشتي سان شادي جائز هوندي هئي، اتي اهڙا ٻار ڄمندا هيا جن کي ٻه منڍيون ۽ ڪتي جهڙا پڇ هوندا هيا. غير فطري عمل ڀيانڪ ردعمل پيدا ڪري ٿو اسين تماڪو ڇڪي، ٻيلا ڪٽي، جبل ٽُڪي، درياهن جا رستا روڪي، ايٽمي ڌماڪن ۽ ميزائيلن مان ڇا حاصل ڪري سگهون ٿا؟ تابڪاري ۽ غير فطري جنسي عمل ڇا ڏئي سگهن ٿا. تلاءَ ۾ مٽي پاڻيءَ جي تري ۾ هوندي آهي. ڪو پاڻيءَ ۾ پير وجهي انهيءَ جاءِ تان گندو ڪري ٿو جتان پيئڻ جي جاءِ آهي. سنڌ ۾ گذريل سٺ سالن کان غير فطري عمل جاري آهي. ان کي روڪڻو پوندو، سنڌ جي سطح کي اونچو ڪري سيلابن جا رُخ بدلائڻا پوندا. ڇو جو اهڙي عمل سان مفاهمت (Adaptation) جي اميد نه ٿي رکي سگهجي. فطرت ۾ مفاهمت پاڻ مرادو (Autonomous) عمل آهي. ماضيءَ ۾ سنڌ اهڙا ڪئي ڌارا پاڻ ۾ سمائي چڪي آهي پر سيلابن جي صورتحال ابتر آهي. سنڌي ڪهاڻي اهڙن ئي موضوعن تي مشتمل آهي. سنڌ جي تخليقي ادب ۾ سنڌ کان وڏو موضوع ڪو ٻيو نه آهي. اسان ڌرتيءَ کان الڳ ٿي لکڻ لائق نه ٿا رهون.

ادب اهڙو وڻ آهي، جنهن جون پاڙون ڌرتيءَ سان جڙيل آهن. مون هڪ اهڙو ئي مقالو پڙهيو هيو، جنهن جو غلط مطلب ورتو ويو. مون جڏهن چيو ته ”ادب اهڙي ٻڙ جيان آهي جنهن جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ آهن پر ٻڙ جون ڪجهه پاڙون هوا ۾ لڙڪي ڌرتي ڳولهين ٿيون.“ ته چيو ويو ”لکڻ لاءِ ڌرتيءَ جو هجڻ ضروري نه آهي ڇو جو آفاقيت ٻه ڪا شيءِ آهي.“

آفاقيت جو مطلب Achievement آهي، آفاقيت آسماني ڳالهيون ڪرڻ جو نانءُ نه آهي، جڏهن لکڻيون تخليق جي اوچائين کي ڇُهن ته اها آفاقيت آهي.

ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌي ڪهاڻي گذريل ڪجهه سالن کان زوال پذير آهي، ان جو سبب بنيادي تعليم جو غير معياري هجڻ ۽ مطالعي جي گهٽتائي آهي. ساڳي حالت سنڌ ۾ لکي ويندڙ اردو ڪهاڻيءَ جي آهي، جنهن جو موضوع گهريلو ۽ ذاتي مسئلن تائين محدود آهي. اردو ڪهاڻي بنگالي ڪهاڻيءَ کان پوءِ برصغير جي سڀ کان طاقتور ڪهاڻي رهي آهي، ڇو جو ورهاڱي کان اڳ اتان جي اديبن ڌرتيءَ کي موضوع بنائي ماڻهن جي ڏکن کي اجاگر ڪيو. پريمچند مفلسيءَ کي موضوع بنايو.

ان جا ڪردار ڏرتيءَ سان رچيل آهن. جيڪڏهن منٽو عظيم اديب آهي ته اهو پنجاب جي ڏرتيءَ سان وابستا آهي. امرتا پريتم، بلونت سنگهه ۽ راجندر سنگهه بيدي اردو زبان جا عظيم اديب آهن جن پنجاب جي سرزمين تي وسندڙ ماڻهن جي جذبن جي عڪاسي ڪئي. ڪرشن چندر ڏرتيءَ جي ورهاڱي تي وڏيل دل هٿ ۾ ڪٽي ظ:م خلاف نعرا هڻندي نظر اچي ٿو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ آيل پائر جن کي هاڻي "مهاجر" نه ٿو چئي سگهجي، ڇو جو ڪنهن به خطي ۾ آيل ڪنهن نسل جي ستين پيڙهي مهاجر نه هوندي آهي. سنڌ ۾ نسرتائي عمل (Evolutionary Process) تحت هڪ نئين ثقافت جنم وٺي رهي آهي. سنڌ جي رهڻي ڪرڻي، رڌ پچاءُ ۽ طعام تبديل ٿي رهيا آهن. سٺ واري ڏهاڪي اندر ڪراچيءَ ۾ نظر ايندڙ پوڙها جن کي شيروانيون، ڪرتا، پاجاما پاتل هوندا هيا، مٿي تي اچي ٻيڙيءَ نما ٽوپي هوندي هئي. هاڻي اتي سلوار قميصن ۾ ملبوس نوجوان نظر اچي رهيا آهن. دراصل جاگرافيائيءَ طرح ڪنهن به معاشري ۾ هڪجهڙائي (Homogenity) کي اچڻ لاءِ صدين جي ضرورت پوي ٿي. جيڪڏهن اهڙي معاشري کي ٽوڙيو وڃي ته پوءِ ان کي هڪجهڙائي حاصل ڪرڻ لاءِ وري وڏي وقت جي ضرورت پئجي وڃي ٿي. ان لاءِ ضروري آهي ته سنڌ ۾ جاري ٻاهرين آمد کي روڪيو وڃي. جيئن افراتفريءَ کي ٻنجو ڏئي جيڪي موجود آهن. انهن ۾ نئين سماج جي جوڙجڪ ٿي سگهي. ان لاءِ شرط آهي ته سيني کي سنڌ ڏرتيءَ سان ناتو جوڙڻو پوندو.

اڇو ته ڪنڊا ميڙي ڏرتيءَ کي ريج ڏيون، ڦٽندڙ سرنهن جا گُل اسان جي ڪهاڻين جي ڪردارن جا هيڊا ڇهرا ٿي ته هوندا.

o

جديد سنڌي ناول جو معيار

ادب ۽ تخليق ۾ لفظ معيار پراڻي گهڙيال جي پينڊيولم جيان آهي. پينڊيولم ڪڏهن ساڄي ته ڪڏهن کاٻي. گهڙيال ۾ ٻڪندڙ وقت سان معيار جو عڪس تبديل ٿئي ٿو. ضروري نه آهي ته منهنجي معيار جا پيمانا ٻين جي پيمانن جهڙا هجن. لفظ معيار يا Standard اسان جي الڳ Perception پهچ آهي ۽ جدت هر نئين ڏينهن سان روپ بدلائي ٿي. جدت به معيار جيان ساڳي نه پر ڦرندڙ گهرندڙ (Variable) آهي.

لفظ تنقيد جنهن کي هنديءَ ۾ آلوچنا چيو وڃي ٿو انهن جي پيٽ ۾ سنڌي لفظ ڇنڊڇاڻ بهتر آهي. اسان ڪنهن جو گريبان ڦاڙي سندس سيني جو گهاءُ نه ٿا ڏسي سگهون. ڇنڊڇاڻ جو مقصد آهي ڪنهن بورچيءَ جيان چانور چاڙهڻ کان اڳ انهن کي سٺي نموني سوئجي جيئن ڪنهن کي ڪُڪرو نه اچي. اسان جي ادب جا بورچي ڪکرن مان چانور چونڊين ٿا، سبب مايوسي آهي.

ڪهڙي جدت؟ ڪهڙو معيار؟ ڪهڙو ناول؟ اسين ٻڏل عمارت ۾ دٻيل آهيون. ڦهليل ٻس ۾ منهن مٿيءَ هيٺان دفن ٿي چڪا آهن. سجاڻ کان محروم ٿي چڪا آهيون. دانهون دم ٽوڙي چڪيون آهن. چو جو ٻاهر ڪو ٻڌڻ وارو ڪونهي. جيئن ٻار جي تربيت ماءُ ڪري ٿي، ائين زبان جي پرورش تعليم ڪري ٿي. تعليم اهڙو در آهي جيڪو ٻاهر کلي ٿو. اسين تازي هوا کان محروم ڪتابن جي لاشن تي ٿهڪ ڏيندڙ تربيت جي تربت تي فاتح پڙهي، فتحمند ٿيڻ جي ٻاس باسيندڙ قوم آهيون. اسين خواب ۾ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي جاڳي پيا آهيون ۽ جاڳ ۾ ڏسي رهيا آهيون پير مان رت ٽِمي رهيو آهي. اسين وڍيل وڻ جي لام کي، وڍ مان وهندڙ لاک سان ڳنڍڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

ون يونٽ ڪانپوءِ تعليم جي تباهيءَ جو سبب شاگرد سياست آهي. ڏاڍ مڙسي ۽ ڪاپي ڪلچر، آمر حڪمرانن جي جهالت جي راهه تي ڏنل چڙواڳي ۽ آمر حڪمرانن جي زيردست مفاد پرست مسواڙي ايوانن ۾ وينل ڪرائيدارن جي ڏنل ڍر ته پل قوم تباهه ٿئي.

جتي تعليم جو اهڙو حال هجي، اتي ادب ڪهڙي حيثيت رکي ٿو؟ جتي ڪورس جا ڪتاب نه پڙهيا وڃن، اتي ادبي ڪتاب ڪير پڙهندو؟ مايوسين تخليقڪارن کي مائوف ڪري وڌو آهي ۽ اهو تنقيدنگار ٿي پيو آهي. سنڌ ۾ جيئن اديب سينئر ٿيندو وڃي ٿو تيئن تنقيدنگار ٿيندو وڃي ٿو. نفسياتي طرح اگهاڙي انسان جو عڪس نه وسرندڙ آهي. شهر جي گهٽين ۾ گهمندڙ مست منفرد آهي. مايوس تخليقڪار کي اهو وهم آهي ته ڪيس تنقيدنگاري اهم بڻائي ٿي. ڏٺو وڃي ته حقيقي تنقيدنگار يا ڇنڊڇاڻ ڪندڙ مٿاهين Superlative سطح آهي. جيڪا ڪيس ڄاڻ، وسيع قلبي، پرک ۽ چونڊ ذريعي ادب جو تاج پارائي تخت نشين ڪري ٿي ۽ سندس صادر ڪيل ترميمون حڪم

سمجهي قبول ڪيون وڃن ٿيون. لينڊڙسون خالص (Pure) حالت ۾ نہ هوندو آهي، ان ڪي چاڙهي صاف ڪيو ويندو آهي. صراف لوهر جا اوزار استعمال ڪري جيڪا شيءِ ٺاهيندو اها زيور نہ هوندي.

سنڌي ناول جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اسان جو ناول قومپرستيءَ جي پرچار، نعري بازي، جذباتپڻي، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي ماحول مان جان ڇڏائي هڪ وک اڳتي وڌيو آهي، حقيقت اها آهي تہ اسان ٽوٽا ٽڪر گڏ ڪري ناول جي بنياد پرڻ جو ڪم ٿي هاڻي شروع ڪيو آهي، انهن بنيادن جي اهميت آهي ڇو جو عمارت جو نقشو انهن بنيادن تي ئي بيٺل هوندو.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ سنڌي شاعري عالمي معيار جي ۽ ناول سنڌي ادب جي سڀ کان پوئتي پيل صنف آهي.

اسان وٽ تخليقي ادب سان لاڳاپيل اديب ٻڍائپ جي حدن کي رسندي لکڻ ڇڏي ڇڏين ٿا، جيڪڏهن ڪي لکن بہ ٿا تہ انهن جي لکڻين جو معيار اهڙو نہ آهي جهڙو لکي چڪا آهن. سبب مايوسي آهي؟ موت جو خوف؟ يا سرڪاري سرپرستيءَ جو نہ هجڻ؟ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي، ان جي ڀيٽ ۾ عالمي سطح تي اديب جيئن پوڙهو ٿئي ٿو تيئن سگهارو ٿئي ٿو. گوگول مئل ارواح (Dead Souls) ناول اڻويهين صديءَ ۾ لکيو ۽ اهو عمر جي آخري اٺن سالن ۾ لکيو. گوگول بہ عمر جي آخري گهڙين ۾ پنهنجي ناول جو اڻ ڇپيل ٻيو حصو هڪ پادريءَ جي چوڻ تي ساڙيو هيو هن مرڻ کان نوَ ڏينهن اڳ کاڌو پيتو ڇڏي ڏنو ۽ 1852ع ۾ گذاري ويو مقصد تہ ان لکڻ سان ساٿ نڀايو.

دوستو فسڪيءَ جو تہ گذر ئي ناول تي هوندو هيو ان آخري وقت تائين قلم جو ساٿ نہ ڇڏيو، ان مفلس ۽ قرضي اديب 1881ع ۾ وفات ڪئي، حيرت جهڙي ڳالهہ آهي ان ڪسمپرسيءَ ۾ گذاريندڙ اديب جي جنازي ۾ ماسڪو جي لکين ماڻهن شرڪت ڪئي، پر جيئري هڪ دوست ڪانسواءِ ڪنهن مالي مدد نہ ڪئي.

اسان جي وقت جي سڀ کان وڏي ناول نگار گارشيا مارڪيز موت کان ڪجهہ سال پهريون "منهنجيون سوڳوار رکيلون" (My melancholy whores) ناول ڏنو.

دنيا جا اديب عمر جي آخري گهڙين تائين قلم جو ساٿ نہ ٿا ڇڏين، جڏهن تہ اسان جا اديب ٿڪجي ماٺ ٿي وڃن ٿا، اهي حال حيات آهن ۽ گهٽي وقت کان ادب ۾ انهن جو ڪردار نہ آهي، ڪنهن بہ زبان کي عالمي سطح تي ادب ئي متعارف ڪرائيندو آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهي ويندڙ صنف ناول آهي. ناول اسان وٽ هاڻ ڀڃيريو (Fertilize) ٿيو آهي، اهو ڪڏهن ڄمندو؟ ڪڏهن بانبڙا پائيندو؟ چئي نہ ٿو سگهجي، ان هوندي بہ شل جواني ماڻي جانب، هجي پوڙهاپ جو پنڌ پري.

o

(هيءَ مضمون 11 سيپٽمبر 2015ع تي اڪيڊمي ادبيات ڪراچيءَ ۾ "ناول" تي ٿيل هڪ بيٺڪ ۾ پڙهيو ويو.)

سرگوشيون

"امر اقبال جي ڪالم ڪتاب تي تبصرو"

امر اقبال پنهنجي ڪالم "ڪراچي، بي نانءُ پوءِ ۽ وسوسن جي ڏکي زنجير" ۾ لکي ٿو:

"مون کي الاءِ ڇو!
مونا ليزا جي لازوال مرڪ
ملبي مان اُٿندڙ دونهي ۾
سڙيل لاشن تي
طنز وانگر محسوس ٿي رهيو آهي."

هڪ تخليقڪار صحافتي انداز ۾ به تخليقڪار ئي رهي ٿو. امر اقبال جي ڪتاب "سرگوشيون" ۾ شامل ڪالم ڪاوش اخبار ۾ شايع ٿيل آهن. هو صحافي نه آهي ڇو جو صحافت وارتا جو ڪليل لفظن ۾ اظهار آهي جڏهن ته امر اقبال اظهار جي قوت سان وارتائن کي جنم ڏئي ٿو.

دنيا ۾ اهي وڏيڪ نروار ٿين ٿا جن پنهنجي ذات کي پويان رکي ٻين جو تذڪرو ڪيو آهي، انهن جي ذات ڪردارن جي هجوم ۾ گمنام رهي غيب جو درجو ماڻي ٿي. امر اقبال پاڻ پنهنجن ڪالمن ۾ ڪٿي به نظر نه ٿو اچي، روڊ، رستا، شهر، ڳوٺ، دوستن ۽ دوستن جي دوستين کي ياد ڪندي، هو پاڻ وساري ويهي ٿو.

ڪراچيءَ جي برنس روڊ تي فوڊ سينٽر پويان هڪ ڪچري ڪونڊيءَ تي ڳاڙهي رنگ سان ڪنهن دل ٺاهي ڇڏي هئي. دل لڳائڻ کان دل ٺاهڻ آسان آهي، پنج لکو دل ٺهي ويندي، ڏٺو وڃي ته دل پنجن جي انگ جهڙي صفا نه آهي، پر دل خون جي لڙڪندڙ قطري جهڙي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته خون جو قطرو دل جيڏو نه آهي، ان ڪچري ڪونڊيءَ ۾ گلاب جون ڏانڊيون به پيل هونديون هيون، ڇو جو پرسان هڪ قديم اسڪول آهي، اهي ڏانڊيون ضرور مالهي باغ جي صفائيءَ ڪانپوءِ اتي اڇلائيندو هوندو. دل ۽ گلاب ڪچري ڪونڊين جيان آهن، جن ۾ محبتون ۽ نفرتون گڏ سمايل آهن.

امر اقبال وفائن جي ڳالهه ڪندي ٿڪجي نه ٿو ۽ جفائن جي ڳالهه ڪندي گهڻو ڪجهه چوڻ چاهي ٿو. هو منتشر خيالن جو مالڪ آهي. ڳالهه مان ڳالهه ڪندي، هڪ ڳالهه پويان ڪئي ڳالهيون ڪري وڃي ٿو. دانشور جي دماغ ۾ سوءَ دروازا هوندا آهن ۽ خيال قافلا. لکي ٿو "بس ۾ لڙڪندي هڪ بي نانءُ پوءِ ۽ وسوسن جي ڏکي زنجير ٺهندي وڃي ٿي."

هو لاشعوري طور خيالن جو اظهار سحر انگيز حقيقت نگاري (Magical realism) ۾ ڪري وڃي ٿو. پوءِ ۽ وسوسن جي نهندڙ ڏگهي زنجير، هن جي اظهار جي قوت خيالن جي زنجير جيان آهي، جنهن ۾ ڪئي خيال ڪڙين جيان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. دهشت گردي، خودڪش ڌماڪا، بيروزگاري، بازار حسن، سچل ۽ ڪجهين جا وڻ، شبانا اعظمي، ارونڌتي راءِ، ڪان وٺي خيرپور جي ميرن ۽ شاعرن جي تذڪري ڪان شيخ اياز جو قداور عڪس، هو هر ڪنهن جو ذڪر عجز ۽ خلوص سان ڪري ٿو. ڪڏهن ڪجهه سٽن ۾ پورو ڪتاب سمائجي وڃي ٿو. ڪالم "جمالان جنهن کي انصاف جي غربت ماري ڇڏيو" ۾ هو لکي ٿو.

"حيدرآباد جي ضلعي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ميندي رتي ڏاڙهيءَ واري يونين ڪائونسل ناظم پاران جذباتي ٿي پنهنجو پاڻ کي رتورت ڪري ڇڏڻ کان وٺي، اتر سنڌ جي عوامي حلقن ۾ گهڻي مقبوليت رکندڙ مزاحيا فنڪار ڏاڙهون مسخري جي "خاموش موت" تائين. سکر جي بازار حسن ۾ پوليس تشدد وگهي ان "سدا سهاڳڻ" جي ضايع ٿيل ٻار کان وٺي، ٽيڪسيلا ۾ عيسائي ميشنري اسپتال تي ٿيل بم حملي ۾ مارجي ويل ٽن نرسن تائين اهڙا موضوع هيا، جن تي الڳ الڳ ڪالم لکڻ سان اخبار جي ايڊيٽوريل صفحي جي پيٽ ۾ هڪڙي ڪنڊ آسانيءَ سان پري پئي سگهي، پر الائي ڇو ٻين سيني ڳالهين کي ڇڏي منهنجي ساڄي هٿ جي آڱرين ۽ آڱرين ۾ جهليل بال پين جو گڏيل اضطراب "جمالان" جي موت تي اچي بيهي ٿو."

ٿورن لفظن ۾ گهڻو ڪجهه چوڻ جو ڏانءُ ۽ ڪڏهن چوندي چوندي نه چوڻ جي گنجائش هن جي خوبي ظاهر ڪن ٿا. جتي هو تذڪرو ڪندي گهڻا نانءَ ظاهر ڪري ٿو اتي خوبيون ڳڻائيندي ڪجهه نانءَ مخفي رکي ٿو. هو لکي ٿو "هن ديس ۾ سڀ کان وڏو غريب انصاف نظر اچي ٿو."

غريب جي ڪا حيثيت نه هوندي آهي انڪري انصاف به ڪا حيثيت نه ٿو رکي، انصاف جي ڪوٺ کان دلين جي ڪوٺ سوءُ دفعا بهتر آهي. انصاف جي ڪوٺ مظلومن کي سوليءَ تي لڙڪائيندي آهي ۽ دلين جي ڪوٺ ناانصافيءَ جو احساس ڏياريندي آهي، جنهن ديس جا غريب انصاف کي پاڻ جهڙو غريب سمجهن، ته اهي انصاف کي جهوپڙين ۾ پناهه ڏيندا آهن ۽ ايوانن ۾ موجود ناانصافي، انصاف جو روپ ڌاري عدالتن جي تارازين جا وَٽ ڪوتا ڪري وجهندي آهي.

امر اقبال سنو شاعر آهي ۽ هن جو نثر اثرانگيز. جڏهن شاعر نثر لکندو آهي ته ان جو نثر، نثري نظم ٿي پوندو آهي. شاعر جي ٻولي ان ڪري سگهاري هوندي آهي جو وٽس لفظن جا انبار هوندا آهن. شيخ اياز جو نثر خوبصورت ۽ دل کي وڻندڙ آهي. شاعر، جيڪو شاعريءَ جي پابندين ۾ قيد هوندو آهي، ان کي جڏهن آزاد ڇڏيو وڃي ٿو ته پلتجي پوي ٿو مون هر سني شاعر جو نثر اثرانگيز محسوس ڪيو آهي.

ڪالم "عيد جون خوشيون ۽ ڊسمبر جو غم" ۾ هو لکي ٿو تہ: "ويندڙ سال جو غم ۽ عيد جون خوشيون ڪجھہ سالن کان هن ديس ۾ گڏجي اچن ٿيون، پر جتي سيني ڏينهن جون شڪايتون هڪجهڙيون ٿي وڃن، اتي عيد جو ڏينهن بہ عام ڏينهن وانگر گذري وڃي ٿو."

هن جي تحرير ڪڏهن تجريد اختيار ڪري وڃي ٿي، سيني ڏينهن جون هڪ جهڙيون شڪايتون عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ٿي. امر اقبال وٽ ذات جي شاعراڻي ڏانءَ سبب لکڻين ۾ جدت جا گھڻا روپ سمايل آهن. هن ڪتاب جي ڪجھہ ڪالمن ۾ دوستن کي ڀرپور نموني ياد ڪيو آهي. ڪالمن جي وچ ۾ خوبصورت شعر ڏنل آهن. هو شيخ اياز کان گھڻو متاثر ڏسجي ٿو. ڪالمن ۾ ڪجھہ شعر ۽ ڳالهيون ورجهائجي ويون آهن. ان جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو تہ اهي ڪالم مختلف وقتن تي شايع ٿيل آهن جنهن ڪري چئي ويل ڳالهيون ياد نہ هجڻ ڪري ورجهائجي ويون آهن.

ڪالم نگاريءَ جا مختلف طريقا آهن. هڪڙا ڪالم جاري وارتائن (Current Affairs) تي هوندا آهن. انهن ۾ ڪليل طريقي سياست ۽ معاشي حالتن تي تبصرا هوندا آهن. اهڙا ڪالم وقت سان اهميت وڃائي ويهندا آهن. حالتون بدلجي پونديون آهن. چڱا مڙس خوار ٿي ويندا آهن ۽ دربدر پريا مڙس سڏائيندا آهن. پر تخليقي قوت سان پريل ڪالم هر دور جو حصو ٿي ويندا آهن. اهي هر وقت جي پوڳنائن تي لاڳو هوندا آهن. امر اقبال جا ڪالم هر دور جا ڪالم آهن. انهن جو درد هر دور جي مظلوم جي دانهن آهي.

تخليقڪار جي طبيعت ان جي لکڻين ۾ ظاهر هوندي آهي. امر اقبال هڪ پرخلوص ۽ همدرد شخص آهي. سندس ڪالمن جو ڪتاب "سرگوشيون" ادبي لحاظ کان منفرد آهي.

ο

وجوديت ۽ اشتراڪيت

وجوديت جو فلسفو ايڏو گنڀير نہ آهي جيڏو ان ڪي بنايو ويو آهي، وجوديت، هستي يا Existentialism جو تصور ان وقت کان آهي، جڏهن شعور جاڳيو انسان پاڻ متعلق سوچيو ۽ اندر هڪ الڳ انسان ڪي محسوس ڪيو بقول فريد الدين جي تہ وجود ان جي صفتن تي مشتمل آهي.

فريد الدين جو ڪتاب وجوديت، تعارف ۽ تنقيد ان سلسلي ۾ سٺي ڪوشش آهي، پر اهو پنهنجي مقصد کان هٽيل ڪتاب آهي، ستهتر صفحن جي مختصر ڪتاب ۾ صرف پنجٽيهہ پنا اهڙا آهن جن تي وجوديت بابت بحث ٿيل آهي.

ڪتاب جي شروع ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي "راءِ" ڏيندي چوي ٿو "ٻئي جنگ عظيم ڪانپوءِ وجوديت جي تحريڪ سهارو ڏنو جيئن فردن، طبقن ۽ جماعتن لاءِ نوان قدر ۽ روايتون پيدا ٿي سگهن، جيڪي زندگيءَ ڪي مقصد يا معنا ڏئي سگهن."

جڏهن تہ وجوديت فردن، طبقن ۽ جماعتن جي نفي ڪري ٿي، اها هجومن جا اجتماعي فيصلا مڙهڻ خلاف آواز آهي.

فريد الدين وجوديت ۽ تاريخي پس منظر ۾ لکي ٿو تہ ڊارون بہ هيوم وانگر روماني ۽ غير عقلي تصور ڪي اڳتي وڌايو.

ڊارون ڪي هيوم سان ڀيٽي نہ ٿو سگهجي، اهڙو خيال هيوم سان لاڳو ٿي سگهي ٿو پر ڊارون سان نہ، ڊارون هڪ سائنسدان هيو جنهن ارتقا جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هڪ تصور ڪي حقيقت جو روپ ڏنو ڊارون عقل ۽ مشاهدي جي بنيادن تي ارتقا ڪي واضع ڪري ٿو.

وجوديت زندگيءَ جو شعور آهي، موجودگيءَ جو احساس وجوديت آهي. انفرادي يا اجتماعي احساس ٻئي صورتون وجود جو يقين ڏيارين ٿيون، انسان جو انفرادي احساس انڪري آهي جو سندس لاشعور ۾ اجتماعي احساس وجود رکي ٿو هڪ فرد پنهنجي ڪردار ۽ سوچ ۾ آزاد آهي ڇو جو هڪ الڳ وجود رکي ٿو فرد تي هجوم، اڪثريت يا عقيدي جا فيصلا مڙهي نہ ٿا سگهجن، وجوديت جو نظريو مڙهيل اجتماعي نظامن ۽ نظرين کان بغاوت آهي.

وجوديت جو فلسفو اوڻويهين صديءَ تائين هڪ عام فلسفو هيو جيڪو شهنشاهيت ۽ مذهب خلاف آواز هيو. ويهين صديءَ جي حالتن ان ڪي اُڀاريو. ڪميونسٽ انقلاب دنيا ڪي متاثر ڪيو. پهرين ۽ ٻئي جنگ عظيم ۾ لکين انسان موت جي ور چڙهي ويا، ڪيترن انسانن ڪي جلاوطني اختيار ڪرڻ پئي، يهودي سرمائيدار گهڻو متاثر ٿيا، ان ڪانپوءِ ٿڌي جنگ (Cold War) شروع ٿي. اهو نظرين جي جنگ جو زمانو هيو. هڪ طرف اجتماعي سوچ ۽ ٻئي طرف انفرادي سوچ جنم ورتو اهو وقت هيو جڏهن اشتراڪي نظريي خلاف وجوديت (Existentalism) جي نظريي ڪي زور وٺائڻ جي ضرورت

پيش آئي، ڇو جو وجوديت فرد جي انفرادي حيثيت کي اهميت ڏئي ٿي ۽ ڪو به مڙهيل نظام قبول نه ٿي ڪري.

ان دور ۾ وجوديت جو فلسفو ادب جو حصو نظر اچي ٿو. وجودي ناول گهڻا مقبول ٿيا. سوويت يونين اندر پڻ اهڙا اديب پيدا ٿيا، جن وجوديت کي موضوع بنايو ۽ اهي سزا طور جلاوطن ٿيا.

ٽئين جنگ جي ڏينهن ۾ نوبل انعام کي ڪميونزم خلاف هٿيار طور استعمال ڪيو ويو. وجودي اديبن کي انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙ چئي کين نوبل پرائيز سان نوازيو ويو. سارتر نوبل انعام کي انڪري ٺڪرايو جو کيس خبر هئي ته اهو انعام ان کي وجوديءَ جي حيثيت ۾ نه پر سياسي طور اڻ سڌيءَ طرح سوويت يونين ۽ ان جي نظريي جي مخالفت ڪري آڇيو ويو آهي. ڌرتيءَ تي انسان، انسان جو ئي غلام رهيو آهي. مذهب، نظريو، طاقت انسان کي زير ڪندا آيا آهن. انسان جو پاڻ ڳولهڻ وجوديت آهي.

گهڻن وجودي فلاسافرن انڪري شادي نه ڪئي جو شاديءَ ڪانپوءِ فرد ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي وڃي ٿو ۽ ڪٽنب جو حصو بنجي انفرادي حيثيت وڃائي ويهي ٿو. وجوديت هيگل جي نظريي جو ردعمل آهي، جنهن چيو "انفرادي حيثيت ۾ فرد جي حيثيت نه آهي. فرد تي هجوم کي فوقيت حاصل آهي."

هيگل کان اڳ به اهڙي ڳالهه ڪئي وئي آهي، اخلاقيات جو فلسفو فرد جي اجتماعيت تي زور ڏئي ٿو.

اڻويهين صديءَ ۾ ڪيئر ڪگارڊ، هيگل جي فلسفي کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان چيو "اجتماعي نظريا غلط آهن ڇو انهن ۾ فرد جي اهميت نه آهي. ڪيئر ڪگارڊ انسان جي انفرادي حيثيت جي ڳالهه ڪندي مذهب سان لاڳاپيل هيو. هن جو پيءُ جيڪو ڪليسيا جو پادري هيو. ان زال جي فوت ٿي وڃڻ ڪانپوءِ نوڪرياڻيءَ سان گناهه جو ارتڪاب ڪيو جنهن مان کيس ڪيئر ڪگارڊ ڄايو. سندس پيءُ سدائين ان گناهه جي احساس ۾ رهيو ته ان ڇڱو ڪم نه ڪيو آهي. پيءُ کان ورثي ۾ مليل گناهه جي احساس هيٺ ڪيئر ڪگارڊ به زندگيءَ ۾ ان مورثي گناهه جي احساس هيٺ رهيو، هو خوف ۽ گناهه جي احساس ۾ ان حد تائين ورتل هوندو هيو جو چوندو هيو ته "وجود جي موجودگي گناهه جي احساس ڪري آهي، اسين گناهن کي محسوس ڪيون ٿا، جنهن جي خوف کان موجودگيءَ جو احساس ٿئي ٿو."

سارتر وٽ به ساڳيو نظريو آهي پر هو خدا جي نفي ڪري ٿو سندس چوڻ موجب "انسان پاڻ کي خدا سان ڳنڍيو آزاد رهي نه ٿو سگهي."

وجود ۽ ڪجهه نه (Being and nothingess) ۾ هو فرد کي اهميت ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو "انفرادي وجود ڪانسواءِ ڪجهه نه آهي، جيڪي آهي فرد جي اندر جي روشني آهي، جيڪا وجود کان ٻاهر هر شيءِ روشن ڪري ٿي، ائين فرد پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڻ معنا پيدا ڪري ٿو."

هن وٽ زندگيءَ جي بي معنا هجڻ جو احساس خوف جو سبب آهي، جنهن ڪري هڪ دانشور وٽ مايوسي ۽ اداسيءَ جي ڪيفيت نظر اچي ٿي. وجود کان ٻاهر ڪجهه نه هجڻ جو احساس دنيا کي نفرت لائق بنائي ٿو. اهڙوئي احساس هيو جنهن هن کان ڪتاب “اوڪارا” (Nausea) لکرايو. وجودي اديب پنهنجن ناولن ۾ پاڻ ڳولهيندي نظر اچن ٿا. ڪاميو جو “ڌاريو” (Outsider) اهڙن احساسن سان ڀريل آهي. ڪافڪا جو نروار (Metamosphosis) انساني وجود کي هڪ ڪيڙي جي تبديليءَ ۾ نروار ڪري ٿو. جيمس جوائس جو “يوليس” (Ulysses) ۽ ڪاميو جي سسيفس جي ڏند ڪٿا (Myth of sisyphus) جيان ديو مالائي ڪردارن ذريعي انسان جي بي سبب پوڳنائن کي واضح ڪري ٿو. هڪ خوف ۾ ورتل انسان، ان جي اڪيلائي، زندگيءَ جو بي معنا ٿي پوڻ انفرادي وجود ۾ انسان آزادي ڳولهيندي پاڻ ۾ قيد ٿي وڃي ٿو. سسيفس سزا طور هڪ وڏو پٿر جبل تي چاڙهي ۽ لاهي ٿو. وجود پوڳنا آهي. سزا ڪاڌل پروميٿيس جيڪو زنجيرن سان ٻڌل آهي. ڳجهون ان جو جيرو کائن ٿيون ۽ جيرو وري پيدا ٿي پوي ٿو. انسان مرضيءَ کانسواءِ دنيا ۾ آيو آهي ۽ بي سبب موت هٿان ماريو وڃي ٿو.

فريد الدين نظرياتي طور ڪميونزم جو حامي رهيو آهي، جنهن ڪري اهو وجوديت سان انصاف ڪري نه سگهيو آهي، سندس بقول “هيءُ فلسفو وهمي ۽ غير عقلي تصورن کي جنم ڏئي ٿو. هيءُ فرد جي نجات جو رستو نه آهي پر ان رستي ۾ رڪاوٽون پيدا ڪري ٿو هيءُ نظريو جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ جي بچاءَ لاءِ هڪ موثر هٿيار آهي.”

ο

(هيءُ مضمون تاريخ 4 جولاءِ 2015ع تي فريد الدين جي ڪتاب ”وجوديت، تعارف ۽ تنقيد“ تي هڪ مطالعاتي بيٺڪ ۾ پڙهيو ويو.)

هر صنف جو شاعر

(ادل سومري جي شاعريءَ جو تجزيو)

ڇا!
اسان کي
موهن جي دڙي ۾
رهڻ جي اجازت
ملي سگهندي؟

ڪي وقت کان اڳ پيدا ٿيندا آهن، اسين وقت کان پوءِ پيدا ٿيا آهيون، جيڪي وقت کان اڳ پيدا ٿيندا آهن، انهن کي زمانو نہ سڃاڻندو آهي ۽ جيڪي وقت کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن، اهي زماني کي نہ سڃاڻيندا آهن.

اسان جو زمانو گذري چڪو آهي، اسين اونچين عمارتن وچ ۾ کنڊرن جيان گهمي رهيا آهيون، کنڊرن مان لڌل سونهن جي ديويءَ جون ٻانهون ڪٽيل آهن، موهن جي دڙي جي نچڻي ڇيلهہ تي هٿ ڏئي حيرت جي حالت ۾ بيٺل آهي، اسان جون اکيون جن کي صدين جو مشاهدو آهي. اکيون جيڪي پنڌ پهڻ ٿي چڪيون آهن، رت جا ڳوڙها پٿر ٿي چڪا آهن، خبر نہ آهي سنڌ ڪڏهن روئندي جو درياهہ پرجي ويندا ۽ اسين رت ۾ وهنجنداسين.

ادل سومرو جنهن جي شاعريءَ جو مرڪز سنڌ آهي ۽ ان جا مارو آهن.

ادل سومري کي ان وقت کان سڃاڻان جڏهن شاعر نہ هيو پر لڳندو هيو تہ شاعر آهي، منهنجي ننڍپڻ جو دوست جنهن سان سکر ۾ ڏرتتيءَ جو روڊن تي رليس، اسان ڪچهريءَ لاءِ سکر جي هوٽلن جون غير ضروري چانهيون پيتيون، سينيمائن ۾ منجهند جو شو ڏسڻ لاءِ مٽي تي ٿوال ڏئي ڪشالا ڪيا، پر حقيقت اها آهي تہ انهن غير ضروري پيتل چانهن جو ذائقو ۽ مزواج جي فائيوَ اسٽار هوٽلن کان وڌيڪ آهي، اهي ڪشالا، اهي رولاڪيون ڪيندي دل ۾ جيڪا خوشي ۽ تجسس هوندو هيو، اهڙو اج نصيب نہ آهي، مون وٽ اج بہ هزارين فرصتون آهن پر منهنجيون مصروفيتون اڪيلائين سان گفتگو ڪندي گذري وڃن ٿيون.

ادل باڪمال شاعر آهي.

گل ٽاريءَ مان ڇني، پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون،
ساز جون تارون ڇهي، پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

زندگي تو ڪانسواءِ پيي مان گذاري ٿو سگهان،
خط ۾ جملو لکي، پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.

سني شاعري اها آهي جيڪا توهان کي وٺي ۽ خودبخود “واهه” نڪري وڃي. شاعريءَ جو اهوئي ته ڪمال هوندو آهي. اها موسم جيان توهان جي طبيعت تي اثر ڪري، وايو منڊل کي بدلائي وجهي، سڪون تازگي يا اشتعال ۽ نفرت ڏياري وجهي. شاعري انقلاب نه آڻيندي آهي، انقلاب حالتون آڻينديون آهن. شاعري بدحال سماج ۾ بي حال محبوب جي عڪاس آهي.

سار تنهنجي اچي، پوءِ ٻڏي ٿي وڃي،
دل ته منهنجي نچي، پوءِ ٻڏي ٿي وڃي.

عشق جي انتها وجدان آهي. وجدان غيب جي ڪمري کي روشن ڪري ٿو ادل جي انهن سٽن ۾ بي خودي سمايل آهي. هڪ اهڙي ڪيفيت جنهن ۾ ڪو ٻڏندو ۽ ترندو وڃي. تري ته موت ڏسي، ٻڏي ته زندگي حاصل ڪري.

نظر وات ويندي، نظر ۾ ٻڏي وئي،
ڪائي ناوَ چڙ ڪا، لهر ۾ ٻڏي وئي.

انهيءَ کي ته ڪورڻ چاهيو سنگتراش،
اها مورتي جا، پٿر ۾ ٻڏي وئي.

هر شاعريءَ ۾ سريئلزم، اهڃاڻ يا تجريد خودبخود موجود هوندا آهن. شاعري ٿيندي ئي تڏهن آهي، جڏهن اهڙن لوازمات سان سينگاريل هجي، باقي اهڙيون خاصيتون ڪنهن حد تائين ۽ ڪهڙي طريقي ان ۾ شامل آهن. اها شاعر جي انفرادي سگهه آهي، هن جي ذات آهي ته ان ڏانءَ کي ڪيئن آزمايو آهي. ادل ۾ اهي خوبيون عروج تي آهن. هو انهن جو سگهارو اظهار ڪري ٿو.

بنا ڪنهن اعلان جي، اچيو اُجاڙين،
مون کي لتاڙين، فوجون تنهنجي ياد جون.

ادل جي انهن سٽن کي پڙهي منهنجي ذهن ۾ يادون مارشلا جيئن اچن ٿيون ۽ مان اها دُعا گهرندس ته “اي خدا يادن جي مارشلا ڪانسواءِ ڪنهن بيءَ مارشلا جو منهن نه ڏيکارجانءِ”

ادل ڪمال ڪيو آهي، هن جي جمالياتي حِس محبوب کي گواهه بنائي ڊڪٽيٽرشپ کي نندي ٿي، شاعريءَ ۾ هر اظهار جو ذريعو سونهن هجڻ گهرجي، جنهن تي عمل نہ ٿو ڪيو وڃي، ان حوالي سان ادل جو اهي سِٽون مثال آهن تہ حالتن جو سونهن ۾ اظهار ڪيئن ڪجي.

ٿڌي ڇانوَ نم جي، هو پنڇي هو پينگهو،
اباڻو ڊٿل گهر، هو ڳالهيون پراڻيون.

پڙهي مونکي پنهنجو گهر ياد اچي ويو دل باغ باغ ٿي وئي، منهنجو گهر صفا اهڙو هيو "نم جو وڻ" جنهن جو ذڪر منهنجين انن ڪهاڻين ۾ آهي، ان ڊٿل گهر جي الميي ۾ صرف منهنجيون يادون دفن نہ آهن پر اڪثر گهر اهڙا هوندا هيا. سکر جي وچ شهر ۾، ادل سومري جي گهر سامهون وڏي ميدان ۾ ڪجين جا وڻ جن کي پٽر هٽي ڪارڪون ڪائيندا هياسين.

جڻ سڪل ڪنهن نان جان، مان تو سوا،
رديءَ جي اخبار ۾ ويڙهيو پيو آن.

ائين لڳي ٿو جڻ رديءَ جي ڪفن ۾ اتي مان ڳوهيل انسان جو لاش ويڙهيل هجي، محبوب بنا مايوسيءَ جو اظهار جنهن ۾ هر شيءِ فنا جي درجي تي پهتل آهي، هڪ منفرد خيال ۽ ميرانجهڙي رنگ سان ڪچي پٽ تي نهيل اڻ مٽ چِٽر آهي.

گهر خوشين جا ڪيترا ڪمزور هن،
ٿوري ڏک تي ڏار ٿا پئجي وڃن.

انديشا انهن جي حصي ۾ اچن ٿا، جن وٽ گهڻو ڪجهہ هئڻ جو احساس آهي، نہ هئڻ جو احساس اهڙي محرومي عطا ڪري ٿو، جنهن ۾ ڪسجڻ جو ڪو بہ امڪان نہ آهي، ڏک سگهارا ۽ خوشيون ڪمزور آهن.

ڪوئل پاڻ الائي ڪاڏي اڏري وئي،
وڻ تي پوءِ بہ، هن جي ٻولي ڦتڪي ٿي.

جيئن لکڻ جي ذات هوندي آهي ائين پڙهڻ جي ذات هوندي آهي، پڙهڻ گلن جي رس چوسڻ آهي، سڀ مکيون هڪجهڙيون نہ هونديون آهن، ڪنهن چيو پئي تہ "گونگو ڳڙ کائي ذائقي جو اظهار نہ ڪندو آهي." پر حقيقت اها آهي تہ گونگو ڳڙ کائي نچندو آهي ۽ ان جو اهڙو اظهار زبان رکندڙ کان سگهارو آهي.

موسم جو مزو پوپٽ کان پڇو. جيڪو چار ڏينهن بهار جا رهي دنيا مان موڪلائي ويندو آهي، ڪي ڏک ۾ خوشي محسوس ڪندا آهن، پر ڪن کي خوشيون غمگين ڪري وجهن ٿيون. ڪوئل جي اڌرڻ کان پوءِ وڻ تي ان جي "ڪوڪ" جو ڦتڪڻ کهڙو تاثر ڇڏي ٿو. اهو انفرادي Perception آهي.

درد جون دل تي ڇٽيل ڳالهيون پڙهي،
ڪير ڪڪرن تي لکيل ڳالهيون پڙهي،
حالتن کان هو لنوائي گهر ۾ بس،
ٿو ڪتاب ۽ ڇپيل ڳالهيون پڙهي.

فرد جيڪو معاشري جي چوديواري ۾ رسن سان ٻڌل آهي ۽ رسا جيڪي هن جي رڳن سان جڙيل آهن، رسا جيڪي وجود جي پاڙن جيان زماني ۾ کُتل آهن، اهي وقت سان ڇڏن ٿا، فطرت جو اهڙو عمل خودبخود آهي، فرد جي چاهڻ يا نہ چاهڻ کي ڪا اهميت نہ آهي، اسين تخم جي حد تائين Precoded ۽ Preplanned آهيون، وقت جي ڪلهن تي ويٺل فرد يرغمال ٿيل آهي. جڏهن رسا ڇڏن ٿا تہ هو اڪيلائين ۾ آزاد ٿي دنيا مان روانو ٿي وڃي ٿو. ادل اهڙي ڪيفيت کي ڇِٽيو آهي، جي ڪڏهن معاشي حالتون اجازت ڏين تہ اڪيلائيءَ ۾ ڪتاب پڙهڻ شراب کان وڏي عياشي آهي.

اسان کان لنوائي هليو ٿو وڃي،
هو رستو مٽائي هليو ٿو وڃي،
نہ ترسي ڳالهائي عجب دوست آ،
رڳو هٿ ملائي هليو ٿو وڃي.

ادل دوست جي بي رخيءَ کي سٺن لفظن ۾ چِٽيو آهي، شاعريءَ جي ارتقا سونهن جي ساراهہ سان شروع ٿي هئي ۽ پڪ سان ان جي بي رخيءَ تي ختم ٿيٽي آهي، اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شاعري اها سگهہ آهي، جيڪا ارتقا کان وڏيڪ اثرانداز ٿئي ٿي، شاعري پٿر دل محبوب کي پاڻي ڪري سگهي ٿي. دوست جي بي رُخيءَ کي نئون رُخ ڏئي سگهي ٿي.

سُڏڪن سان سحري ڪئي، ڳوڙهن
سان افطار،
روئندا ڏسي ٻار، رمضان بہ روئي پيو.

ادل جي ان بيت ۾ درد سمايل آهي، غلام فريد جو ڪلام آهي.

ڏکان دي روٽي،
سوران دا سالن،

آهان دا ٻالڻ ٻال ني،
آيل ڙي مين ڪنون آ ڪان،
درد وڇوڙي دا حال ني.

پر ادل جو بيت منفرد آهي، سڏڪن جي سحري ۾ ڳوڙهن جو افطار. بي وسي غربت ۾ ڏک جي اظهار جو نئون انداز آهي.

ادل سومرو سنڌي شاعريءَ جو اهڙو نانءُ آهي، جنهن ڪي شاعريءَ جي ڪنهن ٻه هڪ صنف سان وابستا نه ٿو ڪري سگهجي، هن ڪي سڀني صنفن تي عبور حاصل آهي، جيئن چيو ويو ته "ادل وائي ۽ بيت جو شاعر آهي." مان ان راءِ سان متفق نه آهيان، هن وٽ غزل جو ڀرپور اظهار آهي ۽ هن آزاد نظم، نظم، نثري نظم ۾ نوَ لکا ٻه تمام سنا لکيا آهن، هن جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو آهي.

سندس ٻوڏ تي لکيل ڪجهه بيت ملاحظا ڪريو.

ٻڏي ويل وڻ تي، پکي وينا ها،
انهن جا ٻچا، آکري ۾ ننڊ هيا.

***

طبقاتي نظام جيان، درياهه جو دستور،
ٻوڙي ٿو مزدور، ڳڙڪائي ٿو جهوپڙيون.

***

پاڻيءَ ٻوڙي آ چڏي، پونجي ۾ ميڙي،
اڪيلي ٻيڙي، ماڻهن ڪي ڳولهي پئي.

سيلاب تي لکيل غزل جون دل ڇهندڙ سِٽون:

ٻارڙيءَ جو پتو ناهي ته هوءَ ڪاڏي وئي،
هيڪلي ترندي رهي، هن جي گڏي سيلاب
۾.

هن جي وائيءَ جو هڪ علامتي انداز:

ٻار ٽا اوندهه ۾ روئن،
درد ئي ٻاري چڏيون،
زندگي گهاري چڏيون.

جي تري پيڙي نہ پنهنجي،
لڙڪ ئي تاري چڙيون،
زندگي گھاري چڙيون.

هن جي نثراٽي نظم "اسان آسمان جو رنگ تبديل ڪرڻ ٿا چاهيون" جيڪو آمريڪا جي عراق تي حملي وقت 2003ع ۾ لکيو مان ڪجھ سِٽون:

ڪين دلاسو ڏيو تہ،
هڪ ڏينهن سيني ڪي مرڻو آهي،
پر اسين ڪوشش ڪنداسين تہ،
مرڻ وارن جو تعداد،
روئڻ وارن کان وڌي نہ وڃي.

هن جو آزاد نظم "اکين ۾ رچ جو رستو" بين الاقوامي آواز آهي:

تون پڙهين ٿي شاعري جنهن شخص جي،
تو اڳيان هوندي بہ هو ڳچندو ڪٿي،
روپ بادل جو ڪيو محبوب آهي،
دل پچي تي هو پيلا وسندو ڪٿي.

سندس غزل ۾ خاموشيءَ ڳالهائي ٿي، محبوب جي بادل جو روپ ٿڌو احساس پيدا ڪري ٿو.

ڳاڙها ساوا نظريا، رکي پاسي تي،
آءُ تہ هڪ ٿيئي کي، درد ٻڌايون ديس جا.

هن جا بيت نوان خيال اپارن ٿا، شاعر جو نظريو بي رنگ هوندو آهي، شاعر شفاف هوندو آهي، شفافيت هوا کي غيب جو درجو ڏئي ٿي ۽ بي رنگي پاڻيءَ کي الڳ ذائقو ڏئي ٿي، عظيم شاعرن ديس ۽ ان جي مارن کي اهميت ڏني آهي، ويريون پيدا نہ ڪيون آهن، پر ديوارن کي ڍاٺو آهي.
ادل ڪوڙي قومپرستيءَ کي پڻ ننديو آهي.

قوم پرستيءَ جي ڪمبل ۾،
لڪيل خنجر،
دودي جي پٺ کي ئي،
زخمي ڪري ٿو.

ادل سومرو سنڌي ٻوليءَ جو اهم شاعر آهي، ادل همدرد انسان ۽ سٺو دوست آهي، هن سنڌي ادب لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، حيدرآباد ۾ ادبي سنگت جي مرڪزي آفيس جو بنياد ادل سومري جي ڏينهن ۾ پيو. هو سٺو خطاط ۽ چترڪار آهي، شيخ اياز لاءِ ان جي آخري ڏينهن ۾ ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪيل ڪين آهن، هن وٽ عجز نيازي ۽ انڪساري آهي، هن جون هيئيون سِٽون سندس عظمت جو مثال آهن.

بس ائين لوڪ سان ڏکجي وياسين،
حال پنهنجو نئين صديءَ جهڙو نه هو.
سومري جو مان ۽ نالو ته هو پر،
پير ۾ تنهنجي جتيءَ جهڙو نه هو.

○

شيخ اياز جون ڪهاڻيون

سچي هٿ ۾ قلم جهلي شاعري ڪندڙ لاءِ نثر ڪبي هٿ جو ڪيل آهي، محاورو "ڪبي هٿ جو ڪيل" ظاهر ڪندو آهي ته جنهن جو ڪبو هٿ ايڏو سگهارو هجي ته سچو هٿ خبر نه آهي ڪهڙي عظمت کي ڇُهندو هوندو، سچي ۽ ڪبي هٿ مان منهنجي مراد ان نظريي طرف نه هئي، جيڪو مري چڪو آهي ۽ ان جا ٻئي هٿ ڪفن مان ٻاهر نڪتل هيا. منهنجو مطلب ته هڪ شاعر لاءِ نثر ائين آهي جيئن ٻار، جنهن کي سامهون ويهاري ڳالهائڻ سيکاري ٿو. لفظ سيکاري ٿو ۽ جملن ۾ لفظن جو استعمال ٻڌائي ٿو. شاعر جون تجوڙيون لفظن سان سٿيل هونديون آهن. ضرورت پوي ته لفظ شاعر کان اوڌارا وٺو. ويا ج "داد" تائين محدود آهي.

شيخ اياز املتاس جو وڻ، سنجها ويل سوجهري ۽ اونداهه جي وچ تان وقت کي چيريندڙ ڪوئل جي ڪوڪ، رڻ ۾ پوريل نهنا نيڻ جن جي ڳوڙهن جي لوٽاٽ کوهن کي کارو ڪري ٿي. اياز اسان جي وقت جو معجزو هيو ۽ اهو معجزو اکين سان ڏسڻ ڪانپوءِ يقين ٿئي ٿو ته مايوسين جي هيڊي وڻ تي اميدن جا ڳاڙها گُل ڦُٽن ٿا.

هن جو نثر شاعريءَ جي وڻ مان ڇڻيل پاروٽا ڪيسوڦل آهن. ڇون ٿا صبر جو ڦل منو هوندو آهي ۽ مان چوان ٿو پاروٿو پڙ، ڇو جو پاروتي ڦل جي رس شراب ۾ تبديل ٿئي ٿي ۽ ڪيسوڦل واس ئي تڏهن ڏيندا آهن جڏهن پاروٽا ٿين.

ڪڏهن مائي "رتن ماءُ" غريب آباد جي ڪوهي پڊر ۾ جتي ٿين جي چادر سان ڍڪيل کوهه هوندو هيو ۽ عورتون چرخي ۾ رسيءَ سان ٻڌل ڏول ڇڪي دلن ۾ پاڻي پريندو هيون. تڏهن مان ڇهن سالن جو هيس. رتن ماءُ ان پڊر ۾ گلاب، سونف، ڪرن گل ۽ ڪيسوڦل سڪائي، ٻه وڏا ديگڙا هڪ ٻئي مٿان رکي انهن جي ڪنارن سان مٽي لمبي اندر گل ٽهڪائي "ڇڪائڻ" جي عمل سان ٽيپو ٽيپو نڙ مان وهندڙ عرق بوتلن ۾ گڏ ڪري وڪڻندي هئي. پاروٽا ڪيسوڦل جن جي عرق سان ڪورا ڪاغذ ڏوپجي لفظ نروار ڪن ٿا.

اياز جو نثر پڙهجي ٿو ته خبر پوي ٿي اهو ڪنهن شاعر جو آهي. لفظ شاعر جون رڍون هوندا آهن ۽ هو ڌڻ کي لڪڻ سان نه پر قلم جي اشاري سان قابو ڪندو آهي. ڌڻ جو مالڪ ڌڻي آهي، جيئن وڻيس تيئن ڪري، ڪهل اچيس ته ڪهين، وڻيس ته وڍي. شاعر اڳيان لفظ مجبور آهن. لفظن جي هٿ ۾ ڪجهه نه آهي. لفظ بيوس ۽ لاچار آهن. وڻيس ته تجريدي بنائي بگاڙي وجهي. وڻيس ته حقيقت کي شوڪارو هٽي خواب بنائي وجهي. سرئلزم جي اڏرندڙ ڪتولي تي ويهاري ان جا چار پاوا ڪيدي وجهي، انڌو بنائي ڪنهن جا دونگريءَ ۾ طلسم اندر پتڪائي وجهي.

اياز جو نثر تاڪ منجهند جو ڳهاتي ٻڙ جهڙي شاعريءَ مان ڇٽندڙ اس جي تيز تروڙن جيان موجودگيءَ جو احساس ڏياري ٿو. هن جي چانيل شاعري هر شيءِ تي غالب آهي، سندس ٻيون صنفون تخليق جي قافلي جا پويان ايندڙ اُٺ آهن، جن جا پاڪڙا وزندار تخليقن جي بار ڪان ڪڏهن نہ ٿا ٿڪجن.

شيخ اياز جون ڪهاڻيون پڙهي لڳي ٿو هن ڪهاڻيڪار ٿيڻ چاهيو پئي. اهي مڪمل ڪهاڻيون آهن. اهي ڪهاڻيون فني ضرورتون پوريون ڪن ٿيون. پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ اهي ڪهاڻيون ان دور جي نامور ڪهاڻيڪارن جي فن سان سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ مضبوط بنياد فراهم ڪن ٿيون، پر شيخ اياز وٽ ڪهاڻيءَ جا پنهنجا معيار آهن. مون کي ياد پوي ٿو تہ هن ڪنهن ڪچهريءَ يا ڪنهن انٽرويوءَ ۾ چيو هيو تہ "سنڌي اديب کي ڊرامائي انداز يا حد کان وڌيڪ جذباتي انداز ڪانسواءِ ائين لکڻ گهرجي جو معاشري جون ڪوتاهيون ۽ مسئلا اجاگر ٿي پون ۽ انهن مسئلن جو حل پڻ انهن ۾ سمايل هجي." هن سنڌي ڪهاڻيڪارن کي گهڻ ساراهيو آهي ۽ هڪ ٻن وڏن ڪهاڻيڪارن لاءِ چيو آهي تہ اهي ڪهاڻيڪارن جي قطار ۾ شامل نہ آهن، اياز اسان وٽ قدآور تخليقڪار آهي، ان جي هر ڳالهہ اهميت رکي ٿي.

جڏهن اياز جي ڪهاڻين تي نظر وجهجي تہ اهي ان دور جون آهن، جڏهن سنڌ ۾ افسانوي جي ابتدا ٿي رهي هئي. سوويت يونين ۽ ان جو نظريو دنيا جي درياهن ۾ داخل ٿي چڪو هيو. سوويت ادب عوامي روپ ڌاري خارجي مسئلن جي ڳالهہ ڪري رهيو هيو. داخلي ادب ٻي جنگ عظيم ۾ تباهہ ٿيل ملڪن جي هارايل ماڻهن جي شخصي پوڳنائن تائين محدود ٿي ويو هيو. انهن ڏينهن ۾ ادب جي ڪولڊ وار پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. Pessimism ۽ Optimism ترقي پسند ۽ رجعت پسنديءَ جهڙا محاورا عام ملن ٿا. اسان جو سنڌي ادب بہ اهڙي ئي بہ واٽي تي هلي ٿو. ان وقت اياز ترقي پسند سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جو سرواڻ نظر اچي ٿو. هن جون ڪهاڻيون مروج حد بنديون ٽوڙي نئين جوش ۽ جذبي سان ايرن ٿيون. جيئن تہ اهو ڪهاڻيءَ جو ابتدائي دور هيو انڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ شيخ اياز يا ٻين ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون ادب جون جديد گهرجون پوريون ڪن ٿيون يا نہ؟ پر ان دور جي لحاظ کان انهن ۾ نواڻ ۽ نئون گس سمايل آهي.

اياز جي ڪهاڻين جي خوبي منظر، تشبيهون ۽ خوبصورت ٻولي آهي. هن تي ٻاهرين ڪهاڻيءَ جو اثر پڻ ڏسڻ اچي ٿو. سندس ڪجهہ ڪهاڻيون چرڪائيندڙ ۽ تجسس سان ڀريل آهن. هن جون ڪهاڻيون Climax تي پهچي Anticlomax تي وڃن ٿيون. ان دور ۾ او هينيري ۽ ارنسٽ هيمنگوي جون ڪهاڻيون پڻ ساڳي انداز ۾ لکيل آهن.

شيخ اياز جي ڪهاڻين جو واحد مجموعو "پنهل ڪانپوءِ" ان ساڳي دور سان تعلق رکي ٿو جڏهن سنڌي ڪهاڻي سرجي رهي هئي پر سنڌي ڪهاڻيءَ جي تجزيي وقت هن عظيم شاعر جي ڪهاڻين جو تذڪرو گهٽ ڪيو وڃي ٿو. جڏهن تہ هن جون ڪهاڻيون جدت ۽ موضوع جي لحاظ کان وڏو درجو

ماڻين ٽيون. سفيد وحشي، ڪلٽي ۽ ٻيون ڪهاڻيون پڙهي اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي ته سندس شاعريءَ جي انبارن هيٺان هن جون املهه ڪهاڻيون اوجهل آهن. شيخ اياز جي ڪهاڻين کي ڳولهڻو پوندو.

سنڌ جي هن عظيم شاعر جي ڪوري ڪاغذ تي پاٽل ٿلهي ليڪ به وڏي اهميت رکي ٿي.

o

ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي

جڏهن انسان شعور ۾ آيو هوندو ۽ پهرين دانهن ڪئي هوندي ته ان دانهن ڪهاڻيءَ جو روپ ڌاريو هوندو. ڌرتيءَ تي ظلم جي عمر سڀ کان وڏي آهي. پيار اهڙو معصوم ٻار آهي جيڪو ڪڏهن وڏو نه ٿيندو.

لکين سال اڳ ڪنهن ڪهاڻي ٻڌائيندڙ ضرور ڪنهن ظلم جو انجام معجزي تي ڪيو هوندو. ديو مالائي ڏند ڪٿائون جن ۾ انسان پوڄنائن کان نجات ديوتائن ۾ ڳولهي ٿو. ازل کان انسان پاڻ وڃائڻ ۾ مصروف رهيو آهي، ان اندر معتبر ٿيڻ جي حسرت رهي آهي. اها ئي حسرت آهي جنهن تحت ان ڪهاڻيءَ کي دردناڪ روپ ڏئي ٻڌندڙ کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. جڏهن انسان درد جي احساس کي ويجهو ٿيندو آهي ته "واهه" ڪندو آهي ۽ اها "واهه" ڪهاڻي ٻڌائيندڙ جي ان حسرت جو پورائو ڪندي هوندي ته اهو ٻڌندڙ تي ڪيترو اثر انداز ٿيو آهي.

هر ڳالهه ڪهاڻي تي سگهي ٿي جيڪڏهن ٻڌائڻ واري وٽ ٻڌائڻ جو انداز آهي. ڪهاڻي ڳالهه جو فضيلت ڀريو ناڻ آهي. جڏهن ڳالهه يا ڪهاڻي نه هئي ته پڪ سان تڏهن ڌرتيءَ تي ظلم نه هيو. جڏهن ظلم نه هيو ته ڌرتي نهي نه هئي ۽ جڏهن ڌرتي نهي نه هئي ته ڪائنات پٿر جو بت هئي.

وس پڄي ته ڪهاڻيءَ کي "ڳالهه" چوان. منهنجي ڳالهه جا ڪردار سياري جي رات ۾ سوڙيون پائي سمهيل ڀائر ۽ ڀينرون آهن. هٿ بتيءَ جي هيٺڊي روشنيءَ ۾ هڪ ماءُ بي اولاد بادشاهن جا قصا پنهنجي اولاد کي ٻڌائي ٿي. فقير جي ڏنل تير سان وڻ مان ڪريل ست انب. ست راڻيون ڪائڻ ٿيون. ستن شهزادن جا پريُن سان پيار جا قصا. پکي بنجي پڃري ۾ قيد ٿيڻ. ديو کي مامو ڪوٺي آزاد ٿيڻ. سامريءَ سان مقابلو ڪري فتحياب ٿي موٽڻ. وڇڙيل شهزادن جي غم ۾ نابين ٿي ويل بادشاهه جو پٽ ڏسي نوينو ٿيڻ.

ماءُ جو ڳالهه ٻڌائيندي هٿ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ڇٽيل چوني واري ڀت تي ٿهندڙ ڀاڇو. ڀاڇي جا ڳالهه جي هر موڙ تي حرڪت ڪندڙ هٿ، چرندڙ چپ ۽ چپن تي ٻارن لاءِ رقص ڪندڙ چميون. ڇٽيل چوني جي چاپڙن ۾ نهيل تجريدي عڪس. جڏهن ننڍو هيس ته ڀت جي ڇٽيل چوني جي سوين تصويرن ۾ ماءُ جي ٻڌايل ڳالهه جا ڪردار چرپر ڪندي نظر ايندا هيا.

سنڌي تنقيد نگارن جا اڄا وار صرف اهو سوچيندي تي ويا ته ڪهاڻي ۽ افساني ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ادب جو ڏوهتو ۽ پوٽو اڌ عمر ان ۾ گذارين ٿا ته ناني ۽ ڏاڏيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ننڍي هوندي سيپارو ڪڇي مسجد ويندو هيس ته مولوي منهنجي دوست غلام حسين جو ڏاڏو هيو. جڏهن مولوي پڙهائيندو هيو ته غلام حسين کيس ائين سڏيندو هيو جيئن "ڏاڏو" نه پر ان کي "پاڏو" چوندو هجي. مان

هڪ ڏينهن غلام حسين کان پڇيو ”ڏاڏي کي پاڏو ڇو ٿو چوين؟“ ڳالهہ تي کيس کاوڙ لڳي، جواب ڏنائين ”پاڏو نہ، ابا وڏو ٿو چوان. ڪن کولي ٻڌندو ڪر.“ اسان کي ٻڌڻ جي عادت گهٽ آهي، مون تي غلام حسين جي وضاحت جو ايڏو تہ اثر ٿيو جو حجائتن جي محفل ۾ جملو پورو نہ ڪري سگهندو آهيان ڇو جو هرڪو ڳالهائڻ لاءِ بي قرار آهي.

ڪهاڻي ۽ افساني جي فرق تي بحث ڪري وقت وڃائڻ کان چانهہ پيئڻ بهتر آهي. پاڙي جي هڪ مائي سمجهندي هئي تہ ٻہ گهر ڇڏي ٽئين گهر ۾ رهندڙ مائيءَ کي ٻہ پٽ آهن، جڏهن تہ ان جي هڪ پٽ کي ٻہ نالا هيا.

حشرات (Species) کي ورهائي (Classify) ڪري سگهجي ٿو سوچن کي نہ! ڇو جو سوچن کي هيت (Form) نہ آهي. سوچون لهرن جيان ڪڏهن هڪ ڪناري تہ ڪڏهن ٻي ڪناري ٽڪرائجن ٿيون، ڪهاڻي شعور جو وهڪرو (Stream of consciousness) آهي. وهڪري کي ڪنهن بہ صورت ۾ ٻنجو ڏئي قابو ڪري نہ ٿو سگهجي.

طويل ڪهاڻي، مختصر ڪهاڻي، افسانو يا ٻيو ڪو ڪتب آندل لفظ، ساڳي ڳالهہ آهن. اهميت زماني ۽ زمان کي آهي. ارتقائي لاهن چاڙهن کي آهي، طويل شيون وقت جي واءُ ۾ گسي مختصر ٿي چڪيون آهن. حياتي انڪري ٿوري محسوس ٿئي ٿي جو مصروفيتن وقت سوڙهو ڪري وڌو آهي. خوشنصيب هيا اڳ وارا انسان جيڪي وقت گذاريندا هيا، هاڻي وقت اسان کي گذاري رهيو آهي. اسڪول ۾ پڙهندو هيس تہ لکيل هوندو هيو اولهہ پاڪستان جي آبادي پنج ڪروڙ آهي، اها پنج ڪروڙ آبادي هزارين سالن کان پوءِ هئي، هاڻي ويهہ ڪروڙ آهي، پندرهن ڪروڙ آبادي گذريل چاليهن سالن ۾ وڌي آهي، اهو سلسلو جاري رهيو تہ ڌرتيءَ کان محروم ٿي انسان انسانن ۾ دفن ٿي ويندا.

طويل ڪهاڻي وقت جي قلت ڪري ننڍي ٿي چڪي آهي، ڪائنات جي هر شئي ۾ برقرار رهڻ لاءِ سمائجي وڃڻ جي سگهت (Adaptive Capability) موجود آهي. شيون فنا نہ ٿيون ٿين پر تبديل ٿين ٿيون. ڪهاڻي بہ ائين آهي، وقت جي ضرورت موجب اها ڦيرڦار فطري آهي. پڙهندڙن وٽ وقت نہ آهي. ڪهاڻي روپ بدلائي اهڙي ٿي چڪي آهي، جيئن ٿوري وقت ۾ سمائجي پڙهندڙن لاءِ موجود رهي سگهي، مختصر ڪهاڻي (Short Story) ٿورن لفظن ۾ گهڻن لفظن جي تفصيلي وضاحت آهي.

ڪهاڻي صرف ڪهاڻي آهي ٻيا ان جا روپ آهن. قسم اٺ جا هوندا آهن، چون ٿا تہ اٺ جا ٻارنهن قسم آهن پر آهن سڀ اٺ. اکيون زبان کان سنئو ڳالهائي سگهن ٿيون، روح جي مرڪ ڳوڙها آهن. ڪهاڻي جادو آهي ۽ لفظ منتر.

ڪهاڻي جا ڪجهہ روپ هيٺ ڏجن ٿا.

وضاحتي ڪهاڻي: سادن لفظن ۾ کولي بيان ڪيل ڪهاڻي، جنهن ۾ مسئلن جو ذڪر ۽ انهن جو حل موجود هجي. اها ڪهاڻيءَ جي قديم هيت (Form) آهي.

مونولاگ ڪهاڻي: اڪيلي ڪردار جي ڪهاڻي جنهن ۾ پاڻ سان مخاطب ٿئي ٿو. فرض ڪيو ڪو ڪردار سگريٽ دکائي ڪش هڻي سوچي ۽ دونهون لفظن جو روپ ڌاري سندس وات مان نڪري.

ڊائلاگ ڪهاڻي: جنهن ۾ ڪردار ڳالهائين ٿا ۽ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪهاڻيءَ جو مقصد واضح ٿي وڃي ٿو. سنڌ ۾ ڪهاڻيءَ جو اهو روپ گهڻو مقبول رهيو آهي.

علامتي ڪهاڻي: چون ٿا ته ادب ۾ علامتي انداز انڪري آيو جو ڊڪٽيٽرشپ سڌي تنقيد برداشت نه ڪندي آهي. انڪري علامتي انداز اختيار ڪيو ويو. ان راءِ سان ڪيترا دانشور متفق نه آهن. استحصالي قوتون ايڏيون ته ذهين هونديون آهن جو چڱن ڪي چور چئي ڦاهيءَ چاڙهي ڪافر قرار ڏئي قل به نه بخشرائينديون آهن. اهڙين لوهه جي مجالي وارين ٽنڪ ٽينڪس جي اڳيان علامتي انداز اختيار ڪري بچڻ ائين آهي جيئن ڪبوتر رنگ ۾ ڪري ڪانءُ ٿي پوي.

دراصل علامتون انڪري وجود ۾ آيون جو عمر سان گڏ انسان اڳيان موجود هر شيءِ معنا وجائي ويهي ٿي. ساڳيا گل، وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، سج، چنڊ ۽ ڌرتيءَ تي وسندڙ شيون متاثر ڪندڙ نه ٿا رهن. جستجو سدائين نواڻ ڳولهي ٿي. تشبيهون وٽن ٿيون، نوان خيال وٽن ٿا ۽ علامتن ۾ نئون رنگ ڏسجي ٿو ائين اندرُ نون نظارن ۽ سوچن سان واقف ٿئي ٿو.

تجريدي ڪهاڻي: علامت ۽ تجريد ۾ اهو فرق آهي ته علامت اڻ سڌيءَ طرح ڪنهن به نظاري Image يا سوچ جو نئون عڪس اياري ٿي. جڏهن ته تجريد (Abstract) بگڙيل (Distorted) نظاري Image يا منجهيل سوچ جي عڪس يا معنا جو اندازو پاڻ لڳائي ٿي. ڪيوبزم Cubisim بلاڪ ورڪ تجريدون آهن جن ۾ پڙهندڙ يا ڏسندڙ Puzzle بلاڪ پاڻ ۾ ملائي صلاحيت ۽ سمجهه موجب عڪس ذهن ۾ آڻي ٿو. تجريدي ڪهاڻيون گهڻ معنائون هونديون آهن جو انهن جو تَتُ (Conclusion) فيصلاتي (Decisive) نه هوندو آهي، پر پڙهندڙ تي ڇڏيل هوندو آهي ته اهوان جي معنا يا مفهوم پنهنجي سمجهه مطابق ڪيئن ٿو ڪڍي.

ڇرڪائيندڙ ڪهاڻيون: Anticlimax ڪهاڻيون هونديون آهن، اهڙيون ڪهاڻيون فن جو جادو آهن، اهو ائين آهي ڪو ڪيسي مان رومال ڪڍي نڪ صاف ڪري ۽ سندس نڪ مهتجي غائب ٿي وڃي. اوهينري، موپاسان ۽ ڪجهه ٻين اديبن اهڙيون ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن ڪهاڻين جو انت ڇرڪائيندڙ آهي.

ياداشتي (Nostalgic) ڪهاڻيون: ڪهاڻيءَ جو سڀ کان خوبصورت روپ آهي. يادن ۾ موجود طلسماتي ڪردارن ڪي سحرانگيز بنائڻ هر ليکڪ جي وس جي ڳالهه نه آهي. ڏکڻ آمريڪا جو ويهين صديءَ ۾ تخليق ٿيل ادب گهڻو ڪري ياداشتي (Nostalgic) آهي. گارشيا مارڪيز اهڙي فن ۾ ڪمال ڪيو آهي.

احساساتي ڪهاڻيون: جن ۾ انسان جي اندروني جذبات جو اوچتو اظهار ٿئي، ڏک سک نفرت پيار همدردي افسوس ۽ بيوفائيءَ جو ارمان، بي قرار سوچون، مايوسيون، اميدون، پاڻ کي پنهنجا دلاسا،

قرب اقرار جون حسرتون، سگهاري قلم کان سرجي وڃن ٿا. اهي احساساتي ڪهاڻين جو روپ ڌاري وڃن ٿيون. چيخوف وٽ اهڙا اظهار آهن. ايلس منرو جون ڪهاڻيون پڻ اهڙن احساسن جو اظهار ڪن ٿيون.

فنتسي ڪهاڻيون: جن ۾ حقيقي دنيا کان هٽي فوق الفطرت (Supernatural) ڪردار ترتيب ڏئي خيالي دنيائن جو ذڪر ڪيو وڃي. اهڙيون ڪهاڻيون تخليقي ادب جو حصو آهن جيڪڏهن انهن ۾ اهي خصلتون موجود آهن جيڪي ادبي گهرجائن کي پورو ڪن ٿيون نه ته ٻي صورت ۾ اهي تفريحي ادب جو حصو بڻجي وڃن ٿيون.

سرئلزم (Surrealism) ادب ۾ Extra Perceptional احساس آهي. جاڳ ۾ خواب ڏيکارڻ سرئلزم آهي. سرئلزم ڪو ڪهاڻي يا ناول جو روپ نه آهي پر لکڻين ۾ سمايل خوابناڪ ڪيفيت آهي. اهڙي ننڊاڪڙائپ (Hypnotism) جنهن جي پڙهڻ سان ماڻهو Mesmerize ٿي پوي. اها ادب جي جوان جسم مان اٿندڙ جنسي بوءِ آهي جيڪا تجسس جي باهه ڀڙڪائي ٿي. اهو صدين کان ادب اندر سمايل اهڙو احساس آهي جنهن کي نئون نانءُ ڏنو ويو آهي.

تخليقي ڪهاڻي يا ادب دنيا جي مخصوص حلقن تائين محدود ٿي چڪو آهي. تجارتي لحاظ کان تفريحي ادب دنيا جو ڪامياب ادب آهي.

سنڌي ڪهاڻي ڪٿي هئي! ڪٿي پهتي آهي؟ اهو فيصلو نقادن کي ڪرڻو آهي، ايترو چئي سگهجي ٿو ته ڪهاڻي لکجي رهي آهي ڇو ته پڙهندڙ موجود آهن.

ㅇ

هڪ شاگرد، هڪ فقير

والد صاحب ويهه جون 2013ع خميس ڏينهن وفات ڪري ويو. تڏي تي جن شخصيتن تعزيت ڪئي انهن ۾ فقير امان الله ماڪو بہ شامل هيو. وڏي عرصي کان پوءِ فقير امان الله سان ملاقات ٿي، سندس ذات ۾ ساڳي نيازمندي، نوڙت ۽ همدردي شامل هئي جيڪا ڪين نديپڻ کان ورثي ۾ ملي، هن تڏي تي ذڪ ونديندي بابا کي اهڙو تہ ياد ڪيو جو مان ماضيءَ جي ڏنڊ جو پردو هٽائي ان ڳوٺ ۾ هليو ويس جتي بابا ڪيترا سال هڪ استاد جي حيثيت ۾ گذاريا.

منهنجي لاءِ اها فخر جي ڳالهہ آهي تہ هڪ پرائمري استاد جو پٽ آهيان. بابي مون کي لکڻ لائق بنايو هو هڪ عظيم استاد هيو. نديپڻ ۾ ميٽ ميساريل ڦٽيءَ تي منهنجو هٿ، هٿ ۾ وني مس ۾ ڪلڪ ٻوڙي لکڻ سيکاريندو هيو. اڄ بہ محسوس ڪندو آهيان، لکڻ وقت منهنجو هٿ بابي جي هٿ ۾ جهليل آهي.

مان ٽن/چئن سالن جو هيس. اڃان ڪنهن اسڪول ۾ داخلا نہ ورتي هيم. بابو صبح سان سائيڪل تي ويهاري ڳوٺ لائق ماڪا وٺي ويندو هيو. ڳوٺ لائق ماڪا سکر شهر جي شڪارپور ريلوي ڦاٽڪ کان هڪ ڪلوميٽر پري اوپر طرف آهي. اهو ننڍڙو ڳوٺ جيڪو تازي پاڻيءَ جي ڪنبن سان ويڙهيل هوندو هيو ۽ هر طرف ناڙي جي ول جي جهنگلي گلن جي خوشبوءِ ڦهليل هوندي هئي، ساڳيو نہ رهيو آهي، سکر شهر اڳتي وڌي هڪ ازدها جيان ان کي ڳڙڪائي ويو. ان ڳوٺ جو حسن مون نديپڻ ۾ ڏٺو. وٽن تي ڏار ٽڪيندڙ ڪاٺ ڪنا ايڏا تہ وڻندا هيا جو هڪ استاد جي لاڏلي پٽ جي حيثيت ۾ شاگردن کي چوندو هيس تہ "اهي مونکي پڪڙي ڏيو."

فقير امان الله ماڪو ان وقت بابا جي پيارن شاگردن مان هڪ هيو. اهو منهنجي دل رکڻ لاءِ ڪنهن پٽ تي وينل ڪاٺ ڪني پويان ڊوڙندو هيو. ڪٿ ڪنو پڪڙي کائي اڏامي ويندو هيو. هو مرڪي چوندو هو. "اڏامي ويو، ٻئي دفعي پڪڙيندا سين."

مون ان ڳوٺ ۾ ڪبڙن مٿان پيرن تي اڏامندڙ اهڙيون رنگين پنپوريون ڏٺيون جيڪي وري ڪٿي نظر نہ آيون، ڪجهيءَ جا وڻ ۽ انهن تي وينل وَهيا. انبن جا وڻ، انهن جو ڇٽندڙ ٻور ۽ لڪي ٻوليندڙ ساوا طوطا. ڪٽڪ جا فصل ۽ اهي آپون، جن کي ترين سان مهتي ڪچڙا داٽا ڪڍي فقير امان الله ماڪي مون کي کارايا. اڄ بہ منهنجي اندر جي سانت ان ڳوٺ جي سانت جهڙي آهي. ان سانت ۾ ڳيرن جا آواز گونجن ٿا. ڪبڙن ۾ لڙڪندڙ ڳاڙها پيرون اکيون کڻي مون ڏي ڏسن ٿا.

فقير امان الله ماڪو تڏهن نون/ڏهن سالن جو هيو. ڦڙت ذهين ۽ بي باڪ. پنهنجي عمر کان وڏو. هو مون کي پري ٻيهاري پٽر کٽي اسڪول جي پوئين پاسي واهيءَ وٽ بيٺل انب جي وڻ کي وهائي ڪيندو هيو. هڪ پٽر سان چار ساوا انب ڪرندا هيا. منهنجي جهول پرجي ويندي هئي.

ڳوٺ لائق ماڪا جو نالو شايد انڪري پيو جو اتان جا رهواسي واقعي لائق پئي رهندا آيا آهن. اهي خوبين سان نوازيل آهن. انهن ۾ موروثي خداداد صلاحيتون موجود آهن. انهن جي اڪثريت کي بابي جي شاگرديءَ جو شرف حاصل آهي. بقول فقير امان الله ماڪي جي تہ "ننڍپڻ ۾ بابي انهن جي ڪجهہ اهڙي ترتيب ڪئي جو ڪين اڳتي وڌڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس نہ ٿي."

هڪ پرائمري استاد جي حيثيت ۾ بابا جون خدمتون پندرهن سالن تائين محدود آهن. سندن نظر ويهجي وئي ۽ وقت کان اڳ ريٽائرڊ ٿيڻو پيو. بابو پنهنجي پيارن شاگردن کي سدائين ياد ڪندو هيو. فقير امان الله سان ڪين خاص رغبت هئي، منهنجي ننڍي ڀاءُ امان الله جو نالو بابي فقير جي نالي پويان رکيو.

مون کي فقير جي وڏڙن کي ڏسڻ جو شرف پڻ حاصل ٿيو. سندن والد نواب ماڪو (جنهن جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي، سندن شخصيت تي محمد قاسم ماڪا جو مضمون شايع ٿيل آهي) ۽ والده ماجدا. جيڪا جڏهن ويڙهي ۾ ويندو هيس تہ پيار سان پيش ايندي هئي ۽ ڪيسي مان خرچي ڪڍي ڏيندي هئي.

اهو سڀ ياد ڪري روح جي گهرائين تائين تازگي محسوس ڪري رهيو آهيان. ان ڳوٺ جي هوائن جي خوشبوءِ ۾ ويڙهجي ويو آهيان. اهو امن ۽ سڪون جو دور هيو. مان ڪڏهن اسڪول مان نڪري پرسان ڪچسري جاءِ ۾ هڪ بزرگ محمد بچل ماڪي وٽ ويندو هيس. ان بزرگ کي سدائين ڪلف لڳل ڪاٽن جا اڇا ڪپڙا پاتل هوندا هيا. سندن اڳيان ڪُپڙيءَ ۾ زعفراني مس پيل هوندي هئي، جنهن مان ڪلڪ ٻوڙي هيڊن اکرن ۾ تعويذ لکندا هيا. ان وٽ رش لڳل هوندي هئي، مون ڪين ڪڏهن فارغ نہ ڏٺو. تعويذ عيوض جيڪي ملندو هيو ڳڻڻ بنا وچايل چادر هيٺ رکي ڇڏيندا هيا. اهو بزرگ صاف سٿرو هوندو هيو. جنهن کي مٿي تي اڇا چمڪندڙ وار هيا. منهنجي ذهن ۾ هڪ ٻئي شخصيت، محمد پناهہ نوناري اڃي رهيو آهي. جيڪو اسڪول ٻاهران شئي وڪڻندو هيو ۽ ان کان لائي وٺي کائيندو هيس اهو پڻ مهربان شخص هيو.

ننڍپڻ ۾ فقير امان الله ماڪي سان گهاريل گهڙيون ذهن تي اجان اڪريل آهن. اها سندن عجز ۽ نياز جي انتها آهي جو وقت ڪين فقيريءَ جو اوج عطا ڪيو. سندن وڏي ڀاءُ ممتاز علي ماڪي، ننڍي ڀاءُ ڊاڪٽر اسماعيل ماڪي ۽ ڀائٽي ڊاڪٽر عثمان ماڪي سان ساڳي نيازمندي آهي.

فقير امان الله ماڪو الفرقان ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۽ ميوزم جو باني آهي، ميوزم ڏسڻ وٽان آهي جنهن مان سندن جاکوڙ جي خبر پوي ٿي. ڀاڻ وڏي جدوجهد ڪانپوءِ جيڪي ديني نوادرات ڪٺا ڪيا آهن انهن عيوض خدا ڪين ضرور اجورو عطا ڪندو.

٥

وطن، پرين ۽ موت

نيٺ هو موت کي برداشت ڪري ويو. مان ان ڳالهه جي وضاحت ڪئين ٿو ڪري سگهان ته هن ان کي ڪيئن محسوس ڪيو. هُو جيڪو وقت جو سڀ کان حساس شخص هيو. انسان جيڪو زندگيءَ جي ڏور ۾ ويڙهيل آهي ۽ ڏور جنهن کي موت پويان بيهي آهستي آهستي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. معرفت جيڪا عظيم مفڪرن کي جستجوءَ سان عطا ٿئي ٿي، هو هر غيب کي ڏسي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو هن کي خبر پوي ٿي ته هاڻي فاصلو ڪيترو بچيو آهي. هن جون آڱريون پنهنجي زندگيءَ جي گرفت مان ڍليون ٿي الڳ ٿين ٿيون ۽ زندگي جيڪا اڃان به هٿن جي اشاري سان اداسي ۽ پيار مان هن کي سڏي ٿي، زندگي جنهن جي ٻانهن تي موڪلائيندڙ جي هٿن جي ڍلي ٿيندڙ گرفت ۽ ننهن جا نشان رهجي وڃن ٿا. ان تي ڪجهه رهڙون آهن ۽ گلابي لڪيرون آهن. زندگي جيڪا دنيا آهي، تون آهين، مان آهيان، ڏک ۽ ڪرب ۾ رڙندڙ هن جا محبوب دوست ۽ عزيز آهن، شرمسار تنقيدنگار آهن، دشمن آهن، ناسمجهه ۽ ناسهو هن جا ڪجهه ويجها ڪردار آهن. هو سڀ عجب ۽ حسرت مان ڏسن ٿا. هڪ روشني جيڪا ٻڏل ڏاڪڻي ۾ سفر ڪندي مون تائين پهچي موت کي روشن ڪري ٿي، موت ۾ سمائجي ان جي جسم ۽ رڳن ۾ زندگيءَ جيان گردش ڪري ٿي. موت جيڪو خوش نصيب آهي، موت جيڪو مقدس آهي، امر آهي.

اها منهنجي خوشنصيبي آهي جو مون هن کي ڏٺو ۽ هن سان ڳالهايو. آئون وقت جو ٿورائتو آهيان جنهن مونکي اهو دور فراهم ڪيو جنهن ۾ هو موجود هيو. دنيا جي ڪنهن به شيءِ کي فنا نه آهي. سڏڪن کي بقا آهي ۽ ٽهڪ سدائين فضا ۾ گونجندا رهندا. آواز جيڪي زبان جي لرزش سان پيدا ٿين ٿا سي دنيا جي در ۽ ديوار ۾ ان جي انت تائين سمايل ۽ لڪيل رهندا. دنيا ڪنهن ڪيسٽ جيان گولائيءَ ۾ ڦري ٿي. اهڙو وقت اچڻو آهي جو ان کي Rewind ڪري ماضيءَ کي ٻڌي سگهبو. جاندار ۽ بي جان جو ويڇو ختم ٿيڻ وارو آهي. خود موت هڪ جاندار شيءِ آهي. ڪائنات جي ڪا به شيءِ زندگيءَ کان خالي نه آهي. ساڪت شيءِ، چُرندڙ شيءِ، نظر ايندڙ شيءِ، نظر نه ايندڙ شيءِ، ٻرندڙ شيءِ، جيئاريندڙ شيءِ، ماريندڙ شيءِ، ڪائيندڙ شيءِ، ڪائجي ويندڙ شيءِ، هر شيءِ کي امرتا آهي. هڪ زندگي ٻيءَ زندگيءَ ۾ منتقل ٿئي ٿي. زندگي جيڪا انت تي پهچي ٻيءَ زندگيءَ جي ننڍين ذرن ۾ ورهائجي ٿي. زندگيءَ جي ابتدا هڪ حيرت انگيز ڪيميائي ترتيب جو تسلسل، زندگيءَ جي انتها ان ڪيميائي تسلسل جي نئين سر تشڪيل، هڪ نئين جوڙجڪ، هڪ نئون آغاز هڪ نئون سلسلو هڪ نئون سفر. منتقليءَ مان منتقلي ۽ لامحدود رواني، بي انت سلسلو بقا ۽ صرف بقا.

اي قديم ڪراڙ تنهنجي ڪنڌيءَ تي ڪڏهن ڪارا گلاب ڦٽن ته تون گواهي ڏجانءِ ته هو جيئرو آهي ۽ نروار ٿيو آهي. هن جي اکين ۾ قاتل ڳوڙهن جو لوڻ زمين جي سطح تي اڀري اچي ۽

جڏهن مينهن جي پاڻيءَ ۾ وهي اڳتي وڌي ته اي ڌرتي تون ان جي ذائقي کي محسوس ڪجانءِ ۽ هن جي جسم جي آلاڻ جڏهن ڪنهن ڪکر مان هيٺ وسي ته اي سمنڊ تون گواهي ڏجانءِ ته هو مون ۾ موجود آهي. اياز اسان جي ٻنين تي وسندو، هو اسان جي رزق ۾ موجود هوندو ۽ ائين هو اسان جي رت ۾ گردش ڪندو.

اياز جنهن کي پڙهي مان شاعر ٿي پيس، اياز جيڪو ذات ورهائيندڙ آهي. هو جنهن کي ڏٺيءَ ذات جا انبار ڏنا. هو سخي مرد جنهن آڏو جنهن به جهول جهلي ته هن کي ان مايوس نه ڪيو. اڄ جڏهن هو پنهنجي لازوال تخليقي انبارن سان اوجهل آهي ته اسان جا ذهن ان خالي آکري جيان آهن جنهن جا پکي هڪ خوفناڪ ٺڪاءَ تي اڏامي وري نه اچڻ جو چئي ويا آهن. پر مان جڏهن تنهنجي ڇهري جي مرڪ ياد ڪيان ٿو ته لکڻ شروع ڪيان ٿو. تنهنجي ڇهري جي مرڪ جيڪا تنهنجيءَ جدائيءَ جي نفي ڪري ٿي. من کي اعتبار ئي نه ٿو اچي ته تون موڪلائي ويو آهين. تون ته منهنجي سامهون موجود آهين، اهو ئي صحتمند، ڀريل جسم وارو پنهنجي ڪئنس روڊ واري آفيس ۾ ڪم ڪندڙ اياز. منهنجو ادبي استاد رشيد ڀٽي مونکي تنهنجو نياپو ڏيندي نظر اچي ٿو. "رسول ميمڻ اياز تنهنجي شاعريءَ جو مجموعو پڙهيو آهي، چيو اٿائين ته مون سان ضرور ملي." هو مونکي چوي ٿو مون ۾ ايتري جريت نه آهي جو تنهنجي سامهون اچان، هڪ رعب آهي، هڪ شخصيت ۽ فن آهي، جيڪي مون تي حاوي آهن. مان "ها" چئي لنوايان ٿو. ڀٽي صاحب وري ياد ڏياري ٿو ۽ وري ياد ڏياري ٿو. آخرڪار هڪ ٽيويهن سالن جو نوجوان شاگرد هيسيل حالت ۾ هڪ آفيس جو دروازو ٽپي اندر داخل ٿئي ٿو. هڪ نوجوان وڪيل هن کي وٺي هڪ ٻئي ڪمري ۾ جنهن ۾ هيڊي روشنيءَ وارو بلب ٻري رهيو آهي، هڪ زرد ۽ سرمئي ماحول آهي، ٻه چار ڀٽڪن وارا ماڻهو آهن ۽ هڪ وڏي ميز جي پاسي واري ڪرسيءَ تي هڪ سپاجهڙو شخص ويٺو آهي. جيڪو ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان تڏيون نظرون ڪٽي نهاري ٿو. نوجوان اڳتي وڌي ادب مان جهڪي هن سان هٿ ملائي ٿو ۽ تعارف ڪرائي ٿو. "سائين مان رسول ميمڻ" اياز جي ڇهري تي مرڪ اچي ٿي. "ويهه" هو چئي ٿو. هو سامهون هڪ ڪرسيءَ تي ويهي ٿو ۽ اياز ان سان ڳالهائي ٿو.

مون کي ارڙنهن اٺويهه سال پهرين ڪيل ان ملاقات ۾ ايترو ياد آهي ته اياز جي اکين ۾ اهڙو پيار هيو جيڪو اولاد لاءِ هوندو آهي، مونکي هن جون شفقت سان ڀريل اکيون ياد آهن. مان هن جي مرڪ کي ڪڏهن وساري نه ٿو سگهان. هڪ اهڙي مرڪ جنهن ۾ حياتيءَ جو پيغام آهي. هڪ اهڙي مرڪ جنهن کي ياد ڪري دل اعتبار ئي نه ٿي ڪري ته هو دنيا کان موڪلائي ويو آهي.

هُو جيڪو اڄ به هڪ پاڇي جيان مهراڻ مرڪز جي ڪنهن بوڪ اسٽال تي بيهي ڪتابن کي جاچيندو نظر اچي ٿو. هو جيڪو اوچتو بغير ڪنهن اطلاع جي رشيد ڀٽيءَ جي جاڳيراڻي پاڙي واري اوطاق ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ هلندڙ ڪارروائي دوران اچي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي ٿو. هو جيڪو رشيد ڀٽيءَ جي اوچتي وفات تي تعزيتي ميڙ ۾ اسٽيج تي بيهي بي اختيار ڏاڍيون

ڪري روئي ٻوڙها اگهندي نظر اچي ٿو. هُو جيڪو ادل سومري ۽ مون سان پراڻي سکر واري گهر ۾ ڪميونزم جي زوال ۽ گوربا چوف تي ڳالهائيندي نظر اچي ٿو هو جيڪو اندر گهر ۾ وڃي پنهنجو نوٽ بوڪ کڻي اچي ٿو ۽ اسان کي پنهنجي تازي لکيل شاعري ان مان پڙهي ٻڌائي ٿو. هو جيڪو پنهنجو نئون ڇپيل ڪتاب هٿ سان لکي اسان کي سوکڙي ڏئي ٿو. هو جيڪو ڪيترائي دفعا اسان نوجوانن جي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ويهي ادب ۽ شاعريءَ تي ڳالهائي ٿو. ڪيتريون ئي محفلون، ڪيتريون ئي قربتون، مون کي اهي سڀ ياد آهن. هو ڳالهيندو هيو تہ دل چوندي هئي تہ هو ڳالهائيندو رهي. اسان جي ٿهيءَ جنهن هن کي پڙهيو ۽ ٻڌو. هن جي عزت ڪئي، هن کي مان ڏنو جنهن ڪڏهن بہ گستاخي يا ذاتي حملي جو تصور بہ ذهن ۾ نہ آندو.

ڪنهن بہ عظيم انسان جي آتم ڪٿا ايستائين اڌوري آهي، جيستائين ان ۾ پنهنجن جون مخالفتون، اذيتون ۽ دل ڏکوئيندڙ ڳالهيون شامل نہ آهن. اها ڪسر ڪن شخصن کي پوري ڪرڻي هئي جو جو اياز جي آتم ڪٿا کي بہ ڀرپور نموني پورو ٿيڻو هيو. اياز جي عظمت اها هئي جو هو پنهنجي ڪنهن بہ مخالف کي جواب نہ ڏيندو هيو. انسان آزاد پيدا ٿيو آهي، جنهن ڪري هن جي سوچ بہ آزاد آهي. ان کي ڪنهن مخصوص پيماني تي ماپي ڪو معيار مقرر نہ ٿو ڪري سگهجي. حقيقت اها آهي تہ تخليق پروان ئي اتان ٿي چڙهي جڏهن سرعام ان جي مخالفت ٿي ٿئي. ها ۾ ها ملائڻ يا پاڻ وٽائڻ مصلحت پسنديءَ جو اهڙو رستو آهي، جتي فڪري ارتقا کي مات ملي ٿي ۽ سرجڻ جو عمل متاثر ٿئي ٿو. اياز پڙڪو ڏئي اُڏاميو. هن جي پرواز نرالي هئي. هو آزاد فضا جو پنڇي هيو. هن مخصوص نظريي تي هلي زندگيءَ کي زنگ نہ ڏنو پر هن پنهنجون راهون ۽ نظريا متعارف ڪرايا ۽ ائين هو تنقيدن جي زد ۾ اچي ويو. ماڻهن هن لاءِ اهڙا رايا ڏنا جيڪي پڙهي دل تي گهاءُ لڳي ٿو. انهن دانشور سڏائيندڙن تي رحم اچي ٿو جن ذاتي حملا ڪري اياز جي شفقت کي پڙهندڙن کان الڳ ڪرڻ چاهيو پر لاشعوري طور هو اياز کي اڃان بہ وڏيڪ جاندار ۽ امر بڻائي ويا. ڇو جو ڪنهن بہ مها ڪويءَ جي حياتي، ڏکن ڏولاون، ذاتي حملن ۽ غير ضروري تنقيد کان سواءِ اڌوري نظر اچي ٿي. اهي سڀ ڳالهيون اياز جي حياتيءَ ۾ ٿيڻيون هيون ۽ ٿيون.

اڄ کان ويهہ سال کن پهرين جي ڳالهہ آهي، مرحوم قربان بگٽي جو پنهنجي وقت جو پڙهيل لکيل ۽ وڏي مطالعي وارو ماڻهو هيو ان اياز ۽ بين ترقي پسندن تي دل کولي تنقيد ڪئي. مون کي ياد آهي اياز جي شاعريءَ جي مجموعي کان ٿلها هن جا تنقيدي ڪتاب هوندا هيا. ان شخص جو جڏهن ڪو بہ تنقيدي ڪتاب مارڪيٽ ۾ ايندو هيو تہ هو هميشہ اتاولو ڪنهن هوٽل يا مانڊڻيءَ تي ويٺل نظر ايندو هيو. جڏهن اسان دوست لاڙڪاڻي جي ڪنهن بہ روڊ کان ڳالهائيندا ويندا هياسين تہ قربان بگٽي اٿي اسان پويان چپ ڪري آهستي هلندو هيو ۽ ڪِنائيندو هيو تہ اهي ڇا تي بحث ڪري رهيا آهن. ڇا انهن جي بحث جو موضوع منهنجو ڪتاب آهي؟ منهنجي تنقيد آهي؟ ۽ ائين هو پويان

هلندو ايندو هيو ۽ جڏهن اسان پوئتي ڏسندا هياسون تہ وڏي قرب ۽ پاپوهہ مان پاڪر پائي ملندو هيو. پنهنجي ڪتاب لاءِ پڇندو هيو "چا توهان اهو پڙهيو آهي؟"

"ڇا اهو شيخ اياز پڙهيو هوندو؟"

"شيخ اياز ان تنقيد جو جواب ڇو نہ ٿو ڏئي؟"

هو مسلسل ڳالهيندو هيو.

"توهان ان لڏي جا ماڻهو آهيو انهن کي چئو تہ ڪجهہ تہ منهنجي ڪتاب جي جواب ۾ لکن!"

نہ اياز نہ ئي اياز جي ڪنهن دوست ڪڏهن ان تنقيد جو جواب ڏنو مون کي ياد آهي قربان بگٽيءَ جهڙو ماڻهو مون کي هٿ مليندي نظر آيو ۽ پوءِ هن تنقيد ڪرڻ ڇڏي ڏني.

جيستائين اياز جي فن جو تعلق آهي ان سان وقت انصاف ڪندو. اسين جيڪي دنيا جي ڏتڙيل ملڪ جا علائقائي اديب آهيون، اسين جيڪي خوف ۽ دهشت ۾ ويڙهيا هڪ ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجا ڏک سور لکي هڪ ٻئي کي ٻڌائي رهيا آهيون. اسين جيڪي ان ٻوليءَ جا ليکڪ آهيون جنهن جي زبان اڃان سائنسي فقرن کي پاڻ ۾ سمائڻ جي سگهہ نہ ساري سگهي آهي. جتان جي آدمشماري اڃان بہ اڻ پڙهيل ۽ جهالت جي انڌيرن ۾ پٽڪي رهي آهي. جتي ڪاپي ڪلچر جي سرڪاري طرح حوصلا افزائي ڪئي وڃي ٿي، اسين جيڪي تيزيءَ سان پوئتي ڌڪجي رهيا آهيون، اڳتي وڌندڙ دنيا ۽ اسان ۾ وڇوٽي پنهنجي ٻيڻائي رفتار سان وڌي رهي آهي. ان معاشري يا ان دنيا ۾ اياز جهڙي ماڻهوءَ جي ڪهڙي سڃاڻ ٿيندي. اياز جو فن ۽ فڪر انهن ماڻهن جي فن ۽ فڪر کان مٿاهون نظر اچي ٿو، جيڪي ترقي يافتا معاشري ۾ پيدا ٿيا، انهن معروف زبانن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو ۽ دنيا جا وڏي ۾ وڏا انعام ۽ ايوارڊ حاصل ڪيا.

اڄ جڏهن اٺيانوي جي اڀرندڙ سج جي روشنيءَ ۾ مان ڪاري رنگ جي قلم مان وهندڙ ڪاري مس سان هي سٽون لکي رهيو آهيان، سج ڪجهہ دير ٻيهي شايد پنهنجن ڪرڻن سان هي سِٽون پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان نئين سال جي سج کي ڌرتيءَ تي اياز نظر نہ آيو آهي. مرڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ لاءِ سج ڇا؟ چنڊ ڇا؟ اڀرندڙ سج ۽ چنڊ مري ويل ماڻهوءَ کي ڳولهين ٿا ۽ ائين وقت جي گردش سست ٿي وڃي ٿي. جڏهن ڪو عظيم انسان دنيا مان موڪلائي ٿو تہ وقت ڊگهو ٿي وڃي ٿو. اياز جي موت وارو ڏينهن هڪ صديءَ جيان مون مٿان گذري ٿو. ماڻهن هوندي بازارين ويران لڳن ٿيون ۽ آئون قيامت جي باهہ کي پنهنجن ڳوڙهن سان وسائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

مان جيڪو هر رات اياز کي خواب ۾ ڳالهائيندي ٻڌان ٿو هن کي مرڪندڙ ۽ تندرست هڪ تڏي تي وينل ڏسان ٿو. هڪ تڏو جنهن جي وچ تي هو وينل آهي ۽ اسين سڀ دوست هن کي ٻڌي رهيا آهيون. هن جو آواز غير واضح آهي. هو جيڪو شايد موت جي فلسفي تي ڳالهائي ٿو. اياز جنهن آڏو مان دانهون ڪري موت جي تجربي ۽ ان جي ذاتي بابت دريافت ڪرڻ چاهيان ٿو. اياز جنهن جي شاعريءَ جو محور "وطن" "پرين" ۽ "موت" هيا. موت جي وضاحت اياز جهڙي ٻيو ڪير ڪندو. مان

خواب ۾ ان تڏي تي ويھي اياز کي آخري شعر لاءِ عرض ڪريان ٿو. ھن ڪان موت جي حقيقت دريافت ڪرڻ لاءِ ھر ھر سمجھ ۾ نہ ايندڙ جملا ڪنايان ٿو. اي فلسفي راز کي کول ۾ ڏاھن جي خوف کي گھٽاءِ. مان چوان ٿو ۽ ھو مرڪندو رھي ٿو.

اي پٽ ڏٽي تنھنجي روضي پرسان ھڪ نئين قبر آھي، جنھن جي مٽي اجان آلي آھي. ان قبر ۾ ڪتاب دفن آھن. ھڪ ڪتاب اھڙو آھي جنھن جي مس اجان آلي آھي. اھو ھاڻي مڪمل ٿيو آھي. ڪنھن لکي پورو ڪيو آھي، اھو کول ۾ اسان آڏو رازن تان پردو کڻ.

دوستو! اياز نہ رھيو ھو ڪتابن ۾ منتقل ٿي ويو. ڪتاب کي ڌرتي مٿان آھن ۽ کي ڌرتيءَ ۾ دفن آھن. دوستو اياز موت جي فلسفي جو آخري ڪتاب ٿي ويو. حڪم ڏٽيءَ جو.

○

ڪاڏي جي ٽيبل تي رکيل ڪتاب!

مون پهرين ڪهاڻي نون سالن جي عمر ۾ لکي، جيڪا ڦاڙي ڇڏي، ڪهاڻي ڪا ايڏي خراب نه هئي. اها پائرن ۽ سوٽن کي پڙهي ٻڌائي هئي، جيڪا انهن کي وڻي پر معيار جي نه هئي جو ڪنهن رسالي ۾ ڇپرائجي. تن ڏينهن اسان ڇهه ٻار هوندا هياسين. ٽي پائر ۽ ٽي سئوٽ. مان ايڏو حرڪتي نه هوندو هيم. سنڌوءَ ڪناري ننڍي پاڻيءَ ۾ تڙڳندو هيس، باقي پائر ۽ سوٽن کي بئريج جي دروازن تان پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏئي ترندي ڪناري تائين پهچندي ڏسندو هيس ته حيرت نه ٿيندي هئي پر محسوس ڪندو هيس ته منهنجو من ڊنل آهي، مون ۾ ائين ڪرڻ جي همت نه آهي. ڏاڍو محتياط هوندو هيس.

ٻاونجاهه جي ٻوڏ ۾ اسان جا وڏا ڳوٺ ڇڏي سکر آيا، ڏاڏي جو ننڍو ڀاءُ جنهن کي اسان "ابا احمد زوار" چوندا هياسين، ڳوٺ ۾ ئي رهيو. ان کي اولاد نه هئي، اسان کي پنهنجي اولاد سمجهندو هيو. اهو ڳوٺ کان شهر ايندو هيو ته رات جو آڪاڻي ٻڌائيندو هيو. پن جي ٻيڙي دکائي سوٽو هڻي ڪهاڻي ائين ڪٽندو هيو جو ڪردار جيئرا ٿي پوندا هيا. هن وٽ عجيب منظر نگاري هئي. حيرت ۾ وجهندڙ ڏانءُ هيو. اڳيان هر شيءِ واقع ٿيندي نظر ايندي هئي. اسان ڪهاڻيءَ جي سحر ۾ ڦاٿل هوندا هياسين. احمد زوار ڪارا ڪپڙا پائيندو هيو ۽ قدآور مڙس هيو. محرم ۾ اٿي مجلس پڙهندو هيو ته ڳوٺ جا وڻ به روئندا هيا. منهنجين ڪهاڻين تي احمد زوار جو اثر آهي، مون کي سحرانگيزي ۽ پراسراريت اتان ملي.

هونءَ ته امڙ جي ڪهاڻين جي ٻاڙ به لڳندي هئي، جيڪا ڏاڍيون سٺيون ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي، بادشاهه جنن ڏائڻين جون ڪهاڻيون ۽ ڏيڍنگ جهڙيون پر مزاح ڪهاڻيون جن تي اسين ٺهڪ ڏئي کلندا هياسين. مونکي چڱي طرح ياد پوي ٿو تن ڏينهن راتيون ڏاڍيون ڪاريون هونديون هيون، هاڻي رات جو رنگ ڦِٽي ويو آهي. بجلي نه هئي هٿ بتيون ٻرنديون هيون ۽ پٽين تي هر چرپر جا پاڇا ٺهندا هيا. ڪٿ پرسان پٽ جي لٽل چوني ۾ ڪئي چتر هٿ بتيءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ چرپر ڪندا هيا. امڙ ڪهاڻيون ٻڌائيندي ڪڏهن ننڊ جي گيرٽ ۾ هلي ويندي هئي. سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار ڪري ڏاڍي ٿڪيل هوندي هئي. امڙ جي اوچتي چپ تي وچڻ ڪري هٿ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ چرپر ڪندڙ سڀ ڪردار پٿر جا بنجي ويندا هيا. اسان گوڙ ڪندا هياسين.

"پوءِ ڇا ٿيو؟.... اڳتي ٻڌاءِ!"

امڙ جو ڇرڪ نڪري ويندو هيو ۽ پڇندي هئي.

"ڪهاڻي ڪٿي ڇڏيم؟"

"جتي شهزادو طوطي ۾ تبديل ٿي ويو."

"ها" امڙ چوندي هئي ۽ ڪهاڻي وري شروع ٿي ويندي هئي. ڪردار ساهه ڪڍندا هيا ۽ انهن جي ساهه ڪڍڻ جو آواز اسين ڪنن جي ويجهو محسوس ڪندا هياسين.

اڳتي هلي امر جليل جي ڪهاڻين پڙهڻ سان ادب جو شوق جاڳيو. چوڏهن سالن جو هيس ته مون ٽالسٽاءِ ڪي پڙهيو ان ڪي پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيو ته ٽالسٽاءِ هڪ اهڙي در وٽ بيٺل آهي، جنهن جو ڪڙو بند آهي. هڪ ڊگهي قطار آهي جيڪا ان دراندر داخل ٿيڻ جي خواهشمند آهي. ٽالسٽاءِ سٽن ٻارن جي چونڊ ڪري ٿو ۽ پوءِ در کولي ان ۾ داخل ڪري ٿو انهن خواهشمندن ۾ مان به آهيان، ٽالسٽاءِ ڪي مون ڏنو. شفقت مان مٿي تي هٿ ڦيريو ڪڙو لاهي در کولي اندر وڃڻ جي اجازت ڏني. مان ٽالسٽاءِ جو جهان ڏٺو. پهريون دفعو هن ڪي سکر جي معصوم شاهه لئبريريءَ ۾ پڙهيو ته واپسيءَ ۾ گهر تائين اکين ۾ ڳوڙها هيا. روسي ادب منهنجي ذهن تي سوار هوندو هيو، مون هڪ دفعي خواب ۾ گورڪيءَ جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي. اهو خواب ائين هيو جو اڌ اگهاڙا مزدور ڪٽ تي گورڪيءَ جو لاش کنيو پئي ويا. ڪچو رستو هيو ڏاڍي گپ هئي. هليا پئي ته چيڪڙ پئي اڏامي. مان به انهن جي ڪڍ هيس پيڏين تائين منهنجا پير به گپ ۾ پرجي چڪا هيا.

ننڍي هوندي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيم ته "فن جي ديوي" هوندي آهي، جيڪا ڏات ورهائيندي آهي. مان خواب ۾ فن جي ديويءَ آڏو ايڏو ته رنس جو پرسان سمهيل ڀائر ننڊ مان جاڳي پيا.

اڳتي هلي محسوس ڪيم فن نَڪل ۽ ريوڙيون نه آهن، جيڪي ڪنهن پير جي در تان حاصل ڪري سگهجن. اهو سڀ فطري آهي. موقعوءِ مهل انهن ڪي اجاگر ڪن ٿا. منهنجو موقعو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ اديب ۽ ٻيو ڊاڪٽر. سوچيندو آهيان چڱو ٿيو جيڪڏهن اديب هجان ها ته بک مران ها ۽ جيڪڏهن ڊاڪٽر هجان ها ته اديب نه هجان ها. اڌ اڌ آهيان پر آهيان ضرور.

ڀٽي صاحب جي ڏينهن ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جو عروج ٿيو ان لحاظ کان ته تعليمي ادارا سياسي آکاڙا بنجي چڪا هيا، هر پارٽيءَ جي اسٽوڊنٽس آرگنائزيشن هئي. مون اتي شهنشاهه ايران جو شاندار استقبال ڏٺو ۽ المرتضيٰ جي پٽ ٻاهران اداڪارا ممتاز جي گهگهرن جو آواز ٻڌو، مون چانڊڪا جي شاگرد يونين پاران پهرين مئگزين "موهن جو دڙو" آندي جنهن ۾ ان وقت جي حڪمرانن پنهنجا فوٽو ۽ پيغام موڪليا. تن ڏينهن روسي ادب جا ڪتاب ايڏا ته سستا هيا جو اسٽال تان خريد ڪري ڪٻاڙيءَ کي ڏجن ته وڌيڪ پئسا ملن. پوءِ بندش پئي نه ته ڪتابن تائين پهچ آسان هئي.

ميڊيڪل ڪاليج ۾ دوستن جو وڏو هلڪو هوندو هيو جنهن ۾ ڊاڪٽر ثناءُ الله ڪوڪر به شامل هيو جيڪو "ويچ" رسالي جو ايڊيٽر آهي. ڊاڪٽر اشرف آصف مصراڻي جيڪو مشهور شاعر شهيد احمد خان آصف مصراڻيءَ جو فرزند آهي، منهنجن ويجهن دوستن ۾ شامل هيو اسان ٻنهي جا روڊن رستن تي هلندي ادبي بحث ٿيندا هيا. ٻئي مايوس عاشقن جيان ڪنهن ڪٻاڙڪي هوٽل تي ويهي چانهه پيئندا هياسين ۽ مڪيش جا اداس گانا ٻڌي ٽڏا ساهه پريندا هياسين. اشرف سمرسٽ ماهم جو

مداح هيو ڇو جو سمرسٽ ميڊيڪل ڊاڪٽر هيو ۽ هڪ مايوس عاشق جنهن سان شاگرديءَ جي زماني ۾ محبوبا بي وفائي ڪئي. ان جي هر لکڻي عورت جي خلاف آهي. اشرف جي هٿ ۾ ان جي بائيوگرافيءَ جو بڪ هوندو هيو. جڏهن بائيوگرافيءَ ۾ سمرسٽ جا اهي جملا پڙهندا هياسين ته هو شاگرديءَ واري زماني ۾ محبوبا جي بيوفائيءَ ڪري ايڏو ته Frustration جو شڪار هيو جو هن کي Masterbation ڪرڻي پوندي هئي. پڙهي کل بند نه ٿيندي هئي. سوچيندا هياسين ڪمال آهي سمسرٽ ماهر به Masterbation ڪندو هيو.

منهنجي لاءِ اهو مشاعرو يادگار آهي جيڪو 1974ع ۾ ڪلچرل آرٽس سکر ۾ ٿيو. ادل سومري مون کي ان مشاعري جو ڪارڊ ڏنو مون اتي بيت پڙهيا هيا. ان مشاعري جي صدارت پير حسام الدين راشدي ڪئي ۽ خاص مهمان شيخ اياز هيو. سنڌ جا سڀ وڏا شاعر ان موجود هيا.

سکر جي حوالي سان رفيق سومرو، ادل سومرو ۽ اياز گل منهنجا دوست آهن. سڀ کان گهڻي ويجهڙائي ادل سومري سان رهي، هو منهنجو ويجهو دوست آهي. اسان ڪيتريون فلمون گڏ ڏٺيون ۽ گڏجي مانيون کاڌيون. هن منهنجي ڪتابن جا ٽائيٽل ٺاهيا ۽ انهن کي ادبي سنگت پاران ڇپرائڻ ۾ سهڪار ڪيو. ستر واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ميمبر هيس. هر گڏجاڻيءَ ۾ ويندو هيس، رشيد ڀٽي ۽ فتاح ملڪ اسان جي رهنمائي ڪئي. انهن گڏجاڻين ۾ شيخ اياز کي ٻڌڻ جو موقعو مليو. اسان جي ٿهيءَ کي فخر آهي ته اسين شيخ اياز جا همعصر آهيون.

ڪراچي ڏاڍو ڪنو شهر آهي، ماڻهن جي سمنڊ ۾ اڪيلائي آهي. ڪڏهن تاج بلوچ وٽ ويندو آهيان ته هن جون ڳالهيون ٻڌي هر شيءِ ٿڪن ۾ وساري ڇڏيندو آهيان. تاج جو گهر منهنجي گهر جي ويجهو آهي نه ته ڏاڍو ڏکيو آهي ڪنهن جو ڪنهن سان ملڻ. اڪيلائيءَ ڪري لکڻ لئي وقت جام آهي. اڄ ڪلهه گارشيا مارڪيز جي سحر ۾ قاتل آهيان. تازو هن جو ڪتاب OF love and other demons پڙهي پورو ڪيو اٿم. ان کان اڳ جي مختصر ڪهاڻين جو ڪتاب پڙهيو هيم. باقي هن جي ٻين ڪتابن جا سنڌي اردو ترجما پهريون ئي پڙهي چڪو آهيان. هن وٽ لکڻ جو مختلف انداز آهي جنهن ڪري وڻي ٿو. سوچن جو سفر پاتال طرف آهي جنهن ڪري هر شيءِ سطحي ٿيندي پئي وڃي ڇو جو پاتال ۾ گهرائي آهي. اڪثر لکڻيون صحافتي ادب جو پرچارڪ ڏسجن ٿيون. هر شيءِ ڪچي ڦڪي ٿي پئي آهي. ڪڏهن دوستو فسڪي وڻندو هيو هاڻي ٻڌل ڳالهيون ٿيون لڳن. چنگيز ائتماتوف جي منظرنگاريءَ کان متاثر هوندو هيس، تازو هن جي ڪهاڻين جي ڪتاب ڪو تاثر نه ڇڏيو. ميلان ڪنڊيرا جو ناول A book of laughter and forgethings "ٿڪن ۽ فراموشين جو ڪتاب" ۽ ان جي هڪ ڪهاڻي نثار منصور کي ترجمو ڪري ڏنم، جيڪي هن "پرک" ۾ شايع ڪيون، ميلان ڪنڊيرا وٽ ورجهاءُ آهي. ڏک جي ڳالهه اها آهي ته هو CIA جو پگهاردار هيو. هن پئسا وٺي ڪميونزم خلاف واويلا ڪئي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي سولزينتسن جو وارڊ نمبر 6 ڪيئن وڏو ناول

آهي. باقي جلاوطنيءَ دوران جرمنيءَ ۾ ان جو استقبال ڪندڙ اديب هين رخ بوئل وڏو اديب هيو جنهن جي لکڻين کي وساري نه ٿو سگهان.

تازو ڪارلوس فيونتيس جا به ناول هٿ آيا، پڙهي سوچڻ لڳس انسان وٽ ايڏا گوناگون تصور ممڪن آهن. منهنجي خيال ۾ هو گارشيا کان به وڏو اديب آهي.

سارتر چيو جيئن ماڻهو مرندا آهن ائين ڪتاب به مرندا آهن. اهو سچ آهي ڪڏهن مان به ڪو ڪتاب پڙهندي محسوس ڪندو آهيان جڻ ان ڪتاب جي قبر تي قل پڙهندو هجان. هونءَ به رواجي طرح اسين ڪتابن کي ڪفن ڏئي ڪنديون پارائي هٿ کٽي دعائون گهرندا آهيون. منهنجي ميز تي به ڪيترا ڪتاب سٿيل آهن. جيڪي هٿ ۾ کڻڻ سان جاڳي پوندا آهن. مون ڪتابن جو اکيون ڏٺيون آهن ۽ انهن جا چپ چميا آهن. ڪڏهن جان ڪيٽس کي پڙهي ان جي محبوبا تي عاشق ٿي پيو هيس. منهنجي قوهه جواني هئي اها عمر جنهن عمر ۾ ڪيٽس جو انتقال ٿيو. ڪيٽس جو ڪتاب "محبوبا ڏانهن خط" منهنجي ٽيبل تي رکيل هوندو هيو جنهن جو ٽائيٽل تي بيءَ جي مريض جيان زرد هيو.

بنيادي طرح مان هڪ شاعر آهيان، ستر واري ڏهاڪي ۾ مون شاعري ڪئي ۽ "اوشا جي آشا" ڪانپوءِ شاعريءَ جو ڪو ڪتاب منظر عام تي نه اچي سگهيو آهي. شاعري ڏکي صنف آهي، اهڙي اٿل جو اندر کي مڪمل طرح خالي ڪرڻو پوي ٿو. ان جي بنسبت نثر آسان آهي، ان کي قافيا پابند نه ٿا ٻڌائين پر آزاد شاعري پابند شاعريءَ کان به ڏکي آهي. آزاد شاعريءَ جا دروازا ڪنهن وڏي خيال لاءِ کليل هوندا آهن ته جيئن ڪنهن به روڪ ٽوڪ کان سواءِ اهو مڪمل طرح سمائجي پوي. سنڌيءَ ۾ آدرش آزاد نظم جو وڏو شاعر آهي. هن وٽ گهرائي ۽ ترتيب آهي.

ڪڏهن ائين به محسوس ٿيندو آهي ادب ۽ شاعري دنيا جي وڏي عياشي آهي. حالتون هر ڪنهن کي اهو موقعو فراهم نه ٿيون ڪن ته اهي لکن ۽ پڙهن. بيروزگاري آهي، کائڻ لاءِ ڪجهه نه آهي، ماڻهو ڳيپي لاءِ سرگردان آهن. ڪنهن وٽ وقت آهي جو اهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سيڙائي ڪنڊ ۾ ويهي لکي پڙهي سگهي؟ پيٽ ڀريون آهي ۽ ادب پوءِ. چمڻ لئي چپن جو توانو هجڻ ضروري آهي. حسن خوشحاليءَ ۾ آهي.

جيڪي ٻاول آهن وقت انهن جي انتظار گاهه ۾ ويٺل آهي، لکڻ مونکي مونجهارن کان آزاد ڪندو آهي. اهڙي پناهگاهه آهي جنهن ۾ لکي Nothingness جو حصو بنجي هر آفت کان آجو ٿي ويندو آهيان. لکڻ مونکي خوشي عطا ڪري ٿو. جڏهن لکندو آهيان اهي منهنجي زندگيءَ جا سٺا ڏينهن هوندا آهن. کي مصيبتون نه هونديون آهن کي ذاتي مسئلا نه هوندا آهن.

لکڻ پڙهڻ ترقي يافتا معاشري جو حصو رهيا آهن. ڪراچي ان جو مثال آهي، جنهن جو هڪ حصو اونداهو ۽ ٻيو ايڏو ته روشن آهي جو سونهن ۾ وهنتل جسم اکين کي ڪيرو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. فٽپاٿين جي ڪٻاڙخانن ۾ سڻن ڪتابن جا هجوم آهن ۽ فينسي بڪ اسٽالن تي خوشحال ماڻهن جا هجوم.

تازو ڊفينس جي هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. وڃڻ جو سبب ڪيرن آرمر اسٽرانگ هئي، جنهن "هسٽري آف گاڊ" لکيو آهي. مون اهو ڪتاب پڙهيو هيو. مذهبي معاملن تي ڏاڍو سٺو ڪتاب آهي. اسلامي تاريخ تي ڏنل باب حقيقت تي مبني آهي. اهڙي ادبي ڪانفرنس جو مشاهدو مون وٽ پهريون نه هيو. سوين لکيل پڙهيل ماڻهو هيا. گهڻت ڪان ٻاهر فيشن سان ڀرپور ادب جو چاهه رکندڙ عورتون هيون. هڪ وڏي هال ۾ ڪيرن آرمر اسٽرانگ جو خطاب ۽ سوالن جوابن جي ڏي وٺ هئي. هال ۾ سڀ ڪرسيون ڀريل هيون. ماڻهو بيٺل هيا. اهڙو منظر ڏسي مونکي سنڌي ادب جي حوالي سان ڪراچيءَ ۾ ٿيل بيٺڪون ياد پئجي ويون، جتي مشڪل سان ويهه ماڻهو مس هوندا آهن.

ڏٺو وڃي ته جيئن اٽو لٽو ۽ اجهو طبقاتي آهن ائين ادب به طبقاتي آهي. ڳاٽي جي ماڪي چٽڻ سان جا سر مٿا ٽي پون ٿا.

٥

ڪراچي يا ڪلاچي

(المياتي مزاح)

جڏهن ٻار هياسين تہ پيروليون ڏئي هڪ ٻئي جي ذهانت آزمائيندا هياسين. اهو بہ هڪ رعب جو طريقو هوندو هيو. منجهيل پيرولي مت منجهائي وجهندي هئي ۽ پيرولي ڏيندڙ فخر سان مرڪندو هيو. ٻين کي منجهيل ڏسي، پاڻ ٺئي چوندو هيو.

”ٽِڪي چڙهي؟“

”ها“

پوءِ ٻڌائيندو هيو تہ ان پيروليءَ جو مطلب ڇا آهي، مون کي ياد آهي هڪ دوست اهڙي پيرولي ڏني هئي جو ٻڌي حيران ٿي ويا هئاسين. اها پيرولي هئي. ”ڪراچي، حيدرآباد.“

ان ۾ صرف ٻن شهرن جا نالا هيا، وڌيڪ ڪجهہ نہ هيو.

”اڙي بابا ڪراچي، حيدرآباد تہ شهرن جا نالا آهن.“ هڪ دوست چيو ”پوءِ اها پيرولي ڪيئن ٿي؟“

”نہ، اها پيرولي آهي سوچيو.“ پيرولي ڏيندڙ چيو.

سڀ سوچ ۾ پئجي ويا، ننڍڙا ذهن پريشان ٿي ويا، ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو.

”ادا ٽڪي چڙهي“ هڪ دوست چيو.

پيرولي ڏيندڙ فخر مان ٺهڪ ڏئي ٻڌايو. ان جو مطلب آهي ”ڳراچي هي در آباد“

ان وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ”زال مڙس ڏي ڳجهو نياپو موڪليو جنهن جو مطلب اهو هيو.“

اسين سڀ ٻار کِل ۽ شرم ۾ اونڌا پيا هياسين، ٻار هوندي تہ حرڪتي هوندا آهن پر جنس جي تذڪري تي سندن منهن ڳاڙها ٿي ويندا آهن. اسان جو بہ هڪ اهڙو ئي شرميلو دوست هيو جنهن کي ”ٽماٽو“ چوندا هياسين، ٽماٽو انگريزي لفظ آهي، سنڌيءَ ۾ اصل لفظ ”چماٽو“ آهي. ڪو وقت هيو ”چماٽا“ سستا هيا. ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هيو جو ناپسند ماڻهن کي اسٽيج تي ڦتل چماٽا هڻي نفرت جو اظهار ڪيو ويندو هيو. وري اهي ٻيا موچڙن وارا چماٽا هوندا هيا، جيڪي ماستر ٻارن کي گهرو ڪم نہ ڪرڻ ڪري ڪلاس ۾ هڻندا هيا. مون کي ياد آهي مان سکر جي سبزي مارڪيٽ مان ڪريلا وٺي رهيو هيس، هڪ ڳوٺاڻو آيو ۽ ان دوڪاندار کان پڇيو ”پائي چماٽا ڪيئن ٿو ڏئين؟“

دوڪاندار هٿ سڌو ڪري ڪيس ڏيکاريندي چيو ”چماٽا اس ڪو بولتي هين. يي ٽماٽا هي“ ڳوٺاڻي جو منهن لهي ويو ۽ هيٺ ڪنڌ ڪري بيهي رهيو.

ان ڏينهن ڪانپوءِ مان خوف کان ٿماٽا چوندو آهيان نه ته حقيقت ۾ اهي چماٽا آهن. پاڪستان جي مهرباني جو ٿماٽا آهن نه ته چماٽا ڪاٽا پون ها. سو ڪراچي حيدرآباد واري ڳالهه اڌ ۾ رهجي وئي، جنهن جو مطلب آهي. "ڪراچي هي در آباد"

ڪهڙا در آباد ڪيون، سڀ گهر ۽ در برباد لڳا پيا آهن. جنهن در اڳيان لنگهه ستڪن جو آواز ٿو اچي. اسين سنڌي پنهنجن ئي شهرن ۾ ڌاريا بنجي چڪا آهيون. چون ٿا سنڌين جي حڪومت آهي. ڏاڍي ڪل ٿي اچي اهو فحش لطيفو ياد ڪندي جيڪو ڄاڻي واڻي نه ٻڌائيندس. صرف ايترو چوندس ته ان ۾ "جهنگ جي بادشاهه شينهن جي، جهرڪيءَ ضمانت ڏني هئي."

دهل کي ڏڪ لڳندو آهي ته چوندا آهن "ساز ٿو وڄي" خبر نه آهي شعبان جي شاديءَ ۾ دهل جو ڪهڙو ڏوهه جو هر دفعي موچڙا ٿو کائي. ٻلي هش ۾ خوش. سنڌي اهڙو حلوو ٿا کائين جنهن کي "سيرو" چوندا آهن. ڪنهن لغت جي ماهر کان لفظ سيري جي وڍڪٽ ڪرائبي ته ان لفظ جو مفهوم ئي وڍ ڪٽ ٿيهندو. ڇو جو جانورن کي قربان ڪرڻ لاءِ سير ڏبي آهي نه ته لفظ حلوو ٻه وڏي معنا وارو آهي. کائجي ته مٺو نه ته "هل وو" مطلب هل هتان، ميدان صاف ڪر.

مشهور چوڻي آهي.

پرسُو پرسَو پرسرام،
مايا تنهنجا تي نام.

غربت ۾ پرسُو هيو. ٿورو ڪمايائين پرسَو ٿي پيو. دولت آيس ته هرڪو پرسرام سڏڻ لڳس. مايا ماڻهوءَ جا نانءَ بدلائي وجهي ٿي، پر هتي مسئلو مايا نه آهي، مذهب ۽ ٻولي آهي. مذهب جي زيراثر جاين جا نالا بدلجي چڪا آهن. پارڪ، روڊ ۽ عمارتون مسلمان ٿي چڪا آهن. رام باغ جتي سيتا ۽ رام جو ملن ٿيو هيو اهو آرام باغ ٿي چڪو آهي. ٻولي ۽ لهجن جا اثر ڳوٺن ۽ وستين تي پڻ ڏسجي رهيا آهن.

تيرهن سال ڪياماڙيءَ جي هڪ ڊسپينسريءَ ۾ ڪم ڪندي ٿي ويا. ڊيوٽي تي ويندي پناڻ ڪنڊيڪٽر پڇندو آهي "ڪِڏر جائو گي؟"

چوندو آهيان. "ڪياماڙي"

"ڪيا؟" هو ڪن ڪڙا ڪندو آهي.

"ڪياماڙي"

"اچا ڪيماڙي"

هاڻي مان ڪياماڙيءَ کي ڪيماڙي ڪئين چوان، پناڻ منهنجو لفظ سڌارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پناڻ عالم آهي. دانشور آهي. ٻوليءَ جو ڄاڻو آهي. مان پنهنجي شهر جو جاهل آهيان. منهنجو شهر جنهن جي ڪنارن تي ٿهيل مندرن جي برجن تي سمنڊ جي ڇولين جي چُمين جا نشان

آهن. جنهن جون مسجدون در ڀاهران پيپل منافقن جي پادرن کان پاڪ هيون. منهنجي مظلوم شهر جي پٿر جون عمارتون جيڪي خودڪش بمبارن جي اڌامندڙ جسم جي ٽڪرن سان ناپاڪ ٿي چڪيون آهن. منهنجا ماڻهو منهنجي ٻولي، جيڪي انسانن جي ايندڙ سيلابن ۾ غرق ٿي چڪا آهن.

دل چوي ٿي روئان، ننڍي هوندي روئندو هئس ته امڙ چوندي هئي "بس ڪر، روئي روئي ڪِن ڪيا ٿي."

ڪراچيءَ ۾ ڪِن ڪرڻ لئي جاءِ نه بچي آهي، سو نه روئندس، ڪلڻ جي گنجائش انڪري نه آهي جو ڪراچيءَ ۾ گنجائش آهي ئي ڪونه، جيڏانهن وڃ. "ڊوميسائيل ڏيکار."

ڇا سنڌ اسان جي آهي؟ فطرت هڪ مهرباني ڪري ها. جڏهن پيدا ٿيون ها ته ڪنهن هڪ عضوي تي اهو لکيل هجي ها ته "سنڌي" گهٽ ۾ گهٽ وقت تي کولي ڏيکاري ته سگهون ها.

هتي ته ماڻهن الله کي به نه بخشيو آهي. ڪياماڙي ٽائون ۾ ماڙيپور اڳيان هڪ اهڙو ڳوٺ آهي جنهن کي "الله بانو" چيو وڃي ٿو. جنهن کان پڇ "ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟"

چوندو "الله بانو"

مون شهر بانو ته ٻڌي آهي پر خبر پئي ته هتي الله بانو به آهي. (نعوذ باالله) جڏهن سوچ لڙايم ته اهو اُچار صحيح نه هيو. اهو "الله ٻانهو" آهي، جيڪو انگريزيءَ ۾ Allah Bano لکجڻ ڪري بدلجي الله بانو ٿي پيو آهي. هاڻي جيڪڏهن مان ڪياماڙيءَ جي اسپتال ۾ ويهي ڪنهن کي چوان ته "بابا اهو الله ٻانهو آهي."

ته پڇندا "ڪوچا، اهو ٻانهو ڇا آهي؟"

ڀيريون ته مهاجر ۽ پناڻ ٻانهو چئي ڪو نه سگهندا، ڇو جو ٻانها صرف اسان سنڌي آهيون. پر جيڪڏهن انهن کي سمجهايان ته ٻانهو ان کي چئبو آهي جيڪو غلام هجي ۽ پنهنجو اصل نالو به ٻڌايان ته "جيئن مان ڊاڪٽر غلام رسول" ته پوءِ ائين چئي سگهن ٿا ته ان ڳوٺ جو نالو الله ٻانهو نه پر غلام الله هجڻ گهرجي، جيئن نالو ڪٽڻ ۾ آساني ٿئي ۽ هو ان عظيم گناهه کان بچي وڃن.

وري ڪياماڙيءَ ۾ ٻيو قهر ڏسو. هتي هڪ اهڙو ڳوٺ آهي جنهن کي "بودني" سڏيو وڃي ٿو. اهو ڳوٺ به ماڙي پور جي پريان آهي. مان جڏهن به ڪنهن ويڪسينيٽر کي چوندو آهيان. "وڃ ۽ وڃي بودنيءَ ۾ پوليو جا قطرا پيئار"

چئي ڏاڍي شرمندگي محسوس ڪندو آهيان، ائين لڳندو آهي جڻ ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي ان جي ڪيل گناهن جي صلي ۾ گار ڏيندو هجان. پر اها منهنجي مجبوري آهي. ڳوٺ کي سالن کان وٺي ان نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هاڻ ڀل محسوس ڪيان ته اهڙا گندا لفظ چئي سنو ڪم نه ڪري رهيو آهيان، پر ٻڌندڙ کي ان ڳالهه جو احساس صفا نه ٿيندو، ڇو جو اهو عام مروج لفظ آهي، جيڪو ٻڌي ٻڌي سڀ هري ويا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کان پڇندم "ڪٿان جو آهين؟"

هو چوندو "بودنيءَ جو"

ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور، اهو آهي ئي بودنيءَ جو. قصور انهن جو آهي جن نالا بگاڙيا. دراصل اهو بودني نه پر سنڌ جو تاريخي ڳوٺ "ٻڍاڻي" آهي. جيڪو انگريزيءَ ۾ Bodani لکجڻ ڪري تلفظ مٽائي ويو. اهي سڀ ڪراچيءَ جي اولهه ۾ سمنڊ ڪناري آباد ڳوٺ آهن. جيڪي ترڪ اڏن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. اردو ۽ پشتو زبانن ۾ انهن جا اچار نه هجڻ ڪري تلفظ بدلجي چڪا آهن. ٻاهران آيل ماڻهو سنڌي اچارن تي طنز ڪري رهيا آهن ۽ اسين سنڌي به تذليل جي خوف کان اهي بگڙيل لفظ استعمال ڪري رهيا آهيون، جيئن ٻين کان مختلف نظر نه اچون ۽ ڪنهن به عتاب کان محفوظ رهي سگهون. تاريخ ۽ وقت جو ستم ته ڏسو ٻاونجاهه اچارن واري زبان جي مالڪ کي "اڏ اڪري" تلفظ صحيح ڪرڻ جا مشورا ڏئي رهيا آهن. پناڻ وري پشتو ڳالهائيندي غير ارادي طور سنڌي ڳالهائي وڃن ٿا. ائين ئي هڪ دفعي جڏهن بس ۾ ويٺو هيس ته سچل ڳوٺ کان اڳتي ڪنڊيڪٽر بس جي لوهه جو در کڙڪائي وٺي رڙيون ڪيون. "مروڙا.....مروڙا" ڊرائيور بس روڪي، مون سمجهيو شايد هن کي مروڙا پيا آهن. لهي جهاڙين ۾ ويندو پر هڪ همراهه ٻڌايو ته "ماروئڙا ڳوٺ اهو اٿئي لهي وڃ."

ساڳي طرح جڏهن جناح اسپتال وچڻ ٿيو ته دل جي اسپتال وٽ هڪ ڪنڊيڪٽر زور سان آواز ڏنو "ڪاڏي ويو.... ڪاڏي ويو."

مون سمجهيو شايد ڪنهن جو ڪيسو ڪتجي ويو آهي ۽ جيب ڪتري کي ڳولهيندي پناڻ ڪاوڙ مان رڙيون ڪري ڪيس ڳولهي رهيو آهي، پر پوءِ خبر پئي ته هو چئي رهيو آهي. "ڪارڊيو...ڪارڊيو" معنا دل جي اسپتال اچي وئي آهي جنهن کي لهڻو آهي لهي وڃي.

اهڙي طرح جڏهن نيپا چورنگي ايندي آهي ته پناڻ چوندو آهي. "نياپا....نياپا" ۽ سنڌي سمجهي ويندا آهن. پڪ سان ڪو فرشتو هوندو جيڪو سنڌن لاءِ موت جو پيغام کڻي آيو آهي.

ڪياماڙي ٽائون جي ڳُل ٻائيءَ ۾، جنهن کي پناڻ گل پائي چوندا آهن. انهن هڪ ڏينهن گل پائيءَ جي پرپوٽن سان ٺيڪر ۽ ٻيلچا کڻي مورڙي ۽ سنڌس پائرن جي قبرن کي مسمار ڪيو جيئن ڪين ترڪن ٻيهارڻ لاءِ ويڪري جاءِ نصيب ٿي سگهي. دراصل اهي ان مانگر مڇ جي اولاد مان هيا جنهن کي مورڙي پنهنجي ڏاهپ سان ناس ڪيو هيو. هاڻي وري اهڙي مورڙي جي ضرورت آهي جيڪو اهڙن مانگر مڇن کي ختم ڪري.

ٻين کي ڇڏيو انگريزن به چڱائي نه ڪئي. انهن جتي به حڪومت ڪئي، پنهنجي آسانيءَ لاءِ اچار به بدلائي وڌا، ترڪيءَ ۾ سلطنت عثمانيا جي باني عثمان کي "اُتومين" جي نالي سان نوازيو. اهڙا ڪئي مثال آهن. هندستان ۾ حڪومت ڪندي ممبئي کي بمبئي ۽ ڪولڪتي کي ڪلڪتو جي نالي ۾ ڦيرائي وڌو. انهن ڪلاچيءَ کي ڪراچي ڪوٺيو. هاڻي ته مدراس چنائي ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. بمبئيءَ کي ممبئي ڪوٺيو وڃي ٿو ۽ ڪلڪتي کي ڪولڪتو. شابس آهي ڀارت جي جمهوري حڪومت کي جنهن شهرن جي اصل نالن کي بحال ڪيو پر ڪلاچي اڃان ڪراچي آهي.

ڪياماڙيءَ جي سرڪاري ڪاغذن ۾ ڪياماڙيءَ کي ڪيماڙي، ٻيڙاٽيءَ کي بودني ۽ الله ڀانهون کي الله بانو لکيو ويجي ٿو. جيڪي فحش Blasphemic ۽ غير فطري نالا آهن. مان سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيان ٿو ته سرڪاري رڪارڊ ۾ درستگيون ڪيون وڃن. انهن نالن کي اصل حالت ۾ بحال ڪيو وڃي. ڪراچيءَ جو نالو بدلائي ڪلاچي ڪيو وڃي.

o

پيار جي هڪ ٻي صدي!

(رفيق سومري جي ڪتاب تي تبصرو)

تازو 2011ع ۾ ڇپيل رفيق سومري جو ڪتاب "پيار جي هڪ ٻي صدي" نظر مان گذريو. ڪتاب ۾ ناويلا، ڪهاڻيون، خط، تنقيد ۽ تاثرات شامل آهن.

"قيٽي ۽ قسمت جي چڪر ۾ وڏو فرق آهي."

ڪتاب ۾ شامل ناويلا "انساني تماشو" درد جو اهڙو تيز وهڪرو آهي، جيڪو ٻوڏ جيان هر شيءِ کي پاڻ سان وهايون پيو وڃي، تيز وهڪري ۾ ڪردار ٻڏندا ترندا ٻانهون بلند ڪري پڪاريندا ۽ موجودگيءَ جو احساس ڏياريندا وڏندا پيا وڃن. شايد ان کان اڳ سنڌي ادب ۾ ناويلا نہ لکي وئي آهي. رفيق سومرو اهو پهريون اديب آهي جنهن اها صنف متعارف ڪرائي آهي. پوري ناويلا شعور جو وهڪرو آهي. جيڪڏهن (ٽيڪنيڪل انداز) واري نظر سان پرکبو تہ ان ۾ ڪجھ خاميون نظر اينديون. بي ربط روانيون ۽ بي ترتيب سوچون محسوس ٿينديون، وکريل ۽ غير مسلسل ڪوتاهيون ڏسڻ ۾ اينديون، پر خوابناڪ حقيقتون ڪا ٻي شيءِ آهي، شعور جو وهڪرو اهڙو سيلاب آهي جيڪو جيڏانهن وهندو آهي رستو ناهي لنگهي ويندو آهي. تيز پاڻيءَ جي وهڪري کي ڪي بند روڪي نہ سگهندا آهن. اهو تهيل ڊيم ڪيرائي وڃهندو آهي. هر لڙهندڙ شيءِ ان جو حصو بنجي ويندي آهي. ترندڙ نانگ، جيئرا ماڻهو مئل ماڻهو رانيون ڪندڙ ڍور، اونڌيون ٻيڙيون، ڦٽڪندڙ مڇيون ۽ پاڙن کان پٽيل وڻ.

حقيقت اها آهي تہ اسين خوابن ۾ سچائيءَ سان جيئندا آهيون، جڏهن سجاڳ آهيون تہ وجود ۾ قيد آهيون، خوابن جي ان وهڪري کي ئي سرئلسٽڪ سوچون سڏيو وڃي ٿو. هيءَ ناويلا اهڙين ئي سوچن جو مجموعو آهي، هڪ درياھ جيڪو ابتو وهي ٿو. هڪ سفر جيڪو ماضيءَ ڏانهن آهي. ڪردار ٻڏن ٿا، ترن ٿا ۽ ڳالهائين ٿا. انهن جو ڳالهائڻ سمجھ ۾ نہ ايندڙ آهي. اهي مرندڙ ماڻهوءَ جا چپ آهن جيڪي جهيڻي آواز ۾ وصيت ڪن ٿا. ڪردار جيڪي زندگيءَ جي جدوجهد ۾ هٿ هٽي رهيا آهن ۽ پاڻ ڏانهن پڪاري رهيا آهن.

هو لکي ٿو "ماضي اونداهي غار، حال آسمان وانگر صاف ۽ چٽو جڻ کليل ڪتاب. آئيندو ڏک سک."

هو املتاس جي وڻ جيان Nostalgia جي ٻي پاڙي ول ۾ وڪوڙيل آهي. هن جا ڳوڙها هيڊن گلن جيان ڇٽي پٽ تي ڪرن ٿا. ماضي اهڙو قاضي آهي جنهن قلم وهائي بي خطا اسان کي سوليءَ تي لڙڪائي وڌو آهي. اسين پنهنجن لڙڪندڙ لاشن جي پاڇن ۾ پناھ وٺي وينل آهيون. ماضِ ظالم

آهي. بي رحم ۽ خوفناڪ. ان ڏي منهن ڪري ٽڪ ڇلاءِ تہ هيدا ڏند ڪيڍي کلي ٿو. اسين جڪڙيل آهيون ۽ زنجيرن جي هر ڪڙي گهاريل ڏينهن آهي، رات آهي، مهينو سال ۽ صدي آهي.

هو لکي ٿو "اتي بڪايل ٻار هيا جيڪي جهرڪيءَ جي بڪايل ٻچن جيان چوڳي لاءِ وات کولي بيٺل هيا. ماءُ جي مٽي تي ماني ڏسي سندن مرجهايل منهن ٻهڪي اٿيا. سچ پڇو تہ پنهنجو پيءُ جهٽ لاءِ وسري ويو."

رفيق جي ناويلا جو مرڪزي ڪردار ماءُ آهي. هن جي ماءُ گورڪيءَ جي ماءُ کان ان ڪري سگهاري آهي تہ ان وٽ انقلاب، نظريو يا سياسي هلچل جي پنيرائيءَ بجاءِ پنهنجي بقا جي جدوجهد آهي. ڏکن مان پار پوڻ جا سپنا آهن. ماءُ جنهن جا نقش ماضيءَ جي گهنجن سان ملي گهرا ٿي ويا آهن. هوءَ دعا لاءِ هٿ کڻي بيٺل آهي. هيومن ڪاميڊيءَ ۾ بلزاڪ جو هڪ ڪردار پنهنجي ڌيءَ جي عاشقن کي دعائون ڏئي ٿو. رفيق جي ماءُ پٽ جي دوستن کي دعائون ڏئي ٿي ماءُ ٻار اڳيان موت مصيبتن ۽ بيمارين سامهون هٿيار جيان هيلينا جو وڍيل سڱ جهلي بيٺل ديوي آهي. اها مزاحمت ڪري ٿي. ان جو سڀ کان وڏو نظريو اولاد جي بقا آهي. هو چوي ٿو "اي مالڪ منهنجي ماءُ جي جيئري منهنجي موت جو غم نہ ڏيکارجانءِ نہ تہ هوءَ صفا مري ويندي."

اولاد جو موت ماءُ جو موت آهي. هن جو ڪردار شفا ڳوليندي ماءُ جي بقا جو طلبگار آهي.

"اي موت!
در در تون ٿو ٺاپا کائين
شايد رولو ڪتو آهين
ها منهنجي در بہ ايندين
هڏي جيان ساهہ چوسيندين."

رفيق اندر هڪ لکيل شاعر آهي ۽ هڪ شاعر لاجواب نثرنگار آهي، شاعر لفظن جو سرمائيدار آهي.

"هوءَ درد روئندي رهي، ڏک کي ڏينهن رات ڳوهيندي رهي، شڪر جي سايي ۾ صبر سوئيندي رهي ۽ پاڻ لوئيندي رهي، ور سان کيل وچن ۽ نينهن ڏوئيندي رهي ۽ سورن جي سڳي ۾ موتي وفا جا پوئيندي رهي."

هن وٽ جڏهن "انساني تماشي" جي نتيجي ۾ ٿهڪ بلند ٿين ٿا تہ سندس سيني ۾ لکيل درد کان اکيون ڳاڙهيون ٿي ڳوڙهن سان ڀرجي وڃن ٿيون.

هو لکي ٿو "ويلو تي ڏينهن، شفقت ست ڏينهن، مهرباني کهل مهينن جي مهمان ٿيندي آهي. قياس ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پنهنجي معنا ڦيرائي قياس آرائي تي پوندي آهي."

شعور جي وهڪري ۾ لکيل هيءُ ناول سرئلسٽڪ علامتن ۽ اشارن سان ڀريل آهي.

“ماءُ جي دل تي جڻ ڪرت وهي ويو جڻ زهر ۾ ٻڏل فوجي خنجر سندس سيني جي آرپار لهي ويو. ڳڙپ جو آواز ٿيو جيڪو سندس جانب ور جي تصوير ئي ٻڌي سگهي.”

“پڳ نه، پاهڻ جي جنڊي سندس مٿي تي رکيل هجيس ته اٺ پٽ ڏک ڏر.”

“سندس جهاز جا پر ڊيڊالس جي ڏند ڪٿا وانگر ربڙ جا هيا ۽ تيز اس جي حرارت ۾ پگهر جي ويا. جهاز ڪريو پر پراشوٽ نه کلي انسان جو نصيب. هو اڌ ماڻهو رهجي ويو.”

اڌ مئل ماڻهوءَ جو تصور پڪاسو جي ڪنهن پينٽنگ جيان آهي. وجود جو جيئرو حصو مئل حصي کي سهارو ڏئي ٿو. انسان پاڻ کي پنهنجي ڪلهي تي رکي ڊوئي ٿو سج اڳيان هلندڙ انسان جو اڌ پاڇو نهي ٿو. سرئلسٽڪ سوچن جو اظهار عڪسن کي انفراديت بخشي ٿو. هڪ نواڻ ۽ توجهه طلب سوچ عطا ڪري ٿو.

هو چوي ٿو “تون لوڪل ٽرين ۾ سفر ڪندين. طوفان ميل توڪان اڳتي نڪري ويندي.”

پوئتي رهجي وڃڻ جو خدشو انسان کي اڳتي وڌڻ تي مجبور ڪري ٿو. ماضيءَ جي لوڪل ٽرين ۾ سفر ڪندڙ رفيق سومرو اڳتي وڌڻ جي آس ۾ وٺ ڪائيندڙ خوبصورت جانثو جوان. ڪڏهن معاشري کي حسد ۽ چڙاڪ نظرن سان ڏسندڙ پر تجسس شخص ۽ اڄ جو رفيق سومرو ڳوڙهن ۾ وهنتل، غم ۾ ٻڏل. دشمن جي ساراهه ڪندڙ دوستن کي ياد ڪندڙ. هن پويان سندس ناول اداس عورت جيان ماتمي ڪارو لباس پائي، ٿالهه ۾ گلابن جا گل، ڪنڊا، زهر جي پيالي، ماکي ۽ شراب جي بوتل سجائي ائين پئي اچي جيئن اها هن جي ٻانهي هجي ۽ هو اهي سڀ شيون حيثيت آهر ٿالهه مان کڻي راهه ويندڙن ۾ ورهائيندو هجي.

“دهشت منجهه درياهه ڏسي امڙيون جهليندريون هيون. پٽ ان شينهن درياهه جي ويجهو نه وڃجو. انهن ڪڙڪاٽ ڪندڙ ڪنن ۾ مڇيون ماريندڙ ميربحر مري ويو.”

هن وٽ سحرانگيز حقيقت نگاري آهي، سندس ڪردار اکرن جو روپ ڌاري جيئرا ٿي چڪا آهن.

“پوءِ نڪتا اسڪول مان ڪيترائي بدمعاش، مراد بلوچ، عيسو جاڳيراڻي، دلوڪ شيدي، پولو موچي، سڪندر موچي، نبو ڪاٽو مولو مڪراڻي ۽ ڪاٽو قاسم.”

هن جا ڪردار حقيقت جي ويجهو ۽ خوابناڪ آهن. اهي بي ترتيب، پڳل ٽٽل، وچڙيل، لاتسلسل ۽ بي ربط آهن. انهن کي سمجهڻ ۾ ٿوري ڏکيائي ٿيندي جيڪي رفيق جي جيون ڪهاڻيءَ کان غير واقف آهن. سندس ڪتاب ۾ ڏهه ڪهاڻيون پڻ شامل آهن. جيڪي گهاڙيٽي ۽ اصلوب جي لحاظ کان منفرد آهن. انهن جو انداز رفيق جي ڳولهي لڌل الڳ طرز ۾ گهاڙيتو آهي. سندس ڪهاڻيون بيماريءَ واري دور ڪانپوءِ جون لکيل آهن.

٥

پارٽيون

(ادل سومري جي حوالي سان)

پارٽيون سياسي هونديون آهن، پر اسان دوستن جون پارٽيون سياسي نہ هيون، اهي کائڻ پيئڻ ۽ تفريح واريون پارٽيون هيون.

هاءِ اسڪول جي زماني ۾ چندو ڪري پارٽيون ڪيون وينديون هيون، جن ۾ استاد شاگردن کي ٻڪرين جي ڌڻ جيان ڇهبڪ هڻندا انهن جي قد جيتري اونهي پاٽيءَ ۾، ڪنهن وڏي واهہ مان نڪرندڙ ننڍڙي نالي تي وٺي ويندا هيا ۽ ٻار وهنجي، انب چوسي، ڪجهين هيٺان ٽپا ڏئي هڪ ٻئي سان ٽڪر وڙهائيندا هيا.

اسان دوستن جيڪي پارٽيون ڪيون، انهن ۾ چندو شامل نہ هوندو هيو. سڄو بار سهڻي دوست عبدالرحمان پٽي مٿان هوندو هيو. رحمان پٽو نمڪو تيار ڪرائيندو هيو، اهو نمڪو نہ، جنهن ۾ سڱر چڻا، دال يا ٻيون تيل ۾ تريل شيون هونديون هيون، جيڪي وڏن شهرن ۾ منائيءَ جي دوڪانن ٻاهران اڪثر اڇيون ٽوپيون پائي، سونهارين کي ناسي رنگ ڪري، صاف ڪڙتي وارا نوراني منهن جا مالڪ، جن کي سنڌي ڳالهائڻ نہ ايندي آهي، اڪثر وڪڻندي نظر ايندا آهن. پر اهو نمڪو جيڪو رحمان پٽو تيار ڪرائيندو هيو وڏا گوشت جا ٻوٽ هوندا هيا، جن کي سڄي رات ٻاڦ تي ڳاري صبح سان لوڻ ۾ پُچٽي ڏئي تيار ڪرائيندو هيو پوءِ جاڳيراڻيءَ جي هوٽل تان نانَ وٺي ڪڏهن ابل واهہ، ڪڏهن ستين جو آستان، تہ ڪڏهن بکر جو قلعو روانگي ٿيندي هئي. ادل سومرو، رفيق سومرو ۽ مان، جڏهن تاڪ منجهند جو روانا ٿيندا هياسين تہ دنيا جا سڀ ڏک، پيڙائون ۽ مسئلا اُس ۾ سڙي رک ٿي ويندا هيا. اهو وقت، تنهن وقت خوشيءَ جو وقت محسوس ٿيندو هيو الائي نہ؟ پر هن وقت محسوس ٿي رهيو آهي تہ ان کان وڏيڪ ڪو خوشيءَ جو وقت هيو ئي نہ.

جڏهن دوست دنيا ۾ نہ رهندا آهن تہ دنيا دوستن کانسواءِ نہ رهندي آهي. اهي ڏينهن ياد ڪيان ٿو تہ جيئرو ٿي پوان ٿو. منهنجي جسم ۾ تازگي تري اچي ٿي ۽ مان ابل واهہ جي ميري پاڻيءَ ۾ تران ٿو. سکر ۾ رهندي مان درياهن جي ديس جو ماڻهو هيس. سکر کان جاڏي وڃ سامهون پاڻي. هڪ پاسي درياهہ ٻئي پاسي واهہ. اڄڪلهہ شڪارپور واري پاسي کان واهہ نہ آهي. پر ڪنهن وقت پنج ڪلوميٽر پري نارا واهہ هوندو هيو جنهن ۾ ڏوڏيون ۽ ڪُمَ ٿيندا هيا. نارا واهہ ۾ گهڙڻ موت کي دعوت ڏيڻ هوندو هيو. ڇو جو ان ۾ خوبصورت گلابي ڪنولن هيٺان گهري پاڻيءَ ۾ ايڏيون تہ گهاٽيون پاڙون هونديون هيون، جو ماڻهو انهن ۾ وچڙي پوندو هيو.

درياھ انڪري ميرا هوندا آهن جو اهي مٽيءَ ۾ وهنجندا آهن. رمضان جي مهيني ۾ روزو رکندا هياسين ۽ جڏهن اچ لڳندي هئي تہ سنڌوءَ تي وڃي، پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏئي، نڪ بند ڪري، ٽٻي ڏئي اٺ ڏهہ ڍڪ پاڻيءَ جا پي ويندا هياسين. روزي کولڻ وقت وڏڙن کي حيرت ٿيندي هئي تہ "اڄ ڪان اسان جون اکيون ٿيون نڪرن. هنن ڇوڪرن کي ڪا پرواھ ئي نہ آهي!" اهي سڏيندا هيا "ڇورا روزو کوليو." اسان کي روزو ياد ئي نہ هوندو هيو يا ائين ٿيندو هيو تہ روزو رکي سينيما ۾ مارننگ شو جي ٽڪيٽ وٺي ٽي بجي تائين وقت گذاريندا هياسين ۽ جيئن شو ختم ٿيندو هيو تہ وري سامهون واري سينيما ۾ ٽڪيٽ وٺي روزي کولڻ تائين وقت گذاريندا هياسين. جڏهن ڪو پڇندو هيو "اهڙي روزي جو ڇا فائدو؟" تہ ملان وانگر جواب ڏيندا هياسين "هڪ پاسي روزي جو ثواب، ٻئي پاسي فلم ڏسڻ جو ڏوھ، پاڻ ۾ ٽڪرائجي ختم ٿي ويا. نہ گناھ ڪيوسين، نہ ثواب ڪٽيوسين. جيڪڏهن روزو نہ رکون تہ گناھ، وري مٿان فلم ڏسون تہ ٻٽو گناھ."

اهي ڳالهيون انهن ڏينهن جون آهن، جڏهن اڃان اسان جون پارٽيون نہ ٿينديون هيون. ادبي دوستن سان ويجهڙايون نہ ٿيون هيون. هونئن تہ ادل سومري، رفيق سومري ۽ رحمان پٺي کي ننڍپڻ کان سڃاڻيندو هيس، پر اسان جي دوستي ادبي حوالي سان اٺويھ سوَ ٺيهتر کان ٿي، جڏهن ادل سومرو مان وٽ هڪ مشاعري جي دعوت جو ڪارڊ کڻي آيو. رفيق سومرو تڏهن ستر واري ٿهيءَ جو ناميارو ڪهاڻيڪار هيو. هن جون ڪهاڻيون "سوجهرو" ۾ وڏي اهتمام سان شايع ٿينديون هيون. ادل سومرو بہ ڪهاڻيون لکندو هيو تنهن وقت سندس "سوجهرو" ۾ ڇپيل ڪهاڻي "انقلاب، ڇتوءِ استين گن" اڄ بہ مون کي ياد آهي. ادل سومري جي هڪ ٻي ڪهاڻي "قادو ڪنجريءَ جي قدمن ۾" سخت لفظن ۾ لکيل هڪ منفرد ڪهاڻي هئي، جيڪا خبر نہ آهي ڪيئن هضم ٿي وئي. ادل سومري پوءِ ٻارن لاءِ جام شاعري ڪئي، هن جو ڪتاب "روز ٽڙن رابيل" اٺويھ سوَ ڇاهتر ۾ شايع ٿيو ان ڪتاب جو ڪمال اهو آهي تہ ان جو ٽائيٽل، ڪيليگرافي ۽ اسڪيچ سڀ ادل سومري پاڻ ٺاهيا. ادل سومرو لاجواب شاعر هجڻ سان گڏ آرٽسٽ پڻ آهي. هن منهنجن ڇئن ڪتابن جا ٽائيٽل ٺاهيا. منهنجا اهي ڪتاب ناياب ٿي چڪا آهن. اهي ڪتاب مون وٽ نہ آهن، پر ادل سومري جي لئبريريءَ ۾ موجود آهن. مون جڏهن هن کان اهي ڪتاب گهريا تہ هن ڏيڻ کان اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ "تو وٽ وري گم ٿي ويندا."

ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر بدر اڄڻ جو جنهن کي خبر پئي تہ مان اڄ ڪلھ پنهنجا ڪتاب شهر ۾ وڃائجي ويل ٻارن جيان ڳولهي رهيو آهيان، هن اهي ڪتاب مون کي ڏنا.

منهنجا ڪتاب ڦاٽي شهيد ٿي چڪا آهن، جنهن ڪري جيئرا آهن. منهنجي خيال ۾ هر لئبريريءَ پرسان هڪ سرد خانو هجڻ گهرجي، جنهن ۾ شهيد ٿيل ڪتابن جا جنازا محفوظ ڪري سگهجن، جيئن وقت گذرڻ کان پوءِ ان جي مالڪ کي ياد پوڻ تي سندن منهن ڏيکاري سگهجي.

اسان سنڌين کي نوان ڪتاب نہ، پر ڦاٽل ڪتاب ڏاڍا وڻندا آهن. ڪراچيءَ جي صدر واري علائقي ۾ هر آچر تي لڳندڙ ڪتابن جي لنڊا بازار ۾ ماڻهو اڪثر ڦاٽل ڪتاب پسند ڪندا آهن. ڇو

جو انهن تي اهڙو سن لکيل هوندو آهي، جنهن ۾ سَن ۾ اهي اجان پاڻ پيدا ئي نہ ٿيا هيا. انهن ڦاٽل ڪتابن کي عظيم چئي جلد بند ڪرائي کوجنا ڪندڙان ڪري محفوظ ڪندا آهن جو پڙهڻ ڪانپوءِ ڪين پنهنجي عمر نندي محسوس ٿيندي آهي.

ادل سومرو سنو دوست انڪري آهي تہ ان ڪانسواءِ سڀ پارٽيون نامڪمل هونديون هيون. هونئن تہ ادل سومري سان گڏ مان سکر جي سخت گرميءَ ۾ تاڪ منجهند جو مٽي تي ٿوال رکي اهي سڀ فلمون ڏٺيون آهن جيڪي اٽويهہ سوَ پنجاسيءَ تائين سينيمائن ۾ لڳيون. ان دور ڪانپوءِ اسان وي.سي.آر تي ڪيتريون ئي آرٽ مووييون ڏٺيون، جن ۾ نصيرالدين شاهہ طوطي جيان اکيون گول ڪري اداڪاري ڪندو هيو. شبانا اعظمي نوٽ سنگهندي هئي ۽ ششي ڪپور ڪلندو هيو تہ ان جا پاسن وارا وڏا ڏند ظاهر ٿيندا هيا.

پارٽين جو ذڪر ڪندي رحمان پٽي جي پچايل نمڪي جي تعريف نہ ڪرڻ بد ذائقو ٿيندو. ابل واهہ تي وهنجندي جڏهن دسترخوان تي رحمان ڳوري هاٿ پاٿ جو ڍڪڻو کوليندو هيو تہ خوشبوءِ تي چوڏاري ڪانءَ ڪنا ٿي ويندا هيا. اهي اڏري چوڏاري ڦيرا ڏيندا هيا. هڪ هٿ سان ڪائيندا هياسين ٻئي هٿ سان "هُش هُش" ڪندا هياسين. چوڏاري باغن ۾ ڪجين جا هزارين وڻ هوندا هيا، جن ۾ رَسيل ڏوڪا ماڪيءَ جي ڦڙن جيان لڙڪندا هيا. پر صد افسوس ڪانءَ ڏوڪا نہ ڪائيندا آهن. ماٺهوءَ جو مٽو ڪائيندا آهن.

ڪانءَ ڏوڪا ڪائين ها تہ اسان کي نمڪو آرام سان نصيب ٿئي ها. هڪ دفعي رحمان پٽي جي وڏي پٽ جنهن جي ان وقت عمر پنج سال هئي، هڪ وڏي ٻوٽي ابل واهہ جي وهندڙ پاٽيءَ ۾ اڇلي ۽ سڀ سياٽا ڪانءَ لڙهندڙ ٻوٽيءَ پويان اڏرندا پري هليا ويا. چا ڪجي ڳالهہ سنجيدگيءَ سان تارڻ لئي مزاح جي ضرورت پوي ٿي. ان ڳالهہ کي مزاح سمجهندا، مذاق نہ. مزاح جا مٽي ويندڙ ڏاڪا آهن. ڀهريون مزاح، پوءِ مذاق، هٿ چراند، هٿ چوهي، يخيون، لپاٽون، ويڙهہ، لڙائي، جنگ، ايٽمي جنگ، هيروشيما، ناگاساڪي ۽ تباهيءَ ڪان پوءِ ٽڏي جنگ، سو ان ڪان اڳ جو ڪول وڏي هاٿي تي پوي ۽ پنهنجي ڪن ۾ پاڻ گهري، پاڻ کي ماري وجهي، چڱو آهي تہ ڪول کي لت ڏئي مارجي.

جڏهن پارٽيون ٿينديون هيون تہ هڪ پارٽيءَ ۾ ستين جي آستان تي رحمان پٽي جيئن ڳوري هاٿ پاٿ جو ڍڪڻو کوليو تہ خوشبوءِ تي پاڙي جا اٺ جوان پڄندا اچي ستين جي آستان تي پهتا. نہ دعوت، نہ سڏ. نمڪو ڪائي اهڙي "واهہ واهہ" ڪياڻون جيئن سکر واري شاعر رحمان جا فراديءَ اجان اڏ شعر ٻڌايو هجي. پاڙي جي هڪ جوان ٻڌايو تہ ڪيس هادن هٿ واري ڪان خبر پئي سوچيم تہ ست چٽا پاڻ سان گڏ وٺي وڃاڻ اتي چوياس راند ڪيڏنداسين. مون انهن ڪان پڇيو.

"تاسون گهٽيون آنديون اٿوَ؟"

چيائون "هڪ"

"تہ پوءِ هڪ تاس سان ٻارنهن چٽا چوياس ڪيئن ڪيڏندا؟"

“سائين مسئلو ئي نہ آهي.” انهن مان هڪ چيو “تي توليون ناهيون، هڪ کيڏندي پہ ڏسنديون.”

پوءِ هاٿ پاٿ خالي ٿي ويو. رحمان پٽي هادن هٿ واري کي دل ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو، جنهن کان هن صبح رائتي لاءِ انب ڇُور ورتي هئي.

رفيق سومرو، ادل سومرو، رحمان پٽو ۽ مان هڪ دفعي نمڪي جو هاٿ پاٿ، ڦودني ڏاٽن ۾ پڳل وڏي گوشت جون سايون ٽڪيون، نان ۽ رائتو ڪٽي بکر واري قلعي ۾ پهتاسين. تڏهن ان قلعي تي فوجين جو قبضو نہ هيو ۽ ڪيترائي تاريخي نشان سلامت هيا. هڪ اهڙو پراڻو چبوترو جنهن جي ڇت سلامت هئي، اسان چارئي دوست چادر وڇائي اتي ڇانءِ ۾ ويناسين ۽ قلعي جي تاريخ ۽ اهميت تي بحث ڪرڻ لڳاسين. قيمي جون ذائقيدار ٽڪيون، پڳل نمڪو نان ۽ رائتو کائي مست ٿي پياسين. ٽاڪ منجهند جو سنڌوءَ کان ايندڙ هوا ۾ ٿورو ٿڌاڻ جو تاثر هيو.

قاضي قادن کان دارشڪوهہ تائين هر ان شخصيت تي تبصرو ڪيوسين تہ اوچتو رفيق سومري ستڙ ۾ ستر وٽ ڪنهن شيءِ کي پڪڙيو.

“وڇون” هن چيو.

“وٽ وٽ” تي وئي. سڀ دوست اٿي کڙا ٿياسين.

“جهلي بيهيس” هڪ دوست چيو “نہ ڇڏ جاسين.”

رفيق ستڙ جي ان حصي کي زور سان پڪڙيو ۽ پوءِ ٻئي هٿ سان ڏڪ هنيا.

اسان سڀ خوف کان ڏسندا رهياسين ۽ سوچيندا رهياسين تہ “خدا خير ڪري وڇونءَ ڏنگي ورتس تہ ڇا ٿيندو؟”

اوچتو رفيق سومري ستڙ ڇنڊي، پانچي مان ڪا شيءِ هيٺ ڪري. ڏسي سڀ کل ۾ اونڌا پيا هياسين. اهو پوپٽ هيو.

رفيق هليو ويو. رحمان پٽو هليو ويو. ادل سکر ۾ موجود آهي ۽ مان گذريل پندرهن سالن کان ڪراچيءَ ۾ رهان ٿو.

o

آتم نرآستي
Autodetachment

آتم نرآستي اهڙو پاڻ مرادو عمل آهي، جيڪو وقت سان گڏ انسان کي دنيا کان ڇِني الڳ ڪري ٿو.

فطري موت ان حالت جو نالو آهي جيڪا عمر سان گڏ جسم جي مسلسل تذليل کانپوءِ ان جي انت جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. انسان جمڻ سان مرڻ شروع ڪري ٿو. تازو چاول ٻار نئين وڳي جيان آهي ۽ زندگي ڪپڙي جيان ڇُڙي ٿي.

موت مئل لاءِ نه پر جيئرن لاءِ هوندو آهي. جيڪو مري ويو ان کي موت جي ڪهڙي خبر. موت احساس جو نالو آهي، جنهن کي جيئرا ئي محسوس ڪري سگهن ٿا. اهو سچ آهي ته جيڪو جيڏانهن آيو آهي ان کي اوڏانهن واپس ورڻو آهي. سوچيو توهان ڪٿان آيا آهيو؟

مان جڏهن اهڙي سوال تي سوچيندس ته پوءِ ان وقت جون تصور هوندو جڏهن مان نه هيس ۽ دنيا موجود هئي. مان اڻ هوند (Nothingness) هيس. جڏهن وجود ورتم ته ڏٺم، دنيا ڪروڙها سالن کان موجود هئي پر مان نه هيس ۽ ائين موت کان پوءِ هڪ اهڙي اڻ هوند (Nothingness) ڏانهن هليو ويندس.

اسين ان ڪري جيئرا آهيون ڇو جو جيئڻ چاهيون ٿا. موت جو خوف جيئاري ٿو. موت مقدر جيان اسان جي رڳن ۾ موجود آهي. اسان جو هر جيوگهرڙو (Cell) پري پروگرامڊ (Preprogrammed) آهي. اسين ڪروموسومز (Chromosomes) جي لاتعداد مخفين (Codings) ۾ سمايل آهيون.

هر جيو گهرڙي (Cell) اندر مرڪز (Nucleus) آهي ۽ مرڪز ۾ ڏاڪڻ نما ڊي اين.اي (DNA) آهي. اهو ڊي اين.اي (DNA) ڪروموسمز جو نهيل آهي ۽ ڪرموسومز اندر مقدر، تقدير، خدا، شيطان، موت، ڏاهپ ۽ ڪردار لکيل آهن.

مون هڪ تحقيقي مڪالي ۾ پڙهيو هيو همجنسپرستن (Homosexuals) جي ڊي اين.اي (DNA) مخفين (Codings) ۾ همجنسپرست تخم (Homosexual gene) موجود آهي. اهي اهڙو فعل ڪرڻ تي مجبور آهن. انهن کي ائين ڪرڻو پوي ٿو جيئن انهن جي اندر لکيل آهي. اهي مخفيات (Codings) لوح ۽ قلم آهن. اسان جو هر جيو گهرڙو جيئڻ جا وس ڪري ٿو ۽ ان کي ائين ڪرڻو پوي ٿو جيئن اندر جو امُر آهي.

فطرت (Nature) انسان جي وجود اندر هڪ ڏينهن ۾ ڏهه هزار تبديليون آڻي ٿي. فطرت جون سٺايون يا خرابيون جيوگهرڙن (Cell) تي اثرانداز ٿين ٿيون. سٺايون سٺيون تبديليون آڻن ٿيون ۽ خرابيون خراب تبديليون. سڀ فطرت جي اثرانگيزين کي ساڻ کڻي بگڙجنديون يا سنورجنديون ظهور ۾ ايندڙيون رهن ٿيون.

هر ساهوارو جيوگهرڙن (Cells) جو ٺهيل آهي. جيڪڏهن وجود جي ڪنهن ڪٽيل حصي کي خاص مهارت سان خوردبين ۾ ڏٺو وڃي ته وجود جي مختلف حصن ۾ الڳ قسم جا جيوُگهرڙا نظر ايندا. وجود جو هر جيوگهرڙو الڳ حيثيت رکي ٿو. هر جيوگهرڙو هڪ الڳ شخصيت آهي. جيوگهرڙا ٽٽندا ۽ ٺهندا رهن ٿا. اندر جي اها پڄ ڊاهه حياتيءَ سان گڏ هلندي رهي ٿي. ان تي ماحول (Enviroment) اثرانداز ٿئي ٿو ۽ حياتيءَ کي متاثر ڪري ٿو. ماحول جا اثر هاڪاري هجڻ بجاءِ ناڪاري رهيا آهن. ويهين صديءَ جي صنعتي انقلاب هڪ نئون انسان ناهڻ شروع ڪيو جيڪو ڏاڏن پر ڏاڏن کان گهڻو مختلف آهي. انسان کي اهڙو وجود گهرجي جيڪو صنعتي تبديلين کي قبول ڪرڻ جي قابل هجي. انسان اندر اهڙي انقلابي صورتحال آهي جو هن جي جسم جو هڪ حصو ٻئي حصي سان جنگ ۾ مصروف آهي. انسان جي بقا ان ۾ آهي ته هو هر قسم جي گدلاڻ کي قبول ڪري ماحول مطابق ڍلجي وڃي. پر اهو سڀ پاڻمرادو عمل آهي جيڪو جاري آهي ۽ رهندو. جنهن ۾ انسان جي خواهش ۽ مرضيءَ جو عمل دخل نه آهي.

اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته انسان ۾ جيئڻ جي لامحدود صلاحيت هوندي هن تي موت طاري ٿي وڃي ٿو. انسان پنجن حواسن سان زندگيءَ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو. ڇهون حواس کيس موت کان خبردار ڪري ٿو. هن جي رڳ رڳ زندگيءَ لاءِ واجهائي ٿي پر پوءِ به موت حاوي ٿي وڃي ٿو.

ان جو سبب اهو آهي ته موت اڳواٽ مخفي (Precoded) آهي. اهو مقدر جيان هن جي ڪروسومز جي تخم (Gene) تي لکيل آهي. اهو ڪيئن لکجي ويو؟ ڇو لکجي ويو؟ انسان جيئڻ لائق ڇو نه هجي پر امرتا جي حدن کي ڇهي نه ٿو سگهي.

تند جيوگهرڙا (Fibroblasts) جيڪي انسان جي جيوگهرڙن جي گروهن (Tissues) ۾ موجود آهن. انهن کي اها فوقيت حاصل آهي ته اهي وڌيل عضوا پيدا ڪري سگهن ٿا. تند گهرڙن کي ليبارٽريءَ ۾ خاص ماحول ڏئي ان حد تائين ورهائي (Proliferate) ڪري سگهجي ٿو جو ان مان عضوو (Organ) ناهي سگهجي ٿو. ورهاست دوران هر جيوگهرڙو اڳلاٽپ (Mitosis) جي عمل مان گذري ٿو. هڪ خاص حد تي اچي اها ورهاست رڪجي وڃي ٿي ۽ جيوگهرڙو وڌيڪ ورهائجي نه ٿو سگهي.

هڪ تازي ڄاول ٻار مان حاصل ڪيل تند جيوگهرڙو (Fibrolast) پنجهٺ دفعا ورهائجڻ کانپوءِ وڌيڪ ورهاست جي قابل نه ٿو رهي. ائين سمجهڻ گهرجي ته اها ان جي حياتيءَ جي حد آهي.

اهو سڀ ان ۾ اڳواٽ مخفي (Precoded) آهي. جڏهن ته ان جي پيٽ ۾ هڪ پروجيريا (Progeria) جي مريض جو تند جيوگهرڙو (Fibroblast) پنجٽيهه دفعا ورهائجي وڌيڪ ورهائجي نه ٿو سگهي.

پروجيريا (Progeria) پيدائشي نقص آهي جنهن ۾ انسان جي عمر ننڍي ٿئي ٿي. اهو جلدي جوان ٿئي ٿو ۽ پوڙهو ٿي مري وڃي ٿو. هن جي عمر سورهن ۽ ٻاويهن سالن جي وچ ۾ ٿي سگهي ٿي. هندستان ۾ ان موضوع تي "پو" نالي هڪ فلم به ٺهيل آهي جنهن ۾ پروجيريا جي مريض جو ڪردار مشهور اداڪار اميتاب بچن ڪيو.

جيئڻ جي جدوجهد جي حد آهي ۽ ان حد کان جدوجهد جي ڪا به گنجائش موجود نه آهي. اهائي صورت حال آهي جيڪا ارتقا (Evolution) جي تصور سان متصادم ٿئي ٿي. جيڪڏهن Survival of fittest آهي ته پوءِ موت طاري ٿيڻ جو سبب سمجهه ۾ نه ٿو اچي يا ائين چئجي ته Nobody is fit to survive – انسان اجان مڪمل نه ٿيو آهي، هن ۾ اڳواٽ مخفياتي سرشتو (Precoded System) سمجهه ۾ نه ٿو اچي. اهو سوچڻو پوي ٿو ته ڇا اسين ڪنهن جي تابع آهيون يا هر شيءِ پاڻ مرادي آهي. اهو ئي سبب آهي جو مان منڪر (Atheist) نه آهيان پر منجهيل (Agnostic) آهيان. ڪڏهن مونکي سمنڊ جي سڀ اندر خدا موتيءَ جيان نظر اچي ٿو ۽ ڪڏهن سڀ خالي آهي ۽ مان موجود آهيان. توهان جيڪڏهن بيرجي ڊلائيءَ جي ڪارخاني جو جائزو وٺندا ته مها ڪاريگر واري وچائي ان ۾ مطلب جا سانچا ٺاهيندو آهي ۽ مزدور بير بنيءَ ۾ گرم ڪري رجائي انهن سانچن ۾ اوتيندا آهن. بير ٺڏو ٿي سانچي جي صورت اختيار ڪندو آهي، انسان به ائين فطرت جي سانچن ۾ ڍلجي وڃي ٿو.

انسان جي هيت (Formation) ۽ خوبيون (Properties) فطرت جي سانچن ۾ پروان چڙهن ٿيون. ڊارون (Darwin) چيو "انسان حالتن موجب ڍلجي ٿو."

ائين نه آهي پر "حالتون انسان کي ڍالين ٿيون."

ڍلجڻ ۾ انسان جو ڪو ڪردار نه آهي. منهنجي خيال ۾ اهو سڀ خودڪار (Autonomous) آهي. اها خاصيت انسان ۾ ڪيڏاهن آئي. مون وٽ ان جو ڪو به جواب نه آهي!

انسان هر لمحي ۽ لحظي جسماني تبديلين کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي. حياتي پڳ جيان هن جي مٿي سان ويڙهيل آهي. ڪنهن جي پڳ ننڍي آهي ڪنهن جي وڏي، ڪنهن جي ميري آهي. ڪنهن جي اجري.

زندگي گذارڻ پاڻ تي تشدد ڪرڻ آهي. اسان جي جستجو وجود جو ڦتڪڻ آهي. اسين ان صابڻ جيان آهيون جيڪو حياتيءَ جا داغ ڌوئي ڳري وڃي ٿو. زماني جا ذائقا چکيندي هڪ ڏينهن ڦڪا ذائقا وڃن ٿا. رت جي شگر (Sugar) اکين کي ان حد تائين متاثر ڪري ٿي جو هر نظارو ڪوڙاڻ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. گڙدا ۽ دل آڪاڙي ۾ ملهه وڙهندڙ پهلوان جيان ٿڪجي پون ٿا. ڪروموسومز ۾ موجود موت جو اڳواٽ مخفي تخم (Precoded gene of death) اسان کي موت لاءِ تيار ڪري

ٿي. مرڻ کان اڳ زماني سان ٻڌل ڏاڪا پراڻا ٿي چڙن ٿا. عشق ۽ حُسن جا ڏاڪا، خوشين ۽ غمين جا ڏاڪا، رشتن ۽ دوستن جا ڏاڪا، ڪائڻ پيئڻ ۽ "سمهڻ" جا ڏاڪا. اسان کي اهڙو تخم تياري ڪري ٿو ته ايندڙ مرحلو ڪهڙو آهي. پوڙهي جي بخيلائپ فطري عمل آهي. ان جو ڪُرڪڻ جائز آهي. ان جون اڪيلائيون. اڪين جي ڳوڙهن ۾ ترندڙ حسرتون، مايوسيون ۽ پڇتاءُ پاڻ مرادو ظاهر ٿيندڙ آتم نرآستيءَ جون نشانيون آهن. جمڻ کان مرڻ تائين فطرت اسان لاءِ آسانيون پيدا ڪري ٿي. پر اسان انهن کي مشڪل بنائي وجهون ٿا. فطرت اسان کي هر گهڙي ايندڙ گهڙيءَ لاءِ تيار ڪري ٿي، ائين جيئن نندي ٻار کي اسڪول موڪلڻ لاءِ ماءُ تيار ڪندي آهي. اسين دنيا ۾ پهچي غفلتن جي سمنڊ ۾ غوطا کائون ٿا. حاصل ڪرڻ جي حسرت ۾ سڀ وڃائي ويهون ٿا. تابڪاريءَ کان تماڪوءَ تائين ۽ حِرس کان حسرت تائين تناءُ (Stress) جي ڏاري ۾ وهي ٻڏي وڃون ٿا.

آتم نراشتي هڪ فطري عمل آهي ۽ ان تحت ڏرتيءَ ۾ ڏاڳن سان ٻڌل انسان الڳ ٿي اڻ هوند (Nothingness) ۾ تبديل وڃي ٿو.

o

نالوئي رفيق هيو!

”ڦيٽي ۽
قسمت جي
چڪر ۾
وڏو فرق آهي.“

فطرت انسان کي قلعي جي پٿ جيئن تراشيو آهي، انسان زندگيءَ ۾ المين جا ڏک برداشت ڪري ٿو پر مسلسل ڏک ڪيس ڍاهي وجهن ٿا.

رفيق سومرو ڀرپور جوانيءَ ۾ ارڏو ۽ بي باڪ هيو. هڪ سگهارو ليکڪ، ايڏو پڙهيل جو هن سان جنهن ڳالهايو ان پرايو. پر المين هن کي نهوڙي وڌو. انسان جڏهن بي وس ٿي ويندو آهي ته پاڻ کي اڻ ڏٺل حوالي ڪندو آهي، رفيق به هٿيار ڦٽا ڪيا پر نتيجو اهو نڪتو جو موت ان بي هٿيار ماڻهوءَ تي قابض ٿي ويو.

موت غم جو دوست ۽ خوشيءَ جو دشمن آهي. موت فطري طرح خوش انسان کان ٽاهه کائي ٿو. خوشيون حياتيءَ کي ڊگهو ڪن ٿيون ۽ درد انت جو در کولن ٿا.

”منهنجو دوست رفيق دنيا مان موڪلائي ويو.“ لکندي قلم تي اعتبار نه ٿو اچي. اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟! ان جي عمر ايڏي پڪي نه هئي جو موت ڪيس پٽر هٽي لاهي وٺي. فصل ۽ ميوي جي مند هوندي آهي، موت جي ڪا به مند نه آهي. پر جيسين موت تي يقين نه اچي هو منهنجي دل ۾ جيئرو آهي. هو منهنجي تصور ۾ ڳالهائي ٿو. سوچي ٿو. هوٽل جي ڪارنر ۾ چانهه جو ڍڪ ڀري مرڪي ٿو. هڪ خوبصورت جوان جنهن جي منهن ۾ جذبن جو رت ڇوليون هڻي ٿو. هن وٽ جواب آهن، ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جون حسرتون آهن.

هن ون يونٽ ڪانپوءِ واري ٿهيءَ جي اڳواٽي ڪئي. سندس سڀ کان خوبصورت ڪهاڻيون ستر واري ڏهاڪي ۾ ”سوجهرو“ ۾ ڇپيون. هو جنهن تيزيءَ سان اڀري سامهون آيو ان تيزيءَ سان پس منظر ۾ هليو ويو. هو چوندو هيو ”مون کي نظر لڳي آهي. مون تي تعويذ ٿيا آهن.“ منهنجو به عقيدو آهي، جي نظر ۽ تعويذ اثرانگيز آهن ته انهن جو سڀ کان پهريون شڪار منهنجو دوست ئي ٿيو هوندو.

”انسان جي ڳولا“ هن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي جيڪو 1978ع ۾ شايع ٿيو. رفيق جون ابتدائي ڪهاڻيون امر جليل کان متاثر آهن پر پوءِ هن پنهنجي انفراديت ڳولهي لڌي، هن وٽ پنهنجو انداز آهي، پنهنجو اصلوب آهي. رفيق سومرو حقيقت نگار اديب آهي. هن پنهنجي آس پاس

ٽيندڙ واقعن کي پنهنجي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هن هڪ صوبيدار جي خودڪشيءَ تي ڪهاڻي لکي هئي. صوبيدار جا مائٽ هن سان وڙهڻ آيا هيا. هن اهڙا ڪيترائي واقعا سچائيءَ سان بيان ڪيا آهن.

هن جو ٻيو ڪتاب "پيار جي هڪ صدي" 2011ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ ناويلا "انساني تماشو" ڪهاڻيون، خط، تنقيد ۽ تاثرات شامل آهن. سندس ناويلا پنهنجي ئي زندگيءَ متعلق آهن. ان ناويلا جو مک ڪردار هن جي امڙ آهي. ناويلا پڙهڻ سان دل پرجي اچي ٿي. پر ان ۾ حوصلو سمايل آهي ته انسان پنهنجي تقدير جو مالڪ پاڻ آهي. الميا مقدر يا تقدير جو حصو نه آهن.

رفيق ننڍي هوندي پيءُ جي پاڇي کان محروم ٿي ويو. هن جي ماءُ هڪ عظيم عورت هئي. مون زندگيءَ ۾ اهڙي حوصلي واريون عورتون گهٽ ڏٺيون آهن. مون رفيق جي امڙ کي ڪڏهن مايوس نه ڏٺو. هو امڙ جي دعائن جي صَلي ۾ ئي وڏو آفيسر ٿيو.

اهو 1978ع وارو دور هيو، جڏهن رفيق سومرو ڪراچيءَ کان سکر موٽيو. ڪراچيءَ ۾ هو سوويت يونين جي سفارتخاني ۾ قائم ڪيل سنڌي سيڪشن ۾ ڪم ڪندو هيو. جنرل ضياءَ جي ڏينهن ۾ اهو سيڪشن ختم ڪيو ويو ته هو سکر موٽيو. سکر اچي هن ادبي سرگرمين ۾ حصو ورتو. سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو هيو. مون کي اڄ به اهو سوچي حيرت ٿئي ٿي ته رفيق جڏهن سکر آيو ته اسان جا ڪجهه وڏا اديب هن کان ڊنل هوندا هيا ته شايد کيس انور پيرزادي يا ڪاٻي ڌر ڪراچيءَ کان انڪري موڪليو آهي ته جيئن سکر وجي ادبي سنگت تي قبضو ڪري سگهي. مون کي ذاتي طرح خبر آهي ته رفيق جو اهڙو ڪو به ارادو نه هيو.

رفيق منهنجو همر عمر هيو. ٻنهي جي پيدائش جو سال ساڳيو آهي. پرائمري اسڪول کان هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني تائين مون هن کي ڏٺو پر ويجهڙائپ ستر واري ڏهاڪي ۾ ٿي. ادل سومرو ۽ اياز گُل ساڳي قافلي جا همسفر هيا.

مون کان اهي پڪنڪ پارٽيون ڪڏهن وسري نه ٿيون سگهن، جيڪي اسان ستين جي آستان، ساڌ ٻيلي، بکر ۽ ابل واهه تي ڪيون. انهن پارٽين جو سرواڻ عبدالرحمان پتو هيو جنهن ۾ رفيق، ادل ۽ مون کانسواءِ ٻيا دوست شريڪ ٿيندا هيا.

رفيق سومرو ڇهين مارچ 2014ع خميس جي ڏينهن گذاري ويو. سندس وڇوڙو ادب جو انڪري نقصان آهي جو هو هڪ وڏي مطالعي وارو اديب هو ۽ لکيل پڙهيل اديبن جو تعداد سنڌي ادب ۾ لوڻ برابر آهي. هو صرف سٺو اديب نه پر هڪ سٺو دوست پڻ هيو. ڇو جو هن جو نالو ئي رفيق هيو.

٥